# نياريون وٿون

(هڪ سؤ هڪ ننڍڙا مضمون)

ٻارن لاءِ ڪتاب



محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ

# نياريون وٿون

[هڪ سؤ هڪ ننيڙا مضمون]

محمد اسماعيل عرساڻي

سنڌي ادبي بورڊ
جامشورو سنڌ
2005ع

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[ هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن ]

چاپو پهريون سال 1980ع تعداد 3000
چاپو ٻيو سال 2005ع تعداد 1000

قيمت: سَٺَ روپيا
[Price; Rs: 60-00]

ملڻ جو هنڌ:
سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد
(فون نمبر 633679)
Email Address: Sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ۾ سيد سڪندر علي شاهه مئنيجر پرنٽنگ پريس ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڇپائيندڙ پاران

سُتريل ٻولين جي شاهوڪار ادب ۾ ٻاراڻي ادب جي تحريرن/لکڻين کي هڪ ڌار ۽ خاص اهميت حاصل آهي. جهڙي طرح ڪنهن به عاليشان عمارت جي تعمير جو خواب تيستائين پورو ٿيڻ ممڪن ناهي، جيستائين پڪي پيڙهه، مضبوط اوسر ۽ ڌيان سان ڀرپور ڪاريگريءَ جو ان ۾ دخل نه هجي. ساڳيءَ ريت ڪنهن به خطي جو ادب شاهوڪار علمي ورثو رکندڙ ٻولين سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي بيهي نٿو سگهي. جيستائين مَنجهس ٻاراڻين تحريرن/لکڻين جا مٺيادار موتي اسري نٿا اچن.

جيتوڻيڪ سنڌي ادب جيِ ٻاراڻي ڀاڱي جو ڪم جنهن معيار سان ٿيڻو گهرندو هو، اهو ته نه ٿي سگهيو آهي، پر تنهن هوندي به هن سلسلي ۾ جن ليکڪن، قلمڪارن پنهنجون تخليقي صلاحيتون بروءِ ڪار آڻيندي عالمي گهرجن وٽان ٻاراڻو سرجڻ جي ڪوشش ڪئي منهنجي نظر ۾ ان کي يڪسر رد ڪري ڇڏڻ به بيقدريءَ جو مظاهرو ٿيندو.

زير مطالع ڪتاب "نياريون وٺون" بابت هاڪاري راءِ ڏيڻ رڳو "لفظي ميار" لاهڻ جي برابر ٿي ناهي، بلڪ ڪتاب ۾ ليکڪ جنهن شاندار نموني روزمره جي زندگيءَ ۾ وساريل/غير اهم ڄاڻائي نظر انداز ڪيل شين جي اهميت نصيحت آموز انداز ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ان سان ٻارڙن جي ذهني پرورش ۽ معلوماتي سگهه ۾ اضافو ٿيڻ کان سواءِ وڏڙن جي ذهن ۾ ڪيترن ئي وساريل شين جا عڪس ۽ اهميت اڀري اچڻ جي اميد پڻ آهي. ڪتاب ۾ جيڪا نج، ڌاري ٻوليءَ جي اثرن جي گدلاڻ کان آزاد سنڌي ٻولي ڪتب آندل آهي. سچ ته ان کي ڏسي دل ٺري پوي ٿي.

ڪتاب جي اهميت جو اندازو ان حقيقت مان به لڳائي سگهجي ٿو ته 1980ع ۾ هن ڪتاب جي پهرين ڇاپي طور ڇپرايل ٽي هزار ڪاپيون ڪجهه وقت اندر ئي هٿو هٿ وڪامي ويون، ڪافي وقت کان ان کي ٻيهر ڇپرائڻ جي رٿا بورڊ انتظاميه جي ويچار هيٺ هئي. آئون پاڻ کي ڀاڳوند ڀانيان ٿو جو ڌڻي تعاليٰ هڪ نيڪ ڪم کي مڪمل ڪرڻ جي سعادت جو شرف بخشيو اٿم.

ڄام شورو سنڌ
10 جنوري 2005ع
بمطابق 28 ذوالقعد 1425 هجري

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# مهاڳ

هيءُ "نياريون وتون" ٻالي سان ڪتاب جنهن ۾ ڪُل هڪ سؤ هڪ ننڍڙا ليک لکيا اٿم ، سو پڙهندڙن جي اڳيان آهي.

سنڌي ساهتيہ جي گهٽگهرن کان گهڻو ڪري اهوئي ٻول ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ، تہ اسان کي پنهنجي لکيتن ۾ نج سنڌي لکڻ گهرجي ، پر وري بہ جڏهن لکندا آهن تہ اهائي ڌارين ٻولين جي اکرن جي ڀرمار هوندي آهي. چي ، ان کان سواءِ اسان جا ليک ٻُسا ٿيو پون. ائين بہ چوندا آهن تہ : نج سنڌي لکڻ ۾ اسان کي ڏاڍي اهنجائي ٿئي ٿي ۽ لکت جي ٻولي بہ سهڻي نٿي ٿئي ، ان ڪري لاچار آهيون.

پر مون جيڪي ڪجھ لکيو آهي ان ۾ نج سنڌي ٻوليءَ جو ڌيان رکيو اٿم . رڳو اسم خاص ، پهاڪا ، چوڻيون يا بيت جيئن آهن تيئن لکيا اٿم ، ٻيو سڀڪجھ نج سنڌي ٻولي آهي. مون کي تہ سلوڻي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ نہ ٻُسي يا الوڻي. پڙهندڙ هن ڏس ۾ پاڻ پڙهي نياءُ ڪن. ڪي ڪي اکر جهڙوڪ زور (ٻل) خبر (ڪَل)، خير (سک) ، شيءِ (وٿ) ۽ اهڙا ٻيا اکر جي سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا تہ گڏ سڏ ٿي ويا آهن ، جي نج کان بہ نج ڏسڻ ۾ اچن ٿا . انهن جي لکڻ کان بہ نہ مڙيو آهيان. "شيءِ" اکرن نج عربي آهي ، پر اسان جا ننڍا ٻار بہ شيءِ شيءِ چوندا آهن. پر "وٿ" اکر سمجهندائي ڪونہ. ان طرح "وقت" اکر سولائيءَ سان اُچاريندا ، پر "ٽاڻو" نہ سمجهندا ۽ نہ چوندا . اهڙا اکر "نياريون وتون" ۾ ڳاڻ ڳڻيا مس ليندا . جن جا نج سنڌي بدل بہ آيم ٿي ، پر انهن جي لکڻ ۾ ڪوبہ ڀولو نہ ڄاتم . ان هوندي بہ منت ٿو ڪريان تہ جيڪڏهن ڪا ڀُل

ڇُوڪ ڏسڻ ۾ اچين ته پنهنجا ٻال ٻَلائي اُها ليکي ۾ نه آڻين. چوندا آهن ته "ٻُلئي ڇُڪئي مار ڪانهي!"

هن ڪتاب ۾ جيڪي ليک ڏنا ويا آهن، سي سڀ هڪ يا ٻن نمونن جا مس ٿيندا. انهن ۾ رڳو ٻارن سان ٻه-چار ٻول ڪيا ويا آهن. هي سڄو ڪتاب ٻارن جي جاڻ وڌائڻ لاءِ سٽيو ويو آهي، پر آس اٿم ته وڏن کي به ان مان گهٽ نه لاڀ پراپت ٿيندو. مون کي هن ڪتاب لکڻ ۾ ڪا گهڻي ويرم ڪانه لڳي آهي. ڏهاڙي پنج- ڇهه ليک لکندو هوس ۽ منهنجو پُٽڙو اعجاز، اهي سنئن اکرن ۾ اتاريندو هو. اهڙيءَ ريت هڪ مهيني ۾ هيءَ سوکڙي لکي وجي پار پيس.

هن ڪم ۾ منهنجي ياٺيجي شمس الدين عرسائيءَ مون سان ساٿ ڏنو آهي، ان جو ٿورائتو آهيان.

جيڪڏهن منهنجو پورهيو پڙهندڙن کي وڻيو ته ڏاڍي سرهائي ٿيندم ۽ ڏٺيءَ سگوري جا ٿورا مڃيندس، جنهن هيءَ همٿ ڏني. اڳتي به اُن ننگيءَ تي ننگ آهي!

ننگ ننگيءَ تي ننگيءَ نار،
ڪيئن وساريان سو سردار!

جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي پارکن کي هي منهنجون پچارون وڻيون ته مون لک ڪٽيا. هن اڳهائيءَ جي سَمي ويهي وندر ڪئي اٿم ۽ رنڊا روڙيا اٿم. هاٺي به:

جي اڳهي ته ڪائو ڪچ.
نه تـه ماٺڪن مـوتي ٿئي!

محمد اسماعيل عرساڻي
حيدرآباد سنڌ
آڪٽوبر 1979ع

# فهرست


| | |
|---|---|
| 1- ڪک | 1 |
| 2- مٽي | 3 |
| 3- ڇيٽو | 6 |
| 4- ڏهيون، ڪونڌا ۽ ناوا | 8 |
| 5- آڪڙيون ٽڪڙيون | 10 |
| 6- ڪُنپيون | 13 |
| 7- ڪِيوليون يا ماڪوڙيون | 14 |
| 8- ڪوريئڙو | 17 |
| 9- ٻڙي | 20 |
| 10- ڪانءُ | 21 |
| 11- جُتي | 23 |
| 12- ڀنپوري | 25 |
| 13- ڪڙڪُپيتو | 26 |
| 14- ٿُوهه | 28 |
| 15- ٻيِ پاڙي | 29 |
| 16- ڇپڙُ | 30 |
| 17- پَئُنرُ | 31 |
| 18- ڄئُرون | 33 |
| 19- ڏنگُ | 34 |
| 20- ڳاهُ | 35 |
| 21- آرونُ | 37 |

22- ميٺھن وساڙو ........................... 38
23- گھريتڙي ........................... 40
24- ڦوٽو ........................... 42
25- واچوڙو ........................... 44
26- ڏُٻَرُ ........................... 45
27- شرم ٻوٽي ........................... 46
28- رُڃَ ........................... 48
29- انڊلٺ ........................... 50
30- سَن ........................... 51
31- ڄارو ........................... 53
32- ڏٻند ........................... 54
33- پورُو ڪينئون ........................... 56
34- ڄاھو ........................... 57
35- ڪُمُ ........................... 59
36- ڪيڪڙو ........................... 60
37- چمڙو ........................... 61
38- هَرڻُ ........................... 63
39- گينگو ........................... 64
40- ڪاتِرو ........................... 65
41- سِپون ۽ ڪوڏيون ........................... 66
42- سؤپيري ........................... 68
43- سونا گيڙو ........................... 69
44- ڪُت ........................... 71

68- ٻُسي، ڏؤنرا ۽ ٻَڪا ........................ 104
69- ڳجهه ........................ 106
70- سانباهو ........................ 107
71- سُرو يا گهٽو ........................ 108
72- نورُ ........................ 109
73- ساندو، ڳِلوئي ۽ ڳوهه ........................ 111
74- چهرو ........................ 111
75- لُنڊڙو ........................ 113
76- ٻاٽيءَ جا ٻڪي ........................ 114
77- ٻَر جون بلائون ........................ 115
78- لِيار ۽ ڳاڱيون ........................ 118
79- گيدوڙا ۽ ليسُوڙا ........................ 118
80- مڇيون ........................ 119
81- سائون ........................ 121
82- ڦُلا ۽ ڀُڳڙا ........................ 122
83- ڳنا ........................ 123
84- رُمي ........................ 125
85- سارين جون بيماريون ........................ 126
86- پينهون ........................ 128
87- ڪت ........................ 129
88- ڇاپُرو ٻير ........................ 130
89- ڪَميري ........................ 132
90- گهوٻاٽو ........................ 133

| | | |
|---|---|---|
| 91- آپوُن | ........................... | 135 |
| 92- لپئي | ........................... | 136 |
| 93- پنجيري | ........................... | 137 |
| 94- ٽونٽا | ........................... | 137 |
| 95- جهُل ءِ نَتَ (نطع) | ........................... | 139 |
| 96- پوکر | ........................... | 141 |
| 97- ميٿ | ........................... | 142 |
| 98- ڪسوتي | ........................... | 144 |
| 99- پڙلاءُ يا هوبو | ........................... | 145 |
| 100- پتڙ | ........................... | 146 |
| 101- وهائي | ........................... | 147 |

آءٌ هيءُ ننڍڙو ڪتاب ”نياريون وٿون“ وڏيءَ سِڪ سان سنڌي ٻوليءَ جي سيني سڄڻ اڳيان جهوليءَ ۾ جهلي آڇيان ٿو، پوءِ ڪٿي اُهي هن ذرتيءَ جي کهڙي ٻه ياڳي ۾ وسندا هجن:

پلئه پايو ڪچ، آڇيندي لڄ مران!

# نياريون وٿون

ڪري- آهن ته ڪٽڪ جون تيليون ۽ سَرن جا تيلا به ڪک. هاٿي انهن ڪکن جو مُلهه ڪَٿي ڏسو.

سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "ٻڏندو ماڻهو ڪکن جو سهارو ڳولهي." هن پهاڪي جي پچ گهڙ ڪبي ته سمجهه ۾ اهائي ڳالهه ايندي ته ماڻهوءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ڪک به سهارو ڏئي ٿو- اهو به ٻڏو هوندوَ ته سياڻن چيو آهي ته، "جو ڪک جو چور سو لک جو چور."

هن جي مراد به اهائي ٿيندي ته جيڪو ڪک جهڙي برو بر ملهه واري شيءِ چوري ڪندو، سو لک جي چوري ڪندي به نه گُسندو. جيترو لک جو چور ڪپتيو سڏبو، ڪک جو چور به اوترو ئي ويساهه ڪانُ ڪِريل هوندو. ڪک جي اکر کي ڏاهن ڪيترو نه پهاڪن ۾ ڪم آندو آهي ۽ان مان ڪيترا نه ڳڻ ڳولي ڪڍيا اٿن.

ماڻهو ته پنهنجي جاءِ تي، پر پکي پکڻ به ڪکن سان ئي پنهنجا آکيرا ٺا جوڙين- جهرڪين جا آکيرا ڏسو ۽ رنگارنگي ننڍڙن چيهن جي گهرن تي نرت وجهو- اهي کهڙا نه سهڻا ۽ سوپياوان هوندا آهن. وڻن ۾ لڙڪندا پيا آهن ته اهي ڪيئن نه پيا من کي موهيندا ۽ سيبائيندا آهن- اهي ويچارا نه ته سرون گڏ ڪن ٿا نه لوهه جون سيخون- اهي ڪک ئي ته آهن جي انهن جي مانجهاندي جو ماڳ آهن- پکي پکڻ جڏهن آنا لاهين ته انهن کي ڦوڙڻ تائين انهن ڪکن جي وچاٽي تي ئي رکندا آهن- سڪين ستابن جا هند وهاٽا برابر ملهائتا آهن پر هي ڪک چا ۾ گهٽ آهن.

هيءَ پرتوي رڳو سوچڻ جي جاءِ آهي- اهي شيون جن کي اسين ڪي ڪين ٿا سمجهون، انهن تي ويچار ڪرڻ سان اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو ته خدا هر هڪ شيءِ کي ماڻهو ۽ ٻين ساهه وارن لاءِ هڪ جهڙو املهه ڪري جوڙيو آهي- پوءِ اسان کي مورهين نٿو جڳائي ته ڪک کي لک ڪان ۽ هيٺي کي ڏاڍي ڪان گهٽ سمجهون. خدا جي جوڙيل شين کي هڪ ٻئي ڪان گهٽ وڌ چو چاٽجي؛ چو نه سڀني شين کي هڪجهڙو مانائتو سمجهون ۽ خدا جي هنن سڀني شين

جا هڪجهڙا تورا ڳايون.

ڏٺيءَ جـا اسين گيت ڳايون سدا ،

اڳيان تنهن جي سر پڻ نمايون سدا .

تر جا ابوجهه ماڻهو ويچارا ته مال جي ڳاهه ڪي، جڏهن اهو وسڪاري ۾ ڦٽي نروار ٿئي ته چون ٿي ائين ته "ادا ، هن پيري ڪک جام ٿيو آهي." اسان جي تر لاءِ ڪک ٿي ته جياپو آهي، ڪک آهي ته -ڏڌ ، لسي ، گيهه ، مکڻ، مَنُو آهي نه ته اسين مارو ماڻهو نه مُئن گڏ نه جيئرن پيڙا . پلاٽي ڪري ڪک کي ڪڏهن به نڪمي شيءِ نہ سمجهندا ڪريو ، ايئن ڪرڻ سان ڏٺيءَ جو ڏمر پراپت ٿيندو جنهن کان بچندا رهو . منهنجي اها وياکيان اتو جنهن کي سدائين چت تي رکو ۽ وساريو نہ.

"اها سگهڙ سُمَت، چوکي رک تون چت ۾!"

## 2- مٿي

واءُ لڳي ٿو ، مِٽي اُڏامي ٿي. اسان جو ڏيل يا بُت مٽيءَ سان پرجي وڃي ٿو ، هنڌ ٿپڙ ، ڪپڙا لٽا ، گهر گهاٽ ڌوڙ ٿيو وڃي. اسين پنهنجو پاڻ کي پيا چنڊيون ڦوڪيون، ٿپڙ ٿاڙي چنڊيون ۽ گهر کي ٻهاري ڏيئي اجوا جرو ڪريون، وهنجي سهنجي پاڻ کي اُجرو ڪريون. ڳالهه جو ونءُ ڳاتو ته مٽيءَ کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ سيئي جتن ڪريون. سائينءَ کي ٻاڏايون ته اي ڏٺي، مٽيءَ کان ڇوٽڪارو ڏئي، مٽيءَ ڏاڍو ڏکيو ڪيو آهي. ڏسو ته مٽيءَ کان ڪيتري نہ ٻچان ٿي اچي! پر اڙي آدم جا پُٽڙا، ڪڏهن ان ڳالهه تي به سوچيو اٿئي ته مٽي ڪهڙي نہ مُلهائتي وٿ آهي. جنهن کي تون هڪ نڪمي شيءِ سمجهين ٿو اها ڪيتري نہ ڪمائتي آهي. هن ڳالهه تي سوچ ويچار ڪر ته ڏنڍين اڳريون اچي وينديءَ ۽ اهو چوڻو پونديءَ ته هاءِ آءُ ڪيترو نہ پليل آهيان.

اها جانچ ڪئي اٿئي ته تون نهيل ڇا مان آهين! مٽيءَ جو پتلو نہ آهين؟ قرآن پڙهي پٽي ڏس، سياڻن ۽ ڏاهن کان پڇا ڪر ته پڪ ٿيئي، آخوند محمد

قاسم ڪين چيو آهي تہ:

ڪين آهين، نيٺ ٿيندين ڪين، ڪو ڪارج ڪماءِ،
جو اچيئي ڪم سيان، بيو سڀ ڦٽو ڪر ڪار ڪم.

اوهان ٻڌو هوندو تہ مٽيءَ ڪي خاڪ بہ چوندا آهن ۽ ماڻهوءَ کي خاڪي يا خاڪ جو پتلو بہ، انهيءَ ڪري ئي سڏيندا آهن. اها ڳالهہ تہ توکي مڃڻي ئي پوندي تہ نهيو بہ مٽيءَ مان آهين ۽ مرڻ کان پوءِ بہ مٽيءَ يا ڌوڙ ۾ ئي لٽيو ويندين. مانُ سمورو مٽيءَ ڪي مليل آهي، نہ ڪَل ۽ هڏن ڪي. اِهي تہ سڙي وري بہ مٽي ٿي ويندا. مٽيءَ ۾ ڪجهہ تہ آهي جو مري ويلن جي ٻُنيءَ تي سيڪو اچيو سلامي ٿئي. لطيف سائين ڪين چيو آهي تہ:

ساري رات سنبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
ان جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، اچي آسڻ ان جني.

لطيف سائين بہ مٽيءَ ڪي مانُ ڏنو آهي، نہ چمڙ، هڏن يا ساهہ کي. ڪن الله وارن بہ چيو آهي تہ ابا پٽڙ نہ ٿيو پر مٽي ٿي رهو، چو تہ اها مٽي ئي آهي جنهن مان گل ڦل ڦٽن ٿا، پٽڙ تي پلي تہ ڪيترائي ڪکر وسن پر ان مان ڪجهہ بہ ڪين اپرندو. مٽيءَ واري ڌرتيءَ تي سيڪو اوپر: اناج، ميوا ۽ وڻ ٽڻ اُسرن ٿا، جنهن مان ڏسبو تہ مٽي ڪيتري نہ لاڀ واري آهي.

اڻ هوند وارن جا آجها بہ مٽيءَ مان تہ نهندا آهن. گنب جي مٽيءَ جون پتيون يا ڪَچين سرن جي اوساري بہ مٽيءَ جي ئي پلاٽي آهي. لنب چنپ بہ مٽيءَ مان ئي ٿئي، مٽيءَ جا نهيل ٿانوَ وري آويءَ يا نهائينءَ ۾ ڪٽي پچايو تہ اهڙا سهٹا ٿيو پون جو ڏني اکيون پيون نرن: ڪُنا، دانگيون، پاتيون، پاتوڙا، ڦيلهيون، جمنيون، ڪونڊا، ٺپا، دڪيون، دلا، مٽ، گُگهُيون، جنڊڙيون ۽ ٻيا پانت پانت جا رانديڪا. اسان کي اهي مٽيءَ جي مهر سان ئي ملن ٿا. مٽي ڌرتي آهي ۽ ڌرتيءَ کي ماتا يا ماءُ سڏيو ويو آهي. موتي ان جي پيٽ ۾ ئي

سواءِ ڪم جي ڏٺيءَ اپائي هجي. مصحف شريف ۾ آهي تہ 'ماخلقت هـٰذا باطلا' . ڏٺي سائين ڪابہ وٿ اجائي نہ بنائي آهي. جڏهن مٽيءَ تي مينهن پون تہ سوڪ ڪائڻ ڪانيوءِ جيڪو تهہ بَڌي وبندي آهي، ان مان سرهاڻ اچڻ لڳندي آهي، ان ڪري ماڻهوءَ پنهنجي سمجهہ هلائي ان مان مٽيءَ جو عطر بہ ناهيو آهي. هونءَ بہ مٽيءَ ۾ هرڪا سڙيل ۽ ڳريل شيءِ جيترو پراڻي ٿئي اوترو سٺي ياڻ جو ڪم ڏئي ۽ پوکون پليون ٿين. ڏسو تہ سڀي سڀڪا شيءِ مٽيءَ مان اُپري اُسري ۽ وري موٽي مٽيءَ ۾ وڃي. سبحان الله! سڀڪا واڪاڻ ڏٺي سڳوري ڪي آهي. اڳياڙيءَ ۾ بہ مٽي ۽ پڇاڙيءَ ۾ بہ مٽي. جڏهن اڳ بہ اها مٽي ۽ پوءِ بہ اها مٽي تہ پوءِ ان کان ڪهڙو اُهم ٿو لڳيو جو چرڪ ٿا پريو؟

## 3- چيٽو

ننڍا هوندا هئاسين تہ شهر جي گهٽين ۾ سوير ئي مايون ڪاچاٽيون هوڪا ڏينديون ڦرنديون هيون تہ "مائي چيٽا يتر ونو." ڪارو مٽي تي هڪ پاسي کان يتر ۽ هڪ پاسي کان چيٽو. هڪ-بہ گهٽيون ڦري آيون تہ سمورو مال ڪٽو.

ان سمي هندو هوندا هئا، جي اهو وڪر وهائيندا هئا. مون کي مات اچي ويندي هئي تہ نيٺ هي واٽيا چيٽا ۽ يتر ڏهاڙي ڇو ٿيون ونن! گهران امڙ کان پڇندو هئس تہ چوندي هئي تہ ابا ڳنون هندن جي ماتا آهي، ان جو چيٽو هو پوتر پائين ٿا ۽ گهر کي ڏهاڙي چيٽي ۽ يتر جو راڳو ڏيڻ هو پوترتائي سمجهن ٿا.

وڏو تيس ۽ تر ۾ نوڪريءَ سانگي ويس، اتي ڏٺم تہ برهمڻ ۽ ڪراڙ پنهنجي رڌڻ کي چيٽي مٽيءَ جي راڳي ڏيڻ کان سواءِ رڌ پچاءُ ئي نہ ڪندا هئا. سنان ڪري، جٽيون پائي، چاڪڙيون لاهي، پوءِ رڌڻي جي پوتي تي پير رکندا هئا ۽ روٽي بہ انهيءَ راڳي تي ويهي ٿالهيءَ ۾ رکي کائيندا هئا.

ڏياريءَ جي ڏڻ تي خرارن جا منهن اهو چيٽو ڪپندو هو. خرچ بہ ڪو

نالي ماتر ٿيندو هو. هتي اسان جي سنڌ ۾ هندو مايون ته چڙيو پر مسلمان زالون به چيٽي يا لڏ مٽيءَ سان گهرن جو پٽ لنبنديون هيون. رڳي مٽي ڪم نه ڏيندي هئي. چيٽي يا لڏ سان مٽي پڪي ٿيندي هئي ۽ سجو سال گهر جو پٽ ڏنل ليپي سان لوهه تي ويندو هو. تر ۾ مٽي ملڻ ڏکي هئي، ان ڪري واري چيٽي ۾ ملائي مايون گهر جي پٽ کي اوتو ڏيئي چڙينديون هيون. سندن لانيديون، چؤنرا ۽ چونڪيون سڀ انهيءَ اوتن سان سهڻا ۽ سٿرا پيا لڳندا هئا.

تر ۾ ته ڪانيون به ڏکيون هٿ ايندڀون هيون. ڦوڳن ۽ ٻاٿريءَ جي سنهين ڪانين ڪان سواءِ پيو سڪ. ان ڪري رڌپچاءَ لاءِ به چيٽن جا مُنيا ۽ ٽاڦون ناهي سڪائي رکبا هئا، جي رڌڻي جي چُلهه جي سونهن بنبا هئا. نه خرچ نه ڪابار، ڪاٺي مفت، ٻارڻ مفت، پاڻي مفت ڪهڙي ڳالهه ڪجي.

حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ اڄ به ڏسبو ته پورهيت مايون مينهن ۽ ڳائين جي پنيان ٿالهه مٿي تي رکي، لڳيون ايندڀون. ڳوهرَ ۾ وڃڻ وقت اهي ڳهٽين ۽ رستن ۾ بوسا لاهينديون ويندڀون هيون ۽ هي مايون ميڙينديون ويندڀون. جتي ڳوهر گڏ ٿيندي، اتي ته سا جهر سوير اهي مايون لوهي ٿالهه ڪٽيو هڪيون تڪيون بينل ڏسڻ ۾ ايندڀون آهن. اهڙيءَ پر چيٽو گڏ ڪري ان جا لولا ناهي ڏرتي تي ٿڦينديون وينديون ۽ ڪجهه ڏينهن سڪائڻ ڪانپوءِ ان جو وکرو ڪندي گهٽا ڪجهه ڏوڪڙ ڪمائينديون آهن. هن وقت جڏهن ڪوئلا چاليهه رپيا مڻ ۽ ڪانيون ويهه رپيا مڻ ملن ٿيون ته چيٽا ماڻهن کي رڌپچاءَ لاءِ گهٽي اوڄ ڏين ٿا ۽ سهانگي ۾ سهانگو ٻارڻ اهوئي آهي.

اها ته ٿي پڪن ڳوٺن جي ڳِر، پر ٻهراڙيءَ ۾ جتي مال مٿو ٿئي ٿو ۽ چيٽو گهَروُ گهرجن کان گهٽو وڌيڪ ٿئي ٿو، اتي ته وٿاڻن ميڙڻ ڪانپوءِ ان جا ڍ ڳ لڳائي ڇڏيندا آهن، جو نيٺ سڪي سڙي پلو پاڻ تي پوي ٿو، جو پاڻ به ٻنين کي ڏين ۽ ٻين کي به وڪڻن ۽ چڱي اُپت ٿئين.

چيٽي کان سکر ماڻهن کي بُچان ٿي اچي. نه رڳو ان جي ڪم آڻڻ کان،

ڪان پڪي تي ويندي، تڏهن ان کي آڏاڻن تي چاڙهي، اُٽڻ جهڙو بڻائيندا آهن. آڏاڻي تي تاڃي چاڙهڻ کان اڳ ان جي ڳنڍيٽي ٿيندي آهي، جنهن ۾ اوزار سان جدا جدا رنگن جا پتا پتا ناهي، اُميرين سان تندون ڳنڍيندا آهن. اها ته تي تاڃي، هاٿي پيٽي جو وارو ايندو، جنهن لاءِ نڙا کپن. اهي نڙا به مايون ارٽ تي ويهي نڙاندين تي پريندبون آهن. ٽڪُ ۾ نڙاندي وجهي ارٽ ڦيرائڻ سان پاسي ۾ رکيل اوبري مان تند نڙي تي ويڙهبي ويندي ۽ سوبن نڙا پري وجي پار پوندبون آهن. اهي نڙا ڪوري ڪٽي ويندو. پهريائين انهن کي پر ۾ رکيل ڪونڊي ۾ پسائي چڙيندو ۽ پوءِ هڪ هڪ ڪري ڪم آڻيندو. هڪ پيٽيءَ تي چڙهي ويندو ۽ ان کي هٿئي سان نوڪ ڏيئي ٻيو نڙو ڪڍندو. هڪ پَهروُ پورو ٿيو ته اهو نوڪ ڏيئي تُرائي سان ڦيرو ڏئي تُرُ تي چاڙهيندو، پر ان کان اڳ ۾ ان کي ڪنؤنر جي پوتي سان پسائيندو آهي ته ڪپڙو سپڪ رهي. اهڙيءَ پَر جڏهن تاڪيو، جو گهٽو ڪري ٿيهن هٿن جيترو هوندو آهي، سو اُجي تيار ٿيندو ته پچاڙيءَ ۾ سُٽ جون پوچڙيون، جن کي "ڏهيون" چئبو آهي، سي بچي پونديون آهن، جي وڏي ڦٽيون ڪبيون آهن.

جڏهن سڄو تاڪيو اُٺجي ويندو آهي ته تُر کي اُس تي سڪائي، پوءِ ڪپڙو تُر تان لاهي، تاڪيي وانگر ويڙهندا آهن ۽ پچاڙيءَ ۾ باقي نائو بچندو آهي، ان جا ڏاڳا مايون ڪيترن ئي ڪمن ۾ ڪم آڻينديون آهن ۽ ڇوڪرا به انهن مان ڏاڳ ـــي، ڪينهوڙن تي ويڙهي، سنا ڪينهوڙا تيار ڪندا آهن ۽ ڏهين جي ڏاڳن سان ئي ڪينهوڙن کي جاري ٻڌندا آهن. ناوا وري چلم جي نڙ ۽ ڳوءِ تي ويڙهي، انهن کي پسائي، نڙ تازو ڪبو آهي ته چلم جي ڦوڪ ٿڌي نڪري.

باقي رهيا ڪُونڊا. انهن مان به ڪيترا ڪم ورتا وڃن ٿا. مُنجهيل سُٽ کي ڪونڊا چئبو آهي. مايون جڏهن نڙا پريندبون آهن ته ڪڏهن ڪڏهن سٽ مُنجهي پوندو آهي ته اهو منجهيل سٽ چني، اڇلي ڇڏينديون آهن، جن کي.

ٿيون، انهن تي اسان ڪڏهن به هڪ مَنو ٿي ويهي، ويچار نه ڪيو آهي ته اهي ڪيتريون نه ڪمائتيون آهن.

سگهڙ ماءِ ون وٽ انهن اڳڙين مان جيڪي ڪارج سَرَن ٿا، اهي وسثار وهيٽا نه آهن. ڪڪا ڪِڪيون جي اجا پسونٽڙا آهن، تن جي وهڪ واري جاءِ، جهاڙي اُگهڻ لاءِ انهن جا رلڪا ۽ رلڪيون ناهڻ ۾ اهي اڳڙيون ئي ته آهن، جي اسان جي واهر ڪن ٿيون. جيسين بارڙا سمجهه پريا ٿين، تيسين انهن اڳڙين جا ٿُبن جا ٿُبا ٿا ڪپن، نه هڪ به اڳڙي. ان ڪري ويم ڪان اڳ مائرون ويندين آهن اڳڙيون گڏ ڪنديون. هينئر ته ڪٽي سُٺانجي ۾ ڪپهه ڪم اچي ٿي. پر بي پهچ ماٺهن لاءِ اينترو خرچ ڪٿان اچي جو ڪپهه جا ٿبا، جن جو ملهه هينئر اُپ سان ڳالهيون ٿو ڪري، سي ڳنهي سگهن. سچو سٺانجو اهي اڳڙيون ئي بهراڙين جون مايون ۽ دايون ڪم آڻين.

ڪپڙو لٽو پراڻو ٿيو ته شهري زالن وانگر نڪي اهو وڪٽي چڏين، نڪي ان جي بدلي ٿانوَ ٿپا وٺن، پر اهڙا پُراڻا سُراٺا ڪپڙا ويندين آهن گڏ ڪنديون. گهر جي ڪم ڪاج کان واندڪائي ملين ته انهن اڳڙين مان ڪيئي ڪم وٺن. اوهين رليون جيڪي ڏسو ٿا ۽ سمهڻ مهل مٿان ڍڪيو ٿا، يا هنڌ تي وڇايو ٿا، سي انهن اڳڙين مان ئي ته سگهڙ زالون جوڙينديون آهن. اهي پراڻا ڪپڙا چڱا چڱا ٽڪر ڪتري، انهن کي جدا جدا رنگ ڏيئي، سڪائي، چورس ٽڪر ناهي يا انهن مان ٽُڪ ڪري گل ڦل ڪتري، پوءِ رنگ برنگي چورس ٽڪرن کي سُئي ۾ ڌاڳي سان سبي، جوڙ ڪري رلين لاءِ مٿيون تهه (پُڙ) اهڙو ته ناهي وٺن، جو نيڻ پيا ٺرن. رليءَ جو هيٺيون تهه (ليهه) به ڪن ڦاٽل ٽٽل چادرن يا اجرڪن مان سڄا سڄا ٽڪر ڳنڍي تيار ڪن. نئين ڪپڙي تي پنسو-ڪونه وجائين. رلين جو وچ به ڪپهه سان ڪونه پرين، پر اهي ئي اڳڙيون (پُجَ) انهن ۾ سياٽپ سان سَٿي، سئيءَ جو اهڙو ته سيبو ڪن، جو چپ چپن سان ۽ ڏند ڏندن سان لڳيو وڃن.

درزين جي دڪانن تي اها ڪاتر جام هوندي آهي، جا هو پنهنجا دڪان اچي اجري ڪرڻ لاءِ ميڙي سيڙي ڪٽي ڦٽي ڪن. اها ڪاتر به مايون

منٺون ڪري انهن کان وٺن. درزين کي چون ته ابا ڪاتر ڦٽي نه ڪجو، اسان کي ڏجو ته اسان کي ڪم ايندي. انهيءَ ڪاتر مان وهاٽا پرين، جي ڪپهه جي جاءِ وٺن. مايون چونديون آهن ته "ابا، ڪم سان ڪم، سمهڻ مهل مڙئي مٺو مٺيرو هجي. اسان کي هي اڳڙين جو رليون ۽ وهاٽا چمار گذارڻ لاءِ بس آهن، وڏيڪ اسان کي ڇا گهرجي. شاهوڪار پلي ته پَٽ جي هنڌن تي سمهي ڪونگهرا هڻن، اسان کي هي پٽ پٽيهرن کان وڌيڪ پلا آهن. وڏن ماڻهن کي ته ڪپهه ۽ پَٽ جي هنڌن ۾ به ننڊ نه اچي ۽ پيا پاسا ورائيندا آهن، پر اسان کي ته ڪنڊن تي گهَري ننڊ اچيو وڃي، دهل پيا وڄن ته به سجاڳي نه ٿئي- شاهوڪارن جي ننڊ جهرڪيءَ جي چون چون به ڦٽايو رکي."

پيرن يا خدا وارن جي آستن تي به جهنڊون لاهرائي، ماڻهو اڳڙيءَ ۾ مٽن تان کوڙيل وار ڳنڍ ڏيئي، ڪنهن وڻ ۾ ٻڌي ڇڏيندا آهن. انهيءَ ڪم لاءِ به ته اڳڙيءَ ٽڪر ئي ڪم اچي. ٻارن کي تڏ تپ ٿئي ته ڪاڙهو ڪاڙهي اڳڙي ٽڪر ۾ ئي ته ڇاڻبو آهي. ڪنهن لڱ تي ڌڪ لڳي ۽ رت نڪري پوي يا ڪٿي ڦٽ ڦرڙي ٿي پوي يا ڪنهن کي اک تي پٽي ٻڌڻي هجي ته اڳڙيءَ جي پٽي ئي ته ڪم اچي. ڪا ٻتي ميري ٿئي يا لالٽين يا چمني ڪاري ٿئي، ڪٿي ڪو ميرو ڏُبو ٿي پوي، ڪٿي ڪو سٽپ يا مس جو ڇٽو ٿي پوي- ڪلڪ تان مس اُگهڻي هجي ته بس اهائي دانهن ڪبي ته "اڙي ڪو اڳڙيءَ ٽڪر ڏيو ته اُگهي اجرو ڪريان. اڳڙيون يا ڪاڳر ڳچ ڏينهن پسائي پَٽ ڪري، ڪُٽي سَٽي ڪرت وارا همراهه انهن مان اهڙا ته رليف مٺپ (نقشا) ناهي، انهن کي رنگ روپ ڏئي پهاڙن، ڍنڍن، سمنڊن، اپ ٻيٽن، اپ سمنڊن، ندين ۽ نارن، راسين ۽ ٻيلن جا اهڙا ته نيشان ناهي وٺن، جو واهه واهه! جا آواز چپن تي پهچيو وڃن.

اڙي مايون اڳڙيون، اوهان کي جڏهن ڪو نڪمي وٽ ڪونيندو آهي ته مون کي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. اوهان جي مُلهه جو ڪاٿو لڳائيندو آهيان ته اوهين سون کان سوايون ڏسڻ ۾ اينديون آهيو. اوهان جي هوند سان اڻ هوند وارن جا ڪيترا نه ڪاج ٿا سَرن. ٻارن جي راند روند ۽ وندر جون گُڏيون ۽ انهن

ڳنهندا آهن. پوءِ انهن ڪُنيين کي شهري توڙي ٻهراڙيءَ جون مايون ڏوئي ڏمالي ڳنرا ڳنرا ڪري ڏاڍا گيهه جا داڳ ۽ پُڇٽيون ڏئي اهڙو تہ سوادي ٻوڙ تيار ڪن، جو هٿ ۽ چپ چٽيندا رهجو وڃون. ڪنيون جيڪڏهن ٻين پاڇين وانگر ٻج چٽڻ سان پوکيون وڃن تہ سندن ايڏو مانُ ٿيئي ڪين يا ڪا ڪُنيين کي پاڙ هجي تہ بہ جوئر جي کيتن وانگر ڦُٽي پون، پر سڀاجهي سائينءَ هنن جو ٻج ئي نہ اُپايو آهي تہ پلي سندس ٻانها انهن جي سڪ ۾ سال گذارين ۽ منهنجا تورا ڳائيندا رهن ۽ سوال ڪن تہ سائين سانوڻ آڻ.

# 7- ڪيوليون يا ماڪوڙيون

ڪيوليون ڪنهن نہ ڏنيون هونديون؟ گهٽين ۾ گهرن ۾ جتي ڪٿي سندن واسو آهي، ڌرتيءَ ۾ سنها سنها ٻر نا هي انهن ۾ هزارن لکن جي ڳاٽيتي ۾ رهن. ماڪوڙيون آهن تہ هڪ ننڍڙو جيوُ پر ڪم وڏا ٿيون ڪن. سندن پاڙا بہ ٽي آهن: هڪڙيون تمام ننڍيون سنهيون ڳاڙهيون جئين وانگر، ٻيون وڏيون پيٽ پُني ڪاريون ٿئين ۽ ٽيون اڇيون. انهن اڇين کي اڏوهي بہ ڪوٺين: انگريزيءَ ۾ کين "وائيٽ انٽس" چون. پهريون ۽ ٻيو پاڙو هرڪا اها شيءِ، جا ماٺو کائين، سي سڀ شيون کائين. باقي اڇيون ماڪوڙيون يا اڏوهي ڪاٺ ۽ ڪاڳر کائين. ڪاٺ ۽ ڪاڳر جي دستين سان هاجا ڪريو ڇڏين. درن دروازن جي ستياناس ڪريو ڇڏين ۽ ڪتاب ٽُڪي ڇيهون ڇيهون ڪريو ڇڏين. اُن ڪري اُنهن جي بچاءَ لاءِ ڪتابن ۾ نم جا پن ۽ تماڪ جا پن وجهبا آهن، درن درين کي ڏامر لڳائبو آهي ۽ دفتر جي ڪاٺ جي گهوڙن جي پيرن هينان پاڻيءَ جون ڪونڊيون پري رکبيون آهن تہ ڏرتيءَ تان مٿي چڙهن تہ پاڻيءَ جي ڪونڊين ۾ ٻڏي وڃن.

سنهيون ڳاڙهيون ماڪوڙيون تہ جنهن شيءِ تي چڙهيون، ان جا پاڳا ڪڍيو ڇڏين. کنڊ ۽ ٻين مٺين شين جهڙوڪ ماکيءَ جون تہ ويري آهن، ڪنهن جي ڪپڙي يا هنڌ تي ڪا مٺي شيءِ ڪِري تہ اتي بہ چڙهي ويندیون ۽ ماتهوءَ

چيائين مون کي دل گهرئي سنگتيءَ چيو،
اُن چوڻ تي هي اٿم پورهيو ڪيو.
تنهن تي ماٺوءَ کي لڳو ڏاڍو عجب،
چيائين اي ڪنلي، سُڄ تون هي سبب:
وات ۾ تون تي ڪٽي تورو ذرو،
کيئن ڪُتائيندينءَ پلا ايڏو ڏڙو؟
تنهن تي ڪنليءَ چيس هيءَ ڳالهه سُڻ:
مون ۾ ته آهي اور چائيءَ جو گُڻ.
ڪم ڪرڻ کان ٿيندي ڪڪ مُور ڪين،
جي مُيس ته به چوندم آفرين!

هي ماڪوڙيون وري وير-وٽو به ڏاڍيون ٿينديون آهن. اوهان ٻڌي هڪ آکاڻي به پڙهي هوندي، جا آهي "نانگ ۽ ماڪوڙيون." هڪ نانگ ڏهاڙي ماڪوڙين جي ٻرن وٽ اچي ماڪوڙيون کائيندو هو. هڪ ڀيري اهو نانگ در مان ٿي لنگهيو ته رهڙجي پيو، کل ڇلجي پيس ۽ رت وهڻ لڳس. ماڪوڙين کي به سُڌُ پئجي وئي. هنن کي به هئا ساڙ، سي چڙهي ويس ۽ چڪي چڪي ساهه ڪڍي ڇڏيائونس. چوندا آهن ته "ڪنهن به ساهه واري کي نه ڏکوئجي." ڪڏهن انهن جي ٻُلَ ۾ اچي وڃبو ته اڳيون پويون ڪسرون ڪڍي ڇڏيندا، تنهنڪري ڪنهن کي به نه ڏکوئجي. ڏسو ته ماڪوڙيون ويچاريون ڪيڏيون نه ننڍڙيون آهن ۽ اسان جي پيرن ۾ پيون لتاڙجن. اسان جا ٻار به ڇڇي، ٿنڊڻ يا ڏينيوءَ کان ڏجندا، پر ويچاري هيٺي ماڪوڙيءَ کي مارڻ ۾ دير ئي نه ڪندا. سچ ته هيٺن تي سيڪو ايندو ٿو رهي، پر پاڻ کان ڏاڍي سان هٿ ئي نه اٽڪائيندو!

ويچارين ماڪوڙين کي اکيون ٿين ئي ڪونه. سندن سُنگهڻ واري اندري ڏاڍي تکي هوندي آهي. هلنديون ويند يون ۽ گهر جي ڇت تي به

رنگ ويني ڏنو ۽ پاڻ همت نہ هاريائين ۽ ويرين تي حُلمہ ڪري ويو ۽ سوڀ ڪتيائين. ان ڳالهہ تي هڪ بيت بہ چيل آهي، جو اوهان پڙهيو هوندو، جنهن جون سٽون اوهان جي ڄاڻ لاءِ لکان ٿو:

ليٽي لعل پلنگ تي، ڪنهن ملڪ جي شاهہ،
اوريو پئي اندر ۾، ڪجي ڪا صلاح،
رعيت پڻ راضي ٿئي، سيڪو چوي واهہ،
ڪانہ سجهيس ڪا راهہ، تيلهن مڙس موڳو ٿيو.

موڳو ٿي هي رهيو، وائي نہ آئي وات،
سڄ لهي سانجهي ٿي، متان پئي رات،
هي پنهنجي اندر سان، اوري اهائي ٻات،
متان تي پريات، جاڳو سڄ پڻ جام تي.

سڄ جاڳو، ٿيو سوجهرو، پلنگ نہ ڇڏيائين،
ڳڻتي انهيءَ ڳالهہ جي، پئي پل پل ڪيائين،
ڪِرندو ڪنهن مهل ڪوريئڙو، پَٽ تي ڏٺائين،
ڪوريئڙو اُٿائين، پوءِ چُري چڙهيو ديوار تي.

ڪوريئڙو ڪاهي هليو، چڙهيو مٿي ديوار،
ڪِري پيئڙو پٽ تي، موٽي سو تنهن وار،
همت نہ هاري تنهن ذري، ڪوشش ڪيائين پيهار،
البت هٿ بہ چار، چڙهي سو مٿي ٿيو.

چڙهي سو مٿي ٿيو، وري ڪريو پٽ،
تڏهن انهي شاهہ کي، کِل ڇڙي جهٽ پٽ،
چي، ويچاري وڏڻ سان، ڪانہ ڪئي ڪا گهٽ،
تڪڙ جنهين وٽ، سو مور نہ پهچي ماڳ تي.

چهه پيرا هي ڪريو، سنپيريو ستينءَ وار،
ڪي ڏيرو ڪني تڪڙو، چڙهي پيو ديوار،
پرو پنڌڙو ناهي ڪي، باقي هٿ ٻه چار،
پهتو جڏهن پار، تڏهن شاهه شرمندو ٿيو.

اهو سڄو بيت ڪوريئڙي جي اورچائي بابت آهي.

## 9- ٻڙي

ٻڙيءَ کي ڪي صفر چون، ڪي زيرو، ڪي پائنٽ، ڪي ڊيسيمل، ڪي ناٽ ۽ ڪي ڪجهه! پر ٻُڙي چوڻ سڀ کان وڏيڪ وڻندڙ آهي. هيءَ ٻڙي جنهن کي نه آهي تولهه، نه آهي ڊيگهه، نه آهي ويڪر، نه آهي گهاٽائي، نه آهي منجهس ڪو گڻ. ان جا ڪم ته ڏسو! ايڪو لکي ان جي ڪابي پاسي ٻڙي ڏيو ته هڪ جو ملهه ڏهه ٿي وڃي، ٻي ٻڙي ڏيو ته سؤ، ٽي ڏيو ته هزار. ايئن ڪروڙن تائين وڃيو پهچي. پر وري جي ان کي ايڪي جي ساڄي پاسي رکوس ته سؤ ٻڙيون ڪٽي ڏيو پر ايڪي جو اگهه اوتري جو اوترو، هڪ ترُ به نه وڌي. ٻڙيءَ جو اهو جادو منتر به عجيب آهي. جَسُ هجي ان ماڻهوءَ جي کوپڙيءَ کي، جنهن هيءَ ٻُڙي ڳولي لڌي. ليکي چوکي جي ڪم ۾ سولائي ڪري وڌي، ۽ هاڻي ساري جڳ جو ليکو انهيءَ ٻڙيءَ تي آڌار رکي ٿو. ٻڙي نه هجي ته ڏهه ايڪا، سؤ ايڪا ۽ هزار ايڪا ڪيڏي، اسان جا هڏئي ڳري وڃن ۽ جڏهن انگ پڙهون ته ايڪا ڳڻي ڳڻي اڌمُئا ٿي پئون. ڳڻپ ۾ ڪو ايڪو پلجي وڃون ته وري ڳڻيون ۽ ڪم سڄو هيٺ مٿي ٿي پوي. جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو هاج ڪم رُلي ويندو آهي ته سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "بس ٻڙي اچي ويس." شاگرد ويچارا ته ٻڙيءَ سان مٿو به گهٽو ڪپائين، پر ان کان پڇن به اهڙو جهڙو "ڪانءُ پڇي ڪاريءَ کان." شل نه ڪنهن کي ڪنهن پيپر ۾ ٻڙي مارڪون ملن ته سندس ڪاريَت ڏوهي ويندي، ۽ روئي ڏيندو. پاڙهيندڙن جي اک ۾ هڪ پاسي، هڪ جيڏن جي اکين ۾ ٻئي پاسي، مائٽن جي موچڙا ماريا چنپ ٿئي پاسي، جمارئي وِهُ. سچ پچ ته ٻڙي آهي سا ننڍڙي پر آهي وِهُه جي ڳنڍڙي.

نياڳي ڪن ئي ڪائي چڙيا آهن، هڪليونس تا تہ وري وري اچيو ويهي، گليل ڪٺي پٺر چُنيوس، ڪاري هينان داٽا وجهي ڪارو مَندي رکو تہ ڦاسي. مطلب تہ مون سان پانت پانت جون جُنيون جودڙيون ڪندا تہ ڪيئن بہ ڪري ڪيس پڇايون، جو وري نہ اچي. ڏسو، مون سان ڪهڙو نہ بڇڙو سلوڪ ڪيو ٿو وجي. ڪو سائو چَتون پلجي گهر آين تہ پيا ٽڙنڌا ۽ گدگد ٿيندا ۽ چوندا تہ منُو پُٽ آيو آهي- پلي ڪري آيو- ساوا ڪنپ، ڳاڙهي چهنب، ڳچيءَ ۾ ڪنٺي! مٺو ڪانگ ڪارو ڪنو، اسان جي ٻارن ڪان لولا ڪسي، چور ڦورو، مٺو ڪٽي جو! چَتون ڦلواڙين ۾ رهي، منا ڦَل ڪائي ۽ هيءُ ڪارو دانگيءَ جهڙو سارو ڏينهن وتي اسان جي ٻنڊ ۽ سڪ ڦٽائيندو. واه واه، اوهان ڪي جس هجي!

اهو تاٿو ياد نٿو اچيوَ، جڏهن ڪنهن جي اچڻ جي يا ڏسڻ جي سڪ هوندي اٿوَ تہ پوءِ مون کي ڪيئن ياد ڪندا آهيو! ڏ تتيءَ جو بہ جڏهن ڪنهن وڻ تي ويهي تان تان ڪندو آهيان تہ ائين ڪونہ چوندا آهيو. ڪوڙ تہ ڪونہ ٿو ڪريان: "آءَ ڪيانتا خير جا، ڏي تپڪي، ڏيانءِ مِٺي تِڪي، ڪير تو اچي، فلاٽو ڪي فلاٽي؟" پوءِ جي آءُ اُڏامي ويس تہ جنهن جي نالي وڻ ڪان پوءِ اڏاٽس تہ اوهان کي پَڪ تي ويندي تہ هيءُ يا هوءَ پَڪ اچي ٿو سهڙي.

ڪوي پنهنجي ڪوَتائن ۾ مون کي پنهنجي پرين ڏي نياپو يا سنيهو ڪونہ ڏيندا آهن؟ ۽ چوندا آهن تہ:

وڻ چڙهي وائي مِني، ڪانگل ڪئي تو ڪالهہ جا.

۽ مون کي منٿون ڪندا آهن تہ اسان جو نياپو نينهن جو نيئي سڄڻ ڏي ڏيج. ائين بہ ڪين چوندا آهن تہ:

آءُ تہ ڪانگل تو ڏيان، هينئون ساڻ هٿن،
وجي ڪاءُ ولات ۾، مهندا محبوبن،
من پرين پاڻ پڇن، تہ هيئن قربان ڪير ٿيو!

آءُ اوهان جا نياپا سنيها سواءِ ڪنهن لالچ جي، وجي اوهان جي پيارن

کي پهچايان، اوهان کي سُک جا سنيها رسايان، اوهان کي آسيسون ڪريان تہ ڏٺي پُٽ ڏيوَ، جن جي هٿن مان آءٌ لولا ڪسيان، ڏينهن ٽتي نياڳي نند ويڙهي وجيوَ تہ اوهان کي اونگهہ ۾ آرس مان جاڳائي، ڏٺي ياد ڏياريان. ڪارو آهيان تہ ڇا ٿي پيو؟ اوهين پاڻ ڪونہ آکيندا آهيو تہ "ڪارو الله جو پيارو، اڇو ڪڪڙ جو ٻچو."

ڇا پکين ۾ منهنجي سڃاڻپ جي هاڪ نہ آهي؟ اوهين سنڌيءَ ۾ پهاڪو ڪونہ ڏيندا آهيو تہ "هيءُ اهڙو سياڻو، جهڙو ڪانءُ." چتون هڪ موڳو پکي، ٻولي اٿس 'ٽيون ٽيون' . هاري پوک تان هڪلينس يا مالهي ميون تان ڊوڙائي ڪڍنس تہ ڪيس ڪا نياڻي ڦيرائي هڪل ۾ چون تہ "ٻلو، ٻلو" . طوطو پڃرن جو ٻاندي آهي ۽ آءٌ آجو پکيئڙو آهيان. ٻوليءَ جا ڪي ٻول ٻولي ٿو تہ ڇا ٿي پيو. مناڀون، ڇُوريون ۾ ڦل ڦول بہ تہ مِنُوءَ کي ڪارايو ٿا، مون کي رڳو گوشت جو هڏو ياڳ ۾ آهي، سو بہ جڏهن اڇليو. اوهين پاڻ ڪونہ چوندا آهيو تہ "هي شاگرد سمجهي ڪونہ ٿو، رڳو طوطي وانگر ياد ڪريو اچي. هاڻي اهڙي بي سمجهہ طوطي جي ٿا مون سان پيٽ ڪريو! واهہ واهہ، مون سان هاڻي نہ ڳالهائجو ۽ پنهنجا سنيها انهيءَ چتونءَ کي ڏجو تہ ڏسان ڪيئن ٿو اوهان جي پرين کي پڄائي- بس بس!

## 11- جُتي

ڇا مان ڏريئون جُتي هيس! نہ نہ مان هڪ پوتر ساهہ وارؤ هيس، جنهن کي هندو ۾ برهمڻ پوڄيندا هئا. مان سندن ڳئو ماتا هيس. مُنهنجو امرت جهڙو منو کير پيئندا هئا، منهنجي شيوا ڪندا هئا. مون کي ماتا سمجهي، منهنجو وڏو مانُ رکندا هئا. هزارين ورهيہ اڳ ڪرشن ڪنئيو اسان گانين جو گرڌاري هو سندس پوتر گوپيون مِنهنجي ٽهل ڪنديون هيون! برهمڻ، جي برهما جي مک مان نڪتل آهن، سي اسان جي وڏين ماتائن جا ٽهليا هوندا

هئا. منهنجو جنم هڪ ڪلال جي گهر ۾ ٿيو. خبر نہ آهي تہ ڪنهن جي جوڻ وئي آيس. ننڍي گابي هيس، مون کي پيار سان پاليو پئي ويو، وڏي ٿيس تہ ڏاڍي سهڻي ۽ متاري ٿيس. مون کي سائو گاهہ، ڪڻ ڪُتر ۽ ڏارو ملندو هو. نيٺ نڍان وڏي ٿيس ۽ پاڻ ماءُ ٿيس ۽ ٻچن کي جنم ڏنم. هرڪو ننڍي مان وڏو ٿئي ٿو، ٻلوان مان ٻيو ٿئي ٿو. منهنجو ٻڍاپڻ بہ اچي سهڙيو، اگهي رهڻ لڳيس. منهنجي مالڪ ڪلال دوا درمل، سُتيون ڦڪيون بہ گهڻي ئي ڪيون، پر موت اچي ڪنڌ تي ڪڙڪيو. مئس تہ ڪلال ڪاتي وڏي، سندم چوڙو لاهي سڪايو ۽ لوڻ ٻُرڪي بانس وجايائين. پوءِ اڪ جو کير مکي، وار ڏار ڪيائين، پوءِ منهنجي اُجري چمڙيءَ کي اڏوڙ تي چاڙهي روز ڏاڍو ڪُٽيندو هوم. ٻبرن جي چوڏن مان مون تي رنگ چاڙهيائين. رات جي تارن جي مٿم جوت پئي ۽ ڏَپ مان ڦري، مون ۾ سڳنڌ آئي. جڏهن منهنجو چمڙو هرهڪ جي ڇهڻ جهڙو ٿيو، تڏهن مون کي چگي مُلهہ ۾ وڪيائين. پوءِ تہ وري اچي ڀاڳ کليو. مون مان مهانگيون ۽ مُلهائتيون بيگون نهيون، جوتا نهيا ۽ ٻيون اهڙيون ڪيئي شيون جڙيون ۽ ٽڪر منهنجو ڪنهن موچيءَ ڳنهي، مون مان سنڌي جُتي ٺاهي، جا هڪ سگهڙ ماٺوءَ کي وڪيائين. ڦن پنهنجي جتيءَ تي چانديءَ جي تارن جو پرت پرايو ۽ هرڪو مون کي هٿ ۾ ڪٽي، پنهنجي اکيان چتائي ڏسندو ۽ وهسندو هو. ٿوري بہ مون ۾ دز پوندي هئي تہ يڪدم ڇنڊيندو هو ۽ سٿرو رکندو هو. ڪڏهن ڪا لِڦ منهنجي مالڪ جي پيرن ۾ وڏي هونديم تہ مون کي تيل مکيو ويندو هو ۽ ڪونئرو ڪيو ويندو هو. چوري چڪاريءَ جي ڊپ کان منهنجي ڏاڍي سنڀال ڪئي ويندي هئي ۽ سدائين مون کي بِلاٽتو ڪري رکيو ويندو هو تہ متان ڪنهن جي ٻچڙي اک نہ لڳي ۽ بدسوٽي نہ ٿئي. مسجد ۾ نماز لاءِ منهنجو مالڪ ڪڏهن مون کي پير ۾ پائي ويندو هو تہ ڪڏهن مون کي لاهي اندر وجي رکندو هو تہ متان جتين جي چور جي وَر نہ چڙهي وڃان. پاڻ تہ وڏو جتن رکندو هو، پر ٻين کي بہ چوندو هو تہ:

ان ڪم لاءِ ڪيترا ميڙي ڪيترا ميڙيا. گھرج سارو ته ڪٽبا ، باقي وري به اُن ۾ سڙي سُڪي ، اتي ئي پيا رهن ۽ ٻيءَ مند ۾ وري انهن جا پتن ۾ پيل ٻج ڦٽي پون.

سنڌيءَ ۾ چيو اٿن ته "واهه غريبي واهه!" ويچارا سُڄا ۽ ولها سانگي انهن توهن جا ٻج ڏٽ وانگي ڪم آڻين. مٽن جي منهن ٻج گڏ ڪري ، ڪونارن ۾ پسائي چڙيندا ۽ ست گھمرا پاڻيءَ ۾ مهٽي مهٽي ، انهن جي ڪڙاڻ ۽ ڪاراڻ ڪڍي ڇڏيندا ، جڏهن نه انهن ۾ توهن جي ٻانس رهندي ۽ نه ڪاراڻ ، تڏهن انهن کي سُڪائي ، اُڪريءَ ۾ مهريءَ سان ڪُٽي ، جنڊ ۾ پيهي ، انهن جو اٽو ٻاجهريءَ جي اٽي يا ٻين ڏٽ جي پيٺل داڻن سان ملائي ، ماني پچائي کائي ڇڏين ۽ پنهنجو پيٽ گذر ڪن. اها ڳالهه اوهان کي وڏي اچرج جي لڳندي ، پر ٿر وارن کان پڇو ۽ پارڪرين کان سُنهن کڻايو ته اوهان کي ساري سُڌ پئجي ويندي ته آءٌ سچ ٿو چوان يا ڪوڙ ٿو ڪريان؟ اسان کي ڪپي ته ڏٽيءَ جي جوڙ مان ڪا به وڏ نه ڪيون. ڏٽيءَ جي جوڙ ۾ ڪانه ڪا سياڻپ هڪي تڪي رکيل آهي. اچو ته ان مالڪ کي سارا هيون.

## 15- ٻي پاڙي

ڏٽيءَ سڳوري ٻوٽا ۽ وليون ڪيئي اُپايون آهن ، پر وَل وَل کي ڏاندي ٽنئي ۽ پَن ٿين ، ڦُٽن به ڌرتيءَ مان ۽ ٻج به ٽنئين ئي ٿئين. پر واهه مائي ٻي پاڙي! توکي وڻ ويڙهي به چون. توکي ته نه ڪو ٻج ، نه ڪا پاڙ ۽ نه ئي تون ڌرتيءَ مان ڦُٽي نڪرين ، جتان توکي ڪو پاڻي ملي ، جنهن تي اُپڙين. نه تيئي ڪو پَن ۽ ڏاندي نه پاڙ. تون ته رڳي ٽُلهن ڏاڳن وانگر ڏاڳا ڏاڳا هوندي آهين. اُپڙين به وڻن تي. پاڻي به انهن وڻن جي ساوين پنن جو چوسي وٺين ۽ ان تي ڦلجين ڦولجين! تنهنجو ٻج به تنهنجا ڏاڳا ئي آهن ، جن مان ان- ڏهه ڏاڳا ڪٽي هڪڙي وڻ تان ٻئي تي اڇلي ڇڏ ته اهو وڻ به تنهنجي جُٺ ۾ ونجي ويندو. اهڙيءَ ريت تون اهڙي ته نياڳي آهين ، جو ساوا وڻ سڪائي ڇڏين ۽ پاڻ سدائين سائي رهين. توکي

وري ڪائي ڪو گڏهه بہ ڪونہ. ويجهين بہ تڪڙي. ڪن ڪارائتن ٻوٽن يا ولين تي پوين تہ جهڳوئي جهڻ ڪري ڇڏين. ويچارا هاري پيا سورن جي مُنهن. سڀ ڪم ڪاج ڦٽا ڪري، پهريون توسان جنگ جوٽين، هٿن سان وٺ وٺان ڪري توکي روڙي، اُنهن تان لاهي وجي ساڙي ڇڏين، جي توکي نٽا ساڙين تہ پنهنجي پوک ٽا جلائين، ڪن سو ڪن بہ ڇا؟ پريان ڏسڻ ۾ تہ تون بہ ڏاڍي موچاري ٿي لڳين، پر ڪوءِ پئي تنهنجي اهڙي سونهن سوپيا! تنهنجا لڇڻ ڏسي، ماڻهن ويچارن اهو ڀاڪو ناهي ڇڏيو آهي تہ "اڙي ڦلاڻي ڪي پاڙ پٽو هجي، جو لڄ شرم پويس، هيءَ تہ بي پاڙو آهي." جنهن جي پاڙ نہ آهي، ان جا پٽا ڪهڙا ٿيندا. جنهن جي پاڙ ڪوڙي، تنهنجا پٽا منا ٿيندا ڇا؟ پر مائي بي پاڙي، توکي تہ خدا پاڙ ئي ڪانہ ڏني، تون پرمار آهين. ڌرتيءَ مان پاڻي ڪونہ چوسين، پر ويچارن وڻن جي پنن تي پلجين ۽ انهن جو پاڻي چوسي، انهن کي سڪائي ڦٽو ڪرين. ماڻهوءَ کي ڪپي تہ پاڻ پنهنجو ٻوٽو ٻاري ۽ ٻين جو رت نہ چوسي. اڙي بي پاڙي، تون بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪم ايندي تہ هونديءَ؟ ڪا بہ وٽ نڪمي تہ اُپايل ڪانهي. تون اهڙي نرچي آهين، پر تنهنجي رس مان بہ ڪي دوائون جڙن ٿيون، جن مان ماڻهوءَ کي لاڀ پراپت ٿئي ٿو. ان ڪري آءٌ توکي بہ ڪُواريندس ڪونہ، نڪي گلا ڪندس، پر پاڻ سڌار. وڌيڪ توکي ڇا چوان!

## 16- ڇيڙ

ڇيڙن کي مِتيرا ڪونين، ڀراڙي جا ماڻهو پنهنجن پُٽن تي ڇيڙ خان ۽ متيرو خان نالا بہ رکن. پر ڇيڙ يا متيرا آهن ڪهڙي بلا؟ آءٌ انهن لاءِ ڇا چوان، انهن کي تہ سيڪو سڃاڻي، ويچارن جون وليون پوکن ۾ پاٽمرادو اپرنديون ۽ پوڻن تي مينهن وسڻ ڪانپوءِ پکڙي ڌرتي سائي ڪيو ڇڏين. پهريائين اهي وليون ننڍا ننڍا گل ڪڍن، پوءِ انهن گلن مان ڇيڙ ڦٽيو پون. پهريائين ننڍا ساوا ڪَچا ڇيڙ، پوءِ پچي پيلا ۽ ڳاڙها ٿيو پون؛ پوءِ رسجي منا ٿين ۽ ماڻهو انهن کي وڏي هيج سان کائين. شهرن جي پاڇي- گهرن ۾ وڪامن بہ ڪوڙ. هنن جي

پوکڻ تي ڪا ڪنهن کي جاکوڙ ڪرڻي ڪا نه پوي. جنهن ڌرتيءَ تي اُپرن، سا نه گُهري، ٻج، نه هر: نه سنڌن پوکڻ ۾ پالڻ ۾ ڪو پورهيو ڪرڻو پوي، نه سنڌن سنڀال ونڻي پوي، بنا پورهيي ڦل مليو پوي. متيري کي ميوو ته نه ڪونبو، پر ٻاڄي ته آهي ئي آهي. مارو ماڻهو ڪَچا به کائين ته رڌي ٻاڄي ڪري به چاهه چس سان واپرائين. هنن لاءِ ڇيڙن جو ڳُنڌڻ، تورين ۾ پيندين کان گهٽ پلو آهي. گوشت جي ٻوڙ، مڇيءَ جي ٻوڙ ۾ به پون ۾ ڏاڙهون جي داڻن جي کٽاڻ جو ڪم به ڏين. ڪوڪيون پچائين ته انهن ۾ به ڏاڙهونءَ جي ڪڻ بدران سُڪل ڇيڙ ڪُٽي وجهن ته ڪوڪيون اهڙيون ته سوادي ٿيو پون، جو ٻوڙ ۾ ماني ٻنهي جو ڪم ڏين. جڏهن ڇيڙن جي مند پوري ٿئي ته مٽن جي منهن ڇيڙ وڌي اڌو اڌ ڪري منجهن لوڻ ٻرڪي اُس تي سڪائين ته ڪَچريون جڙيو پون. اهي ڪچريون ٻارهن ئي مهينا گيهه ۾ تري کائين. نه ڪنهن ڳنڌڻ جي گهرج نه ٻي ٻاڄيءَ جي اون. ڇيڙن جون ڪچريون ته سکر ماڻهو به چاهه سان کائين ۽ انهن جا واپاري وڪري مان چڱو پئسو ڪمائين. ڪچريون ته ٻهن، پٽاٽن، گوار، انبڙين ۾ ٻين ٻاڄين جون به ناهيون ويندڙيون آهن. انبڙين جي ڪچرين کي انب چور به ڪوٺين پر ٻيلي واهه واهه! ڇيڙن جون ڪچريون سڀ کان سلوڻيون ۽ سوادي. ڏندن هيٺ ڏيڻ سان سنڌن چرچر ئي بس آهي، سنڌن چرچر سان دنگ آهي. سيخ جي ڪوابن جي چرچر به هنن سان نه پُڄي، ههڙيون خدا جون ٻي مُلهيون شيون اسان وٽ کهڙيون نه مُلهائتيون ٿيو پون. اسان ۾ رڳي سمجهه جي سمرتي هجي ته انهن مان کهڙيءَ ريت ڪم ونون. ڏٺي سگهوري ته اسان لاءِ سيڪجهه اپائي ڇڏيو آهي: هاڻي اهو ڪم اسان جو آهي ته پنهنجي سمجهه هلائي انهن مان نرالا ڪم ونون ۽ ڏٺيءَ جي ساراهه ڪريون ۽ سنڌس ڳڻ ڳائيندا رهون.

## 17- پيُونر

پيُونر ڪنهن نه ڏٺو هوندو؟ پيُونر ٻن ٻاڳن ۾ ورهايل آهن: هڪڙا ”بٺائتا

تنهنڪري اهو به چوسي وٺندي آهي، جڏهن رت چوسي پر جي پوندي آهي، تڏهن پاٺمرادو ڪري پوندي آهي. اهڙيءَ ريت جيترين به جؤرن لڳائڻ جي گهرج هوندي آهي اوتريون لائبيون آهن. پوءِ اُنهن جو چوسيل رت ۽ گند حلال خور ڍُهي ڪيڏي ڇڏيندا آهن، متان چوسيل گند ۽ پونءَ جي ڪري مري وڃن. بيو ته پيت خالي تيڻ سان انهن کي وري به ڪم آڻي سگهجي. جؤرون لڳائڻ به هڪ آپريشن آهي. هونءَ جو ڪَلين يا ڳچيءَ مان گند ٽُڪي ڏيارڻ سان ڪيائجي، سو هنن جؤرن جي وسيلي روڳ ڪيائبو آهي. انهيءَ ريت سؤ سيڪڙو بيمار چڱا ڀلا ٿي ويندا آهن. جتان جتان چمڙي ٽُڪينديون آهن، اُتي چار ڦلميار يا ڪو بيو پائوڊر رکي، پٽي ٻڌي ڇڏبي آهي، ۽ ٻن-ٽن ڏينهن بعد اگهو سَگهو ٿي ويندو آهي؛ پر جؤرن جي چَڪن وارا نشان سي بيهي رهندا آهن. جيئن ڊاڪٽر ٽانڪا هڻندا آهن ته نشان بيهي رهندا آهن.

جؤرن ڏسڻ سان بڇان پئي وٺندي آهي. پر اهڙين بڇڙين شين ۾ به ٻاجهاري ڏٺيءَ ماٺهوءَ لاءِ ڪيتري نه ڀلائي رکي آهي. سچ آهي ته ڪا به شيءِ بناڪنهن ڪارج جي نه اُپائي اٿس. سچ چيو اٿن ته:

”ڪنهن کي گهٽ نه ڄاڻ، جي پانئين ڀلو پانهنجو.“

## 19- ڏنگ

ماڪيءَ جي مک، ڏينيو، ڇيلاٽو يا ڦنڊاري ڏينيو ۽ وڇون اهڙا جيو آهن، جن کي پنهنجي پڇڙيءَ ۾ ڏنگ هوندو آهي، سئيءَ وانگر هڪ تکو ”نيش“. سندن چُر ڪني ويئي ته نڪ ڏنگ ڪرائيندا ۽ ماڻهو، جو هونءَ سيني ساهه وارن کان ڏاڍو آهي تنهن کي پنائي رکندا ۽ پيو ڦٿڪندو. پر آءٌ جنهن ڏنگ جي ڳالهه ٿو ڪريان سو پاڻ هڪ جيت آهي، جنهن جو نالوئي آهي ڏنگ. اهو جيت به لاڙ ۾ گهڻو ٿيندو آهي. لاڙ جو ڀاڱو سارڀال هئڻ سبب گهڻو پوسل وارو هوندو آهي، تنهنڪري اتي مڇر، مُنگهڻ، ڪارڙا ۽ ڏنگ جام هوندا آهن. سيني کان ڊپ جهڙو 'ڏنگ' هوندو آهي، شل نه ڪنهن کي چڪ

انهن کي ڳاهبو آهي تہ اَن ٽُهن کان جدا ٿي پوندو آهي. پوءِ ان ڳاهيل انّ کي وڏن سُپن يا گاگڙن ۾ وجهي هوا جي سامهون بيهي واٽربو آهي تہ تُهہ جدا ۽ انّ جدا ٿي پوندو آهي. اهو ڳاهہ جو ڪم الڳ آهي. آءٌ جنهن ڳاهہ جي اپٽار ڪريان ٿو، سو ڳاهہ هڪ ٻيءَ شيءِ آهي. اڳي جڏهن موڪي پوک ڪانہ ٿيندي هئي، تڏهن واهہ درياءَ ۾ چاڙهہ جي ٽاٽي تي وهي ايندا هئا. هاري وجي هڪ هڪ ڪسي، ڪڙٻي ۽ واهہ جي ڪاتي ڪٽندا هئا تہ پاڻي بنا روڪ جي وهي، منڍ کان پوڇڙ تائين هڪ ترڇو وهي، جڏهن پاڻي وهندو هو تہ انهن واهڙن جا ڪپر آلا ٿي ويندا هئا ۽ درياءَ جون ننڍيون ننڍيون مڇيون بہ واهہ ۾ وهي اينديون هيون. ڪاڏو تہ ڏٺي ٻاجهارو سڀ ڪنهن ساهہ واري کي رسائي ٿو. انهن مڇين جي ڪاڏي لاءِ بہ مالڪ سائين ڪونہ ڪو بلو ڪَري ٿو. انهن واهن جي ڪپرن سان هڪڙا ننڍا مگر موٽا موٽا ڪيڙا (ساڻپا) جنمر وننڌا آهن ۽ ڪونئري آلي مٽيءَ ۾ ٽُنگ ڪري رهندا آهن، مڇين کي اهي ڪانئڻ ۾ ڏاڍا وڻندا آهن. ماڻهوءَ کي تہ ڏٺي پاڪ ڏاهو بنايو آهي، جو سڀ شيءِ مان ڪونہ ڪو ڪم وٺي ئي وٺي ٿو. ننڍا ڇوڪرا مڇي ڦاسائڻ لاءِ اهي ڪيڙا ڪوٽي ڪيدي، هڪ لوهہ جي ڪُنڍيءَ ۾ وجهي ان ڪُنڍيءَ کي هڪ ڏور سان ٻڌي، پاڻيءَ ۾ اڇليندا آهن ۽ انهيءَ ڏور جي پوڇڙيءَ کي پنهنجي هٿن ۾ سوگهو ڪري جهلي ويهندا آهن. پاڻيءَ جي وهڪري سبب ڪُنڍي ڏور سوڌي واهہ جي سير تائين وڃي پهچندي آهي. اهي ڪيڙا گهٽا ڪُنڍيءَ ۾ وجهي ساري ڪُنڍيءَ جو لوهہ ڍڪي ڇڏبو آهي، انهيءَ کي 'ڳاهہ' چئبو آهي. ننڍڙيون مڇيون ويچاريون جهڙوڪ ننڍا ڄرڪا، گندڻ، ڪڳا ۽ ٻيون ڪُرڙيون پيٽ پالڻ لاءِ جڏهن اهو ڳاهہ ڏسي اچي ڪُنڍيءَ ۾ چڪ وجهنديون آهن تہ ڪُنڍيءَ جي تکي نوڪ سندن جاڙين ۾ گهڙي ويندي آهي ۽ اهي ڦاسي پونديون آهن ۽ وات ورائي ڪيدي نہ سگهنديون آهن ۽ وٺي ڀڄڻ تي زور رکنديون آهن. ڇوڪرا تاڙيو ويٺا هوندا آهن تہ ڪڏهن ٿي ڏور تڻڪجي ۽ رڙهي، چڪ ڏنائين تہ سمجهي ويندا تہ مڇي ڦاٿي آهي. پوءِ تہ ٻنهي هٿن سان

ڏور کي وني ڇڪيندا ۽ ريڙهي ريڙهي قاتل مڇيءَ کي آڻي ڪپر تي ڪڍي ٻاهر ڪندا. مڇي ويچاري پاڻيءَ کان ٻاهر نڪتي ته اُن جو انت آيو. ڦٿڪندي پئي ته ڇوڪرا پيا ٻهڪندا. اهو آهي نڪيءَ جو ڳاهه جنهن تي موهجي ويچارا پسون اڃيو ساهه ڏين. لالچ ماڻهوءَ کان ڇا نٿي ڪرائي ۽ لالچ يا لوڀ ۾ اچي ماڻهو ڪيئن نه پنهنجو انت آڻي ٿو. ڳاهه، ڪُنڍي ۽ مڇيءَ مان ڏاهپ سکو ۽ هن ڏکيي ڏيهه ۾ سنڀالي پير رکو. لالچ ماڻهوءَ کي مارائيندڙ آهي. وڏي مڇي ننڍي مڇيءَ کي کائي پنهنجو پيٽ پريندي آهي. اهڙيون ننڍڙيون ڪرڙيون پاڻيءَ ۾ ئي ڇيهه کان گهٽيون پيون ترن، جي انهن تي ئي پورت ڪن ته ههڙو انت نه اچين: پر ڳاهه جي موهه ۾ اچي ان جي ڦندي ۾ ڦاسي توري ويرم جي چسڪي لاءِ ڪريو ساهه ڏيو ڇڏين!

## 21- آرون

مڪڙيون ۽ تڏيون ته اوهان ڏٺيون هونديون؟ اوهان جي گهرن ۾ ڪڏهن ڪپڙن ۾ اچي پون، ڪڏهن اَٽي، ڇانورن ۽ ماني ٽڪيءَ ۾، ڪڏهن ويڙهيل هندن ۽ رلين ۾. زيان به ڏاڍو ڪنديون آهن: ڪپڙا ٽُڪي ڇڏين: هندن جا ڳچ لاهي ڇڏين ۽ رڌڻ ۾ اچي پون ته ڪاڻو ڪِنو ڪري ڇڏين. اسين انهن کان بچڻ لاءِ فلٽون ٿا هڻون ته مري وڃن ته انهيءَ ڪِنَ ڇِنَ کان اسان کي ڪو ڇوٽڪارو ملي. آهي ته آر به ساڳئي وڻ جو ڇوڏو، ائين ڇنجي ته ساڳئي ڪٽنب جو ڀاتي. پر اها مڪڙين ۽ تڏين وانگر زيان ڪانه ڪري. هن جي ويهڻ جي جاءِ ماڻهن جا گهر ڪين هوندا آهن، پر جهنگ جا وڻ هوندا آهن. ٻهراڙين جي گهرن ۾ به ماڻهو وڻ پوکيندا آهن ته پوءِ انهن وڻن ۾ به اچي واسو ڪن. آرن جو رؤنشو رات جو هوندو آهي. ڏينهن جو ٻڙڪ به ڪانه ٻولين. رات ٿي ته آرون پنهنجا آواز ڪيڻ لڳنديون ۽ اهڙو ته هُل مچائينديون جو سارو جهنگ مٿي تي کڻي ڏينديون. سندن سُر، گيت ۽ راڳ بند ئي ڪونه ٿيندا. جيڪو ماڻهو گهڻو ڳالهائيندو آهي ته ان کي چوندا آهن ته ايترو ٿو ڳالهائين؟ آر وانگيان مٿو به نٿو

قاٽي پوئي؟ سچ پچ تہ ڪيٽرين آرُن جو ہولينڊي ہولينڊي مٿو قاٽي پوندو آهي، ۽ مري بہ ويندي يون آهن. آهن هيڏڙيون پر پنهنجي آواز سان مٿي جو رت بہ پي ويندي يون. مڪڙيون وڏيون ٿين، انهن کان ننڍيون تڏيون ٿين ۽ انهن ٻنهي کان ننڍيون هَوَ جيڏيون آرون ٿين، آرن جي 'رون رون' جي ڳلا تہ ڪري ويڻا سين پر انهن جي آواز تي گهاٽو ويچار ڪبو تہ اهو بہ هڪڙيءَ مهل پر ڏاڍو وٽندو آهي.

اها ڳالھہ اهو ماڻهو سمجهندو جنهن کي ڪڏهن جهنگ ۾ رات پئي هوندي. جهنگ جڏهن سنسان هوندو آهي، چوڌاري مانُ ٿي مانُ هوندي آهي. ماڻهو، مرون، پکي پکڻ جڏهن سڀ ڪاريءَ رات ۾ وڃي پنهنجي گهرن ۽ آکيرن پيڙا ٿيندا آهن ۽ ننڊ ۾ هوندا آهن، تڏهن اهي آرون ئي هونديون آهن جن سان اڪيلو رڻ ۾ رات پيل ماڻهو ورونهن ونڊيندو آهي. ٻين جيون جا آواز تہ بند ٿي ويندا آهن، باقي آرن جو هُل بہ بند ٿي وڃي تہ جهنگ ويتر پيانڪ لڳي ۽ ماڻهوءَ جو ساھہ ئي سيني ۾ مُنجهي پوي. اهڙي ٽاڻي اهي آرون ئي آهن، جن جو اڪيلي ماڻهوءَ کي سهارو ملي ٿو ۽ سمجهي ٿو تہ آءٌ بہ اڪيلو نہ آهيان، پر ڪنهن وڳر سان وينو ريجهہ رهاڻ ڪريان. اهڙي گهڙيءَ ۾ آرن جو سُر ۽ گيت اهڙا تہ مٺا لڳندا آهن، جو دنيا جا سڀ گوَيا، ڳائڻا ۽ ڳائيندڙ اچي ڳڏ ڪجن ۽ اهي پنهنجي سازن سان مِٺا مِٺا آلاپ ڪين، تہ بہ آرن سان برابري ڪري نہ سگهندا- بس پريات ٿي نہ آهي، سچ ڪَني ڪڏي نہ آهي تہ آرون ائين گم ٿي ويندي يون، جيئن "ڳنئون جا مٿيان ڏند". رات جي ڪپايل مٿي کي ڏينهن سارو آرام ڏينديون ۽ رات جو وري اهي لاٿون اهي چُڪهہ- اُهي روهيون اُهي رنبا- اها انڌي اهو جنڊ- اهي ڏنڊا اهي ڪوندا.

## 22- مينهن وسازو

مُنڌائتا مينهن وسي اچا بس ئي مس ڪندا تہ اجهو مينهن وساڙن منهن ڪڍيو. جيت جنتر ڪيٺ ڪَنڌر تہ اسان گهٽي ئي ڏٺا وائنا، پر هھڙو پيارو جيت ٻيو ڪوبہ پرٿويءَ تي ڪونہ ٿيندو. ننڍڙو تنڊٽيءَ جيڏو، پر ڪٽي هن جو

پن، ڪٿي ڪاري ٿنڀٽي. ميٺهن وساڙو ڳاڙهو رتي رنگ جو، سندس ڪَل هوبهو ڳاڙهي بخمل جهڙي، هٿ لايوس ته پَٽَ ريشم تي آڱريون پيون، ڇُهي ڏسبو ته دل نري پوي ۽ نيڻ نرمل ٿي وڃن. ڏسيو پيو ڏسجيس. هٿ ۾ ڪٽوس ته پنهنجي ڪوئرين ننڍڙين ٽنگن سان اهڙو ته هوريان هوريان هلڻ شروع ڪندو، جو هٿ کي آسيس پئي ايندي.

ماٺهن کي ائين چوندو ٻڌبو آهي ته ميٺهن جو وسي ٿو، سو اهي ميٺهن وساڙا ئي وسائين ٿا. هيءَ به ساڳي ڳالهه آهي جو چوندا آهن ته تاڙي تنواريو ته جڻ ميٺهن کيَ سڏ ٿيو، اڻ گٿو ڪار ڪري اچي وسندو. ميٺهن ته الله سائين ٿو وسائي، پر تاڙن جو تنوارڻ ۽ ميٺهن وساڙي جو جنم وٺڻ، هڪيون تڪيون ميٺهن وسڻ جون نشانيون آهن. ٻارن ته ميٺهن وساڙا ڏٺا ته مزو ٿين، ويچارن کي ويندا پڪڙيندا ۽ گڏ ڪندا، پوءِ ڪنهن شيشي ۾ وجهي سانيدي رکي ڇڏيندس، جنهن ۾ پيا ڇُرندا پُرندا. ڪائين به ڪل نه آهي ته ڇا؟ ڏسڻ ۾ ته ڪجهه ڪونه اچي. جيئن هرڻ پاڻي ڪونه پيئي ۽ اندران ئي اندران پاڻي ٺهي، جو ڪيس تازو رکي، ڪڏهن ٻارهين مهيني ڪو پلر جو پاڻي مليس ته پيئي، نه ته ٿيو پلو. چون ٿا ته هرڻ هيڏا جو چال ماري ٿو ۽ تڪو ڊوڙي ٿو، سو به ان ڪري جو پاڻي ڪونه پيئي، پاڻي پيئندڙ هجي ته ايترو ڊوڙي نه سگهي ۽ ساهه ڀرجي اچيس. ساڳيءَ ريت ميٺهن وساڙي کي به سڀا جهو سائين اندر ئي اندر ڪاڏو پچائي ٿو، نه ته جيڪر جيئرو ڪين رهي سگهي. ميٺهن وسي پورا ٿيا ته جڻ ميٺهن وساڙي جو انت آيو، مڙئي مري ويندا، پوءِ پوٺن تان سيرن جا سير ميٺهن وساڙا ڪٿي ميڙ.

مٿل ميٺهن وساڙا دوا دارون وانگي ڪم اچن. پساريءَ جي هٽن تي ميٺهن وساڙن جون ڳوٿريون پريون رکيون هونديون آهن، جي وِيچ وٺي، انهن مان سُتيون ڦُڪيون ناهين. ميٺهن وساڙن مان چوندا آهنَ ته ڪُشتا ۽ ڪَڪ به جوڙين، جي مردانې ٻرُکي وڌائين. اهو ڪُشتو ملي به مهانگو، پر سَگها ۽

شاهوڪار ماڻهو يا اهي ماڻهو جي انهيءَ ڳالهہ ۾ ڪوٺ پائين يا پاڻ ڪي نبل ۽ نستو سمجهن، سي لاچار واپرائين تہ انهن کي پڪ لاڀ پراپت ٿئي. ماڻهو هن جيت جو نالو بہ پاڻ تي رکن، جيئن تہ چوندا آهن: ميان مينهن وساڙو خان.

کمڙي ساراهہ ڪري کمڙي ڪجيُ اُن سڀا جهي سائينءَ جي، جو همڙيون مُلهائنيون شيون اُپائي، اسان کي بنا مُلهہ جي ڏني تو ۽ اسين انهن مان ڪيترا نہ سک ماڻيون ٿا. اي ميان مينهن وساڙا، سنڌ تي شل سدا سانوڻ هجن ۽ تون سدا اسان جي پَٽن پوٺن تي شيل ڪندو ڏسجين: جو توکي ڏسي اسان جون اکيون ۽ دل ٺرندي. اسان جا ٻچڙا توکي پيار مان هٿن ۾ کڻي لوليون ڏين ۽ دل وندرائين. سچ پچ تہ ڪڙڪيتي جو تون وڏو پاءُ آهين. تون شال جيئرو هجين ۽ وڏي ڄمار ماڻين، پر پوءِ دپ اٿئون تہ توکي سدائين ڏسي ڏسي سک نہ پلجي وجي، ان ڪري پلي تہ تنهنجي سک ۾ هجون.

# 23- گهريتڙي

گهريتڙيءَ تي اهو نالو پيو ئي اُن ڪري آهي، جو هوءَ مِٽيءَ جو گهر ٺاهي، ان ۾ اندر رهندي آهي. هيءُ جيت بہ ڏسڻ سان تپرس وٺيو وڃي. هن جا بہ بہ پاڙا ٿين ٿا. هڪڙي گهريتڙي ٿئي ننڍي هيڊي رنگ جي ۽ ٻي ٿئي وڏي ڳاڙهي رنگ جي. وڏي وڏا ڪم ڪري ۽ ننڍّي هن ڪان ننيا. سارو ڏينهن ڏسو تہ وتنديون آلي مٽي ڳوليندي يون. جتي بہ هٿ آيس، اتي پهچي وينديون. وات ۾ ذرو ذرو مِٽي کڻي، گهرن جيٰ ڇتين ۾، کُنڊن پاسن ۾ اچي انهيءَ مٽيءَ سان گهر جوڙينديون. ورچن تہ بنهہ ڪين. مهينا لڳيو وڃن هڪ گهر ٺاهڻ ۾، پر جيسين اهو جوڙي راس نہ ڪن، تيستائين ٽڪجن ئي ڪين. گهر ۾ اندر وري ڪوٺيون ڪوٺيون جوڙين ۽ هڪ هڪ ڪوٺيءَ جي مٿان هڪ ٽُنگ ڪڍن، جنهن مان اندر اچن وڃن. جڏهن گهر واري مِٽي سُڪي نوٽ ٿئي تہ اهڙو ڏاڍو ٿي وڃي جو هٿ سان تہ ڀڃي بہ نہ سگهي، جڏهن ڪو پٿر يا مترڪو آڻجي تڏهن ڀڄي. جڏهن گهر راس ٿين تہ ڳولا ڪن ڪينئن جي. ڪٿان ڪٿان وجيو

ڪجي. ڇا ڇا اُپايو اٿس ۽ ڇا ڇا انهن ۾ ماڻهن جي ڀلي ڪارڻ ڳجهه ڳڙيا اٿس. پکي به ڪکن مان آکيرا ناهين تا. سيني ۾ ڇيهن جا آکيرا اسان جون اکيون ڪوليو ڇڏين ته نندڙن پکين ۾ به ڪيتري نه ڏٺي سگهوري سمجهه ۽ سياڻپ رکي آهي، پر واهه مائي گهريتڙي، تنهنجي گهر سان لڳي ئي ڪونه. هزار رازن ۽ ڪاريگرن جون ڪاريگريون تنهنجي سياڻپ تان ٻلهار وڃن! ڪڪريون ۽ ماڪيءَ جا مانارا به ڏنا اٿئون، پر تنهنجو گهر پنهنجو مَٽ پاڻ آهي.

## 24- ڦوڙو

ڦوڙو ته اسين "الاچيءَ" کي به چوندا آهيون، جو ٻوڙ، ياجي ۽ پُلاءُ ۾ سرهاڻ لاءِ وجهبو آهي. هيءُ ڦوڙو، جنهن جو آءٌ ڳالهه ٿو ڪريان، ان کي "حباب" به ڪوٺيندا آهن. اهو ڦوڙو پاڻيءَ جي ڦوڙو آهي، جو جڏهن مينهن وسن ته ڌرتيءَ تي گڏ ٿيل پاڻي يا واهڙن ۾ مينهن جي ڦڙن پوڻ ڪري نهي پوندو آهي. اڌ گول اک جي تاري (دوڏي) وانگر چمڪڻ لڳندو آهي. ٻار ته الله سائين جي هر ڪنهن انوکي جوڙ کي ڏسي مست ٿي ويندا آهن. مينهن پون، ڦوٽا نڪرن ته ٻنهه ڇريا ٿي پون ۽ ڦوڙن کي هٿ لائڻ لاءِ آتا. پر اجا هٿ لائين ئي لائين ته ڦوڙو ڦاٽي گم ٿيو وڃي. ڏاڍي مڙسي ڪُري ان کي وٺن، پر اجا هٿ جي آڱر ڇُهن ئي ڪونه، ته ڦوڙو گم. اهوئي سبب آهي جو ڪوين ۽ سگهڙن ڦوڙي کي ماڻهوءَ جي ڄمار سان ڀيٽيو آهي. ڇي: ماڻهوءَ جي ڄمار ان ڦوڙي وانگر آهي. بس ايتري ٿوري. سؤ ورهيه ڄمار ٿئيس، ته به هڪ ڏينهن، انهيءَ ڦوڙي وانگر پنهنجي سؤ ورهين جي سونهن ۽ سينگار ڏيکاري، هڪ ڪن ۾ پورو ٿيو وڃي.

ڦوڙي مان اسان کي ڪهڙا ڪهڙا آدرش ملن ٿا: ماڻهو جو پاڻ کي ائين سمجهيو وينو آهي ته سونهن ۽ جواني مون سان سدائين نيبهه هوندي، سا ڳالهه ڪوڙي آهي. ڏيئي جو تيل جڏهن کپي ويندو آهي ته ان جي ٻرندڙ وَٽ

پڇاڙيءَ ۾ رڳو هڪڙو خملڪو ڏيئي بس ٿي ويندي آهي ۽ سندس سوجهرو گم ٿي ويندو آهي. ساڳيءَ ريت ڦوٽو ويچارو، جنهن ۾ نه آهي تيل نه آهي وٽ، سو نه ويچارو هتان جمي ۽ هُتان اک ڇنڀ ۾ مري وڃي. ساڳيءَ ريت ماڻهوءَ جي جمار به سَپني وانگرَ آهي، جنهن ۾ اگهور ننڊ اندر ڇا جو ڇا ڏسجي ۽ اک کلي ته ڪوڙ جو مثل ڪوڙ.

پوءِ اي ڏٺيءَ جا سنواريل ماڻهو، ڇا تي تو هٺ وڏائي ڪرين ۽ پائين تو ته هن دنيا ۾ سدائين جيئرو رَهندين ڇا؟ اڙي ڳميلا، جو نِڪر گهڙيو آهي، سو پڄندو. اُگهاڙو ۽ هٿين نلهو آيو آهين ۽ بہ-چار هٿ جوڙيءَ (ڪِفن) جا ڍڪي، اگهاڙو ۽ نلهين هٿين هليو ويندين، جڻ ته ڇائين ڪونه.

ٻڌاءِ ته تو ۾ ۽ ڦوٽي ۾ ڪهڙو ڦيرو آهي؟ جمارَ سپنو نه آهي ته ڇا آهي؟ تون وتين ٿوڏن گڏ ڪندو، نڳيون، ڪوڙ ۽ ڪپٽ ڪندو، اُبوجهن کي ڦرينهو لُٽيندو ۽ ڏڪوئيندو. نيٺ ته جنهن خدا وٽان آيو آهين، ان جي سامهون هلندين ۽ پنهنجي ڪرمن جي ڪهڙي وراڻي ڏيندين؟ جڏهن پڇاڻو ٿيندو، تڏهن ڇا ٻڌائيندين ته مون پنهنجي ٿوري دير جي جمارَ ڪهڙن ڪمن ۾ پوري ڪئي؟ ڪُڌايون ڪيون يا ڇڱايون؟ جنهن ڏٺيءَ اُپايو نپايو ۽ وڏايو وبجهايو، ان جي حڪمن جي ڪهڙي پوئيواري ڪيم ۽ سندس موڪليل رسول جي ٻُڌايل وات تي پورو هليس يا هن ڪوڙي پرتويءَ جي موهه ۾ اچي اهنڪار ۾ ڪاهي پيس ۽ هن ليکي جي ڏهاڙي (حشر) لاءِ ڪابہ سمرٿي ڪئي نه ڪيم. اڄ هٺ ٿوري گهٽي جو ليکو ٿيندو، ترَاڙو ترندو، پڇاڻو ٿيندو ۽ ليکو چڪتو ٿي پنهنجي ڪنن ڪرمن جي سيکت ملندم.

اي پليل ساٿي، هن ڦوٽي واري جمار تي تون ڇو ايترو پلجي ويو آهين! اُهو ڪي ڪر جو ڏکي ڏينهن ڪم اچيني ۽ مالڪ اڳيان مَرڪندو رهين ۽ سرگ ماڻين.

بن بنايا اٿس، جيڪا بہ شيءِ بنائي اٿس ان جو سِگهو يا دير سان انت پڪ آهي تہ ايندو. رهندي وجي سندس ذات جنهن کي پڇاڙي ڪانهي، سدائين رهڻ واري آهي. ٻيون شيون جي گهڙيون اٿس تن جي پڇاڙي اٽل آهي، تنهنڪري اي ڏٺيءَ جا سچا ٻانها! الله سائينءَ جون اهي سياڻپ ۽ ڏاهپ جون شيون ڏسي انهيءَ کي پل پل سنيار تہ هن پرٿوي تي ۽ ايندي دنيا جون موچاريون لهين.

## 26- ڏيڻ

ڏيڻ مان ائين نہ سمجهو تہ آءٌ ڪو ڏرتي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهيان. هيءَ ڏيڻ جنهن جي پچار ڪئي اٿم سا هڪ ٻچڙي بلا آهي، شل نہ ڪو ان جي آور ۾ اچي، جي آيو تہ وري نہ موٽندو. ويو سو ويو.

جتي جتي پراڻا گهارا يا ڍورا هوندا آهن جي درياءَ جي اُتان ڇڏي وڃڻ سبب انهن جي وهڪرن جا پيٽ رهجي ويندا آهن، اتي انهن پيٽن ۾ ڪٿي ڪٿي ڏيٽيون نهي پونديون آهن. ڏيڻ ۾ پاڻي ڪونہ هوندو آهي، پر رڳي گپ هوندي آهي. جنهن ڍوري جي پيٽ ۾ ڏيڻ نهي پوندي آهي، سو تڪر ڏاڍو جوکائتو ۽ اونهو اوڙاهہ هوندو آهي. هن ۾ ماڻهو تہ ڇا پر ڪو اُٺ هاٿي اچي وڃي تہ اهو بہ غرق ٿي ويندو. ڪيترا ماڻهو، جانور ۽ ٻيا ساهہ وارا انهن جو بَک ٿي چڪا آهن. ڏيڻ جي گپ بہ اهڙي تہ چيڪي لِوَ واري هوندي آهي، جنهن کان خدا ڏئي پناهہ! منجهس پير گتو تہ ايوئي ايو هلندو ويندو هيٺ ۽ ماڻهو گپندو ويندو. جيئن جيئن پاڻ ڇڏائڻ لاءِ هٿ پير هٽندو، تيئن تيئن پنهنجي بار ۾ ويتر ويندو ڦاسندو. ڏيڻ جي اونهائيءَ يا گهاٽائيءَ جو تہ انت ئي ڪونہ پوندو آهي تہ هيٺ ڪٿي ٿي وڃي پوري ٿئي. جيڪڏهن ڪنهن ڏاهي ماڻهوءَ کي اڳواٽ سُڌ هوندي تہ هيءَ ڏيڻ آهي تہ اُٻي ٻيهڻ جي بدلي هڪدم ان گپ ۾ ليٽي پوندو آهي ۽ ليٽندو موٽندو ڦرندو گهرندو ليٽڙيون پائيندو ٻاهر نڪري اچي تہ ٿي سگهي ٿو، نہ تہ پنهنجي زوربار ۾ سڌو بيٺو تہ ويندس ڏيڻ ڳهندي. پير اندر

جنيڪو اڳهن جو درمل ٿئي، سو ڊاڪٽري دوائن کان ڪنهن پر گهٽ ڪين آهي. رڳو انهن مان ڪم ورتو ۽ انهن کي سڃاڻڻ ته ڪهڙي ٻوٽي ڪهڙي اگهائيءَ لاءِ ڪمائتي آهي، اها سُرت هئڻ گهرجي. جس هجي پساريَن کي جي اهي ڪک پن سڃاڻن ٿا. ويچ ته چئي لکي ڏيندا ته پَساريءَ کان وڃي هي ڪي هي ٻوٽيون وٺي پُڙيون ٺهرائي ڪاڙهي پيئو، بس. پوءِ پساريءَ وٽ وڃ ته اها چئي پڙهي جهٽ ڪٽيو ڪري. اسان جيڪو تپ ۾ تڌ کان ڪاڙهو پيئندا آهيون، جنهن کي حڪيم منزج چون سو آهي ڇا؟ اهي ئي ڪک پن ۾ ٻوٽيون هونديون آهن، جهڙوڪ ست گلو، نيلوفر، گڻ ويل، وڏف، ٻهيڙا، آنورا، هريڙون، منڊيري، برگ يوسفي، منيءَ ڪاني، ڪڙي ڪاني، ايريال، ڦودنو ۽ بيون اهڙيون سوين ٻوٽيون، ٻج ۽ پسار جون شيون. پساريءَ به انهن جو جهڙو حافظ. ڪاريءَ رات جو چوينس ته پنهنجي هٿ تان جن دٻن ۾ اهي ٻوٽيون هونديون، تن کي هٿ لائڻ ۽ سونگهڻ سان جهٽ ڪري ايندو. اهي ٻوٽيون نه ڪير پوکي ۽ نه ٻج وجهي نه پاڻي ڏئي، پاڻمرادو اُڀري پون. الله سائينءَ جي ڏنل ڏات آهي، جي ماڻهوءَ جي تن جي ڇا ڪائيءَ لاءِ اُپايون اٿس.

هاڻي ڇڏيون ٿا انهيءَ قوت کي، اچون ٿا شرم ٻوٽيءَ تي، ڪڏهن ڪنهن ڦلواڙيءَ تي وڃو ته باغائيءَ کي چئو ته اسان کي شرم ٻوٽي ڏيکار، هو اوهان کي وٺي هلندو ۽ ڪنهن نه ڪنهن گلن جي ڪونڊيءَ وٽ هلي اوهان کي بيهاريندو ۽ چوندو ته هيءَ اٿوَ شرم ٻوٽي. خبر اٿو ته هن ٻوٽيءَ تي اهو نالو ڇو پيو آهي؟ سچ پچ اها شرم واري ٻوٽي آهي ڇا؟ اها سُڌ اوهان کي تڏهن پوندي جڏهن اُن کي هٿ لائيندا يا ڇُهندا. اها ٻوٽي سائي سونهن پري ڪونڊيءَ ۾ ول وانگر پکڙي پئي هوندي آهي ۽ ان جا ڪومل پن کِليا بيٺا هوندا آهن. جيڪڏهن ان جي پن- چٺن پنن کي هٿ لاتوَ ۽ پنهنجي چپٽيءَ ۾ ڪٺي جهليوَ ته سُڌ اٿو ته ڇا ٿيندو؟ انهيءَ ٻوٽيءَ جا پن ويرم ۾ شرم کان ڪومائجي ويندا. مرد ماڻهوءَ جو هٿ لڳيس ته ڪومائجي وڃي پر ڪنهن ننڍي نياڻيءَ يا

ئي رنگ سولائيءَ سان ڳڻي سگهبا آهن. جڏهن اندلٺ نڪرندي آهي تہ ننڍو وڏو گهر کان ٻاهر نڪري اچي اهو رؤنشو ڏسندو آهي ۽ ڏٺيءَ جي جوڙ جي سارا هہ ۽ واکاڻ ڪندو آهي- اندلٺ بہ ڏٺيءَ جي جوڙن مان هڪ انوکي جوڙ آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي "رين بو" "مينهن جي ڪمان" سڏين ۽ عربيءَ ۾ ان کي "قوس قزح" چون- خدا کان سواءِ ڪنهن کي اهڙي ذات يا سگهہ آهي جو اهڙي وَنگ ٺاهي سگهي؟ اندلٺ هڪ موري يا وڏيءَ پل وانگر هوندي آهي جنهن جي هيٺان هوند سڄي ڌرتيءَ تي رهندڙ ماڻهو ۽ ٻيا ساهہ وارا لنگهي وڃن. اندلٺ جي بيهڪ بہ ٿوري ويرم لاءِ هوندي آهي. جيئن سنهيون سنهيون بوندون بس ٿينديون وينديون، تيئن اندلٺ جا رنگ ۽ آها سڄي پل هوريان هوريان جهڪي ٿيندي ويندي آهي ۽ نيٺ ميٽجي ويندي آهي.

اندلٺ جو ڏيک ويک بہ کهڙو تہ من موهيندڙ آهي. ان کي ڏسندي ڏسندي ماڻهو ڍاپندو ئي نہ ۽ ٻانٻيندو آهي تہ وري وري اندلٺ نڪري تہ ڏسندو رهان. اهي ئي تہ الله سائين جا جوڙ ۽ جنسار آهن، جن اسان کي سندس هوند جو مڃيندڙ بنايو آهي. ڪنهن سگهڙ چيو آهي:

اُڀ ڏي ٿوري نظر ڪريو،
سڄ چنڊ تي پڻ ڏيان ڌريو،
سهڻي تارن سندي قطار،
جوڙيا سائينءَ سڀ جنسار.

## 30- سَن

لوڻ بنا سيڪو ڪاڌو ڦڪو- وات ۾ وجهہ تہ وڻي ئي نہ، سيڪو دانهن ڪندو تہ اڙي ماني ڦڪي، يا پَت ڦِڪو يا ڀاڄي ڦِڪي. ڪاڌي ۾ پوي سا لوڻ جي چپٽي، نہ تہ ان کانسواءِ پنسا ئي پاٽيءَ ۾. اهڙي ڪمائتي شيءِ ۾ سستي وري ٻين سيني شين کان. اهو لوڻ اچي ڪٿان ٿو سا بہ اوهان کي سڌ هوندي،

ڏينهن به نهن سيڪين مان ٿي تا . انڪري جڏهن ڏسجي ته سيڪيون گهٽيون ٿيون اچن ته دوا ڪرڻ ۾ دير نه ڪجي، نه ته ڏينهن هيٺو ڪري ڇڏيندا ۽ ماڻهوءَ جو پيٽ وڏي پوندو ۽ وڏيڪ ڇيهو ٿي پوڻ جو ڊپ آهي.

ماڻهوءَ جي پويان ڪيتريون نه بلائون لڳيون رهن ٿيون، پر آهي ماڻهو به نرجو، ڪريءَ کان پيو نٽائيندو ۽ مِنيون مِنيون شيون کائڻ جي پڇر ئي ڪين ڇڏيندو. ڏٽي ہا جهاري کي سارا هڻ کپي جو ڏک ڏئي به ٿو لاهي به ٿو، نه ته ماڻهوءَ جي الائجي ڪهڙي گت ٿئي.

## 33- پورو ڪينئون

پورو ڪينئون به گاهه جي ڪينئن وانگيان واهن ۽ واهڙن جي ڪپن تي آلي مٽيءَ ۾ ٽُنگ ڪري انهن ۾ پيدا ٿيندو آهي ۽ انهن ۾ رهندو آهي. گاهه جا ڪينئان ننڍا هوندا آهن، پر پورا ڪينئان وڏا هوندا آهن. اٽڪل سارو چار پنج انچ هوندا آهن. اُس نڪرندي آهي ته هو به پنهنجي ٻرن مان نڪري ٻاهر ايندا آهن ۽ آلاڻ ڇڏي سوڪ تي رڙهڻ لاءِ ايندا آهن. اهڙا ته پياڻڪ هوندا آهن جن کي ڏسي ڏرُ ونبي ويندو آهي. پر خدا جي جوڙ جو بت وري اهڙو ته ڪونئرو هوندو اٿن جو ڪنهن شيءِ سان رهڙجن ته اڌ ٿي پون. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهوءَ جو مٿن پير اچي وڃي ته به ٽڪر ٿي پون. اوهان تپرس ۾ پِڏجي ويندا ته جڏهن ان جا ٻه اڌ ٿي پوندا ته ٻئي اڌ وري به ائين هلڻ لڳندا جيئن هڪ ڪينئون نه هو، پر ڪي به ڪينئان هئا.

اوهان ڏٺو هوندو ته ڪڏهن اسان جي گهرن ۾ ڪا ڇچي ماربي آهي ۽ ان جو پڇ ٻئي بت کان جدا ٿي ويندو آهي ته ڇچي ته پڄي ويندي پر سندس پڇ ويچارو پيو ڦٿڪندو آهي. جيسين پڇ ۾ ساهه هوندو اٿس، تيسين پڇ ٽپا پيو کائيندو آهي. نيٺ مري پورو ٿي ويندو آهي ۽ ماڪوڙيون چڙهي ويندِيون اٿس ۽ کائي جشن ڪنديون آهن. پر واهه ڙي پورا ڪينئان- تنهنجا اڌ ٿين، چوٿا ٿين يا ڏهه ٽڪر ڪجن ته هڪڙو هڪڙو ٽڪر پنهنجي مٿي هڪ ننڍڙو ڪينئون بنجي

پوي ۾ سُرندا رهن. پلي ته ڪيترا به پور پور ڪريون، پر تون مرين بنهه ڪين پر ساڳئي رنگ ڍنگ سان سُرندو رهين. انين تو پانئجي ته هن ڪينئي ۾ هڪڙو ساهه نه آهي، پر ڪي انيڪ ساهه آهن. جيترا ٻرن ۾ لڪي ويندا.

ڏنو الله سائينءَ جي جوڙ ۾ سگهه، جيئن گهري تيئن ڪري. ٻچا ٻچا نه جوڙيو اٿس. تڏهن به ڪي هن مالڪ سائين جي هجڻ ۾ ويساهه نٿا رکن. ڇون ٿا ته هيءُ جڳ هيءُ سنسار پاڻهي پيو هلي، ان جو جوڙڻوارو ڪو به ڪونهي. سڀ پاڻهي جمن پاڻهي مرن، پاڻهي ڪاڏو ملين، ڪو به ڪاڏو پهچائڻ وارو ڪونهي. سيڪجهه پاڻهي پيو ٿئي. اُپائيندڙ ۽ پاليندڙ آهي ئي ڪونه. هي هزارين ساهه وارا پکي پکڻ، مڇيون منگر، ديو پوت، ماڻهو جن، جيت جنتر سڀ پاڻهي پيا نهن ۽ رهن. اها ڪهڙي نه انڌائي آهي. جڏهن هڪ ننڍڙي وٽ به ٺاهيندڙ کان سواءِ نٿي نهي سگهي ته هيءُ سڄي جوڙ سج چنڊ تارا، هوا باهه پاڻي جو ڪو ٺاهيندڙ ڪونهي!

## 34- چاهو

الله سائينءَ جي اُپايل ساهه وارن ۾ چاهو به هڪ تپرس ۾ وجهندڙ ساهوارو آهي. سندس بت تي ڪُل ڏسجي ڪانه، نه ڪو وار ئي ٿئيس. سڄو بُت ٽڪن ڪارن ڪنڊن سان پريل هوندو اٿس، جي اُپا ئي اُپا بيٺل هوندا آهن، ڪير جو هٿ لائي سگهيس ته هٿ ئي ڦٽجي پويس. جهنگن ۾ گهڻو ڏسبو آهي. ڏينهن جو تورو نڪري پر رات جو نڪري ٿئي ٻاهر. سهائيءَ رات جو ته ڪوڏيو آهي. چانڊوڪيءَ ۾ ناچ به ڪري، جو ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڪوئي جهڙي ٻوٿي هوندي اٿس ۽ پير به گهڻو ڪري ان ئي جهڙا مليل اٿس. ٻوٿي ٻاهر ڪڍي، پيرن تي ڏاڍو ٽڪو هلندو ۽ ڊوڙندو آهي. ماڻهوءَ تي اک پيس ته ٻوٿي ۽ پير لڪائي ڇڏيندو ۽ گول ٿي ڪينهوڙي وانگر ويڙهجي سيڙهجي مڪر ڪري پنجي رهندو ڄڻ ته ساهه ئي ڪونه اٿس، پلي ته ڪو اچي هٿ ۾ ڪنهن ڪپڙي يا ٻي شيءِ سان ڪٽيس، جيئن سندس هٿن ۾ ڪنڊا نه چُڀن.

راندين مان چينهر-پسيءَ جي مکيہ راند آهي. ڪي اڇيون ڪوڏيون، ڪي پيليون، جن ڪي سچليون ڪوڏيون چنبو آهي. ان ڪانسواءِ ٻهراڙين ۾ سچليون ڪوڏيون ويچاريون مايون پنهنجن گڳن ۽ جُبن جي دامن تي ٽانڪي ڇڏينديون آهن تہ اهڙي چم چم لائينديون آهن، جو سونا ڳهہ بہ ڦڪا لڳن. پاٽي پرڻ لاءِ سينهيون بہ انهن ڪوڏين سان جڙي سينگارين. پيا بہ ڪيترا ڪم منجهانئن ورتا ويندا آهن.

باقي رهيا ڪوڏ، اهي بہ بلي بلي! اوناري ۽ جت ماڻهو اهي ڪوڏ پنهنجي اُٺن جي جُهلن تي مڙهائين. ٽڙن ۽ تلن تي جَڙائين ۽ اُٺن جي ڳچين ۾ ڳانيون ٻڌن، ٻن تي بہ انهن جو جڙاءُ ڪن. تنهن وانگي اهي ڪوڏ اهڙي تہ سونهن ۽ سوڀيا ڪن، جو ڇا ڪٿي ڇنجي. اهي بي ملهيون وٽون ڪهڙا ڪهڙا ڪم ٿيون ڏين ۽ ماڻهو پنهنجي هنر سان انهن مان ڪهڙا ڪهڙا ڪم ٿو وٺي. بس سارا هہ انهيءَ مالڪ سائينءَ جي آهي، جنهن اهي اُپايون آهن ۽ ماڻهوءَ جي لاپ لاءِ اُپايون آهن. هنن شين جي سارا هہ ڪجي يا انهيءَ ذات سڳوري ڪي سارا هجي، جنهن اهي جوڙيون!

## 42- سؤپيري

سؤپيري بہ هڪ جيت آهي. ان ڪي سؤپيري ان ڪري چون، جو ڪيس سؤ پير ٿين. هڪڙيون سؤپيريون تہ ويچاريون ننڍڙيون جيتامڙيون ٿين، جي واهن ۽ نهرن جي ڪپرن تي ٻين ڪيڙن وانگر ٿپنديون آهن. انهن تي هر ڪنهن کي ٻاجهہ پئي ايندي آهي. هٿ ۾ ڪٽبن تہ بہ مانڊ ڪري پيون سُرنديون. نہ چڪ پائين نہ ڏک رسائين. انهن ڪي مارڻ بہ وڏو پاپ. ويچاريون جيتامڙيون پنهنجو منهن وٺيو پيون هلنديون. چمار بہ ٿوري ٿنين. پاٽي هٿيو ۽ سوڪ آئي تہ پاڻهي موت اچي ويندن.

پيون سؤپيريون ڏاڍيونَ ڀوائتيون وڏيون بلائن جهڙيون هونديون آهن، جي بلائن وانگر ٻرن ۾ رهن ۽ زهريليون ٿين. چڪ پائين تہ ڦٽڪائي رکن. بلا

جهڙو ماريندڙ زهر ڪونہ ٿئين، پر تڏهن بہ چڪ هڻڻ سان ساڙي رکن. اهڙي سؤپيري گهر جي ڪنهن ڪنڊڪڙڇ مان نڪتي تہ ماڻهو مارڻ کان سواءِ ڪين ڇڏينس. مري بہ ڏاڍي ڏکي. ڪُتي ڪُتي وري ڪتبس، تڏهن مس ساهہ ڇڏيندي. توبهہ ڪٿي ڪجي. ڏسڻ ۾ ٿي ڏاڍڻ جهڙي. ڊپ ۽ ٻُچان پٽي وٺندي.

سندس نالوئي سؤپيري آهي. مون سندس پير ڳڻي ڪونہ ڏٺا آهن، پر اهي جن ڳڻڻ جي سگهہ ساري آهي، سي چون ٿا تہ پورا سؤ پير اٿس، نہ گهٽ نہ وڌ. ڏسو تہ الله سائينءَ جا ڪهڙا نہ ٽپرس ۾ وجهندڙ جوڙجڪ آهن. انهي سائينءَ جي ڪيتري بہ ساراهہ ڪجي تہ ٿوري آهي. شال اسان کي ڏٺي سگهہ ڏئي جو سندس نانءُ سدا اُچاريندا رهون ۽ گهڙي بہ نہ وساريونس.

# 43- سونا گيڙو

ڪي ڳهيلا ماڻهو چوندا آهن تہ ڏٺي سڳوري هي پربتون، پهاڙ ۽ ٽَڪريون تہ الائجي ڇو ٺاهيون؟ اکيون پٽي ڏسن تہ سڌ پوين تہ انهن مان ڪين ڪهڙا لاڀ پراپت ٿين ٿا. انهن جي پٿرن مان چُن جو پٿر، سيمنٽ جو پٿر، جاين ٺاهڻ جو پٿر ڪڪري، ريتي، بَجري ۽ بيو ڇا ڇا نہ ٿو ملي. انهن پربتن جي پاڙن ۾ کاڻيون ٿين، جن مان ميٽ، لوهہ، ٽامون ۽ ٻيون گئسون ۽ سڀ کان وڌيڪ هيرا جواهر ملن ٿا، جن جي ڪري اسان جو ديس سائو ستابو ٿيو پوي. رڳو ماڻهوءَ ۾ اُدم ۽ اورچائي جو گڻ هجڻ گهرجي تہ سڀ ڪجهہ ملي پوي. اهي ئي پربتون تہ آهن، جنهنڪري اسان کي پاڻي ملي ٿو، ملڪ جون نديون وهن ٿيون. انهن پربتن تي برف پوي، جا سياري ۾ جمي پٽي هجي ۽ اونهاري ۾ تکي اُس هئڻ ڪري وٺڙي پاڻي ٿي متان ڪِري ۽ تکا گهارا بنجي وهي وجي وڏين ڍنڍن ۾ پوي، جتان وڏا وڏا ڦاٽ وهي نڪرن ۽ نديون ٺاهين، جن جي پاڻيءَ تي اسين پوکون ڪري اَنّ، گاهہ، ڀاڄيون ۽ ڦل ڦول پوکيون.

آءٌ جڏهن هڪ دفعي ننگرپارڪر کان ڏکڻ اڀرندي ڪنڊ تي هڪ ڳوٺ چوڙيئي ۽ ڀرائي ڏي ٿي ويس، تہ ننڍيون ننڍيون ڳاڙهيون ٽڪريون ڏسڻ ۾

آيون. اُنَ تان لهي جانچ ڪيمر تہ هي ٻاڙهيون چو آهن. ڏسان ڪٽي تہ انهن جو پٽر سچُ داءَ جو آهي. اهو داءُ وارو نرم پٽر ڪُٽي چاٽي اسين پنهنجي پڪين سرن وارين جاين ڪي اچي پوچيءَ جي بدلي ٻاڙهي داءَ جو راڳو ڏيندا آهيون تہ سرن واريون پتيون ويتر سونهن ڪنديون آهن. داءَ ڪان سواءِ هيٺ ڪوتبو آهي تہ ڪي تمام نرم ڳوڙها سونا گيڙوءَ جا بہ ليپي پوندا آهن، جي پورُ هوندا آهن. اهي ڳوڙها تہ داءَ ڪان بہ وڌ ڪمائتا هوندا آهن. اهي اوهان ڪي ڏسٽا هجن تہ سونارن وٽ وجي ڏسو. سونارو ويچارو سون جا پلي تہ ڪمڙا بہ سهٽا ڳهہ ڳنا ناهي، پر اهي ڦڪا هوندا آهن. نا هڻ ڪان پوءِ جيستائين انهن ڳهن ڪي سوناگيڙوءَ جي چٽَ نہ ڏني تيستائين سون سونهن ئي نہ ڪري. سون جي چمڪ ۽ ڏمڪ سوناگيڙو ئي وڏائيندو آهي. زالون مايون تہ سون تي سدائين هرکيل هونديون آهن، سو سوناگيڙو لڳل ڳهہ ڏسن تہ اصل چريون ٿيو پون. ڪڏهن ڪڏهن سندن زيورن تان سونا گيڙوءَ جو رنگ لهي وجي تہ وري ان ڳهہُ ڪي اوجر ڪرائين ۽ سوناگيڙوءَ جي چٽَ ڏيارين، تڏهن وجي سندن من ۽ اکيون ٺرن. انهيءَ پٽر جو نالو ئي رکيو اٿن سوناگيڙو. گيڙو، رنگ آهي ۽ اهو رنگ سون کي ڏيڻ لاءِ ئي ڪم اچي ٿو. ان ڪري چونس ٿي سونا گيڙو.

هاٽي ٻڌايو تہ آهي ڪا اهڙي شيءِ جا خدا نڪمي جوڙي هجي؟ ڌرتيءَ ۾، پائيءَ ۾، پهاڙن، اُپ جي ڪڪرن ۾، سج چنڊ ۾ تارن ڪَتين ۾ ڪيئي خزانا لڪل آهن، جن تي ماڻهوءَ کي ڪيپي تہ ويچار ڪري انهن مان ڪمائتا ڪم وٺي. قرآن ۾ تہ الله سائين چوي ٿو تہ مون ڪا بہ شيءِ بنا ڪم جي جوڙي نہ آهي. مون لوهہ ۽ ٻيا ڌاتو اوهان لاءِ پيدا ڪيا آهن تہ انهن مان اکيون ڪولي ڪم وٺو. هن ڀرتويءَ تي جن بہ پنهنجي چڱي سوچ هلائي انهن مان انيڪ ڪم ورتا آهن، سي هن جڳت ۾ ڏاڍا سکيا ستابا ٿي ويا آهن ۽ ٻيا سندن هٿ وسيڪ ٿي رهيا آهن.

# 44- ڪُتِ

مڇر ٻه ڏاڍو نياڱو آهي، ماڻهوءَ جي ننڊ ۾ سک وهه ڪري ڏيئي. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙا تو ڏنگ هڻي، جو سڄو بت ڍِڙ ڍِڙ ٿيو پوي. پر مڇر ۾ وري ٻه هڪڙي چڱي ڳالهه آهي، جو نياڱو اچي ڪنن وٽ ڀون ڀون ڪندو ۽ سڌ پنجي ويندي ته ويري وريو آهي؛ پر هيءَ ڪُتِ ته اهڙي پٽيل آهي، جو سُڌ نه سماءُ، چڪن سان چني ويندي. چوندا آهن ته "انڌي جي مار، نه خبر نه چار". هڪڙي ٻنهه سنهي، رڱو ٻه پَر مس ڏسڻ ۾ اچن: ٻُت ته نهيس ئي ڪونه. ڪٽي چنجي ته هڪ ٻُڙيءَ جيترو. ڇا سندس ڏيل ڇا بت، پاڻ ڪان وڏا ڪم ڪري. ٻنهه چتي ٿيو پوي. نڪا ڏسڻ ۾ اچي، نڪا وٺ ڏيئي. مڪين سان ٻه پڇي وڃجي، مڇرن ڪان بچاءَ لاءِ ڪٽي مڇر جاري لڳائجي، پر هيءَ ڪِني ڪُتِ تنهن سان ڪيئن وڙهجي؟ سؤ مڇر جاريون لڳايو، پر ان مان ٻه گهڙيو اندر اچي ۽ مورڳو ويل ٿيو وجي. اندر گهڙي اچي ته ٻاهر پٽيءَ ڪين نڪري. چڪن جا جيئن جو تيئن جاوا ڪري. پها ڪو ڏيندا آهن ته "ڪُتِ خلق مان اچي ڦاتا آهيون". سو بروبر سچ چيو اٿن. ڏڪٺاري ٻه هڪڙو چڪ وجهي وٺي پڄندي، پر هيءَ ڪميٽي ڪُتِ چڪن جو وارو لائي ڏيندي. هتان اُتي هُتي، هتان اُتي هُتي، ساري بت جو پسار پٽي ڪندي. ڇا سندس وت ڇا ٻُت، وت ڪان ٻاهر پٽي لڙائي ڪندي. جتي چڪ پاتائين، اتي رهڙ رهڙان پٽي ڪبي، ته ٻه ان جي چِڪ جو ساڙو ڪين ويندو. الله الله ڪري اچو ڏينهن ڪبو، تڏهن وڃي ڪا پرم پري ٿيندي. ڪلمو پري اُٿبو ۽ دل ۾ چئبو ته رات ته ٺل وري نه اچي، چو ته ڪُتِ ڪري ٿي رات جو جُلهَ. ڏينهن سڄو ڏٽي جاٽي ته ڪٽي وڃي ٿي لڪي، ڏسڻ ۾ ئي ڪانه اچي، جي ڏسجي ته هوند ٻاهه ڏيئي ساڙجيس. ساري ڏينهن جا پورهيا ڪري ٿڪجي ٿڪي، رات جو ليٽي، پاڻنجي ته ننڊ ڪجي ته هيءَ ڪُتِ ڪٽي ٿي سمهڻ ڏئي. آءٌ ته ائين چوندس ته ڏڪوئيندڙ جيتن جهڙوڪ ڏڪٺاري، ڏينيو ماڪيءَ جي مک، مُنگهڻ، ڪارڙي، ڏنگَ، چيلاٽي ۾ ٻين سيني ڪان

وڌ ، ڪُتِ لچي آهي، جا ڏيکائي ڪانہ ڏئي لڪي چڪ هئي.

## 45- ڪَنيڙيون

مينهن وسندو ئي تڏهن آهي، جڏهن پهريائين رڳهون ۾ ڳُهٽون ٿينديون آهن، ٿوري وسڪار ٿئي ۾ مُنهن اونداهي مهل ڳمُٽ ٿئي، تہ اجهي ڪَنيڙيون آهن. ڪٿان ٿيون اچن، اها ڪل ڪريم کي. سج لٿو، بتيون پريون تہ هزارن سون جي سينا نڪري باهر ٿيندي. بتين کي گهيري ويندي. ڪير جو بتيءَ اڳيان ويجهو وجي: منهن ۾ پيون لڳنديون. وات نہ شل ڪنهن جو کليل هجي تہ وات ۾ گهڙي ويندي. يلا نڪ کيئن بند ڪري سگهجي، تہ پوءِ ساهہ ڪٿان کڻجي. ڪُنيڙيون تہ نڪ ۾ بہ گهڙيو پون. منهن تي، ڳچيءَ تي، ڏسو ڪٿي تہ بت جو جيڪو بہ کليل پاڱو هوندو، ان تي پيون ڪِرنديون. لاچار ٿي ماڻهو ويچارا ڪجهہ دير تائين بتيون ئي وسايو، اوندهہ ڪريو سمهيو رهن. آخر اهو بہ ڪيستائين؟ ماڻهو تہ وري سياڻو آهي، ڇا ڪندا آهن جو گينديون يا پاٽيون يا ٿالهہ پاڻيءَ سان ڀري بتين جي هيٺان اهڙيءَ ريت ڪٽي رکندا آهن، جو بتيءَ جو پاڇو پاڻيءَ ۾ پوي. پوءِ تہ ڪنيڙيون پائينديون تہ اها بہ ڪا بتي آهي، سو ٽپي پونديون پاڻيءَ ۾، پَرَ پُسيس تہ مُئي. گهڙي ڪن ۾ پاٽ مٿل ڪَنيڙين سان ڀرجي ويندي، ڇو تہ ڪنبَ پسيس تہ انت آيس. ماڻهو خدا کي ٻاڏائيندا تہ هوا لڳاءِ تہ هن مُنيءَ مان جند ڇُٽي. ڏِيئي يا بتيءَ تي هي ڪنيڙيون بہ پتنگن وانگيان موهت آهن. سوجهري تي موهت ٿي اچي مڙنديون. ڪي بتيءَ جي لاٽ يا ڪوسن بلبن سان لڳي ساهہ ڏينديون ۽ ڪي وري پاڻيءَ ۾ ڦٿڪي مرنديون. آهي سوا گهڙيءَ جو کيل، هوا لڳي تہ کيل پورو ٿيو. الاجي ڪٿان آيون، ڪيڏانهن ويون. صبح جو ڏسبو تہ ڪنبَ جدا، ڌڙ جدا ڍير لڳا پيا هوندا، جي ٻهاريءَ سان ميڙي ڪڍبا ٻاهر ۽ ائين پائنبو تہ ڪنيڙين جو ڪال آيو هو يا قيامت آئي هئي.

# 46- ڪونج

ڪونج پکي هڪ روهه جو پکي آهي، جو گذاري پهاڙي پٽن ۾ - ڳچي ڊگهي، آلاپ مٺو، سڄي سونهن هوندي آهي. انڪري ڪا سهڻي زال هوندي آهي ته چوندا آهن ته بس ڪونج آهي. جي سندس ڳچي ڊگهي ٿي ته چوندا ڪونج جهڙي ڳچي اٿس.

اسان جي سنڌ ۾ جڏهن سارين جي پوک ٿئي، سارين مان سلا ڦٽن ته انهن کي چون "ڪڪر". اهي ڪڪر چار انچ کن اُسريا ته هاري پاڙن سوڌا پٽي موڙيون ٻڌندا. پوءِ جيڪا زمين سارين پوکڻ لاءِ تيار ڪئي هوندائون ته ٻه-ٻه سلا سارين جا ريج ڪيل زمين جي گپ ۾ رُنبندا ويندا. انهيءَ ڪم کي چوندا آهن رونبو يا وئراج. سارين جي سلن جو رونبو سڏين اوڙن ۾ ڪندا آهن. وئراج جو ڪم پورو ٿيو ته ساريون اپرڻ ۾ دير ڪون ڪنديون ۽ جڏهن نسرنديون ۽ سنگ جهليائون ته سمجهو ته روهه ۾ نياپو پهچي ويو ۽ جڻ پڙهو گهمي ويو. پوءِ ڪونجڙيون ويچاريون سڄو سال سارين جون سڪايلون، پنهنجا پَرَ اڏامڻ لاءِ سوئينديون. هونءَ به پهاڪو آهي ته سيڪنهن جنس جا پکي پنهنجي جنس سان گڏ اُڏامندا آهن. ان وانگيان ڪونجڙيون ويچاريون پنهنجي وڳر ۽ ولر سان ئي اڏامن. ٻين پکين جي اڏامر به وڻندي آهي، پر ڪونجون ڪير سڏائي. سنئين سڌين ٻارين ۾ اُڏامنديون ٻوليون ڪنديون لنگهنديون آهن ته ڏسي دل پٺي نرندي آهي. "ڪونجن قطارون" ڪافين ۾ ڳايون وينديون آهن. اُڏامن به مٿي، ٻين پکين وانگر هيٺ ڪونه اُڏامن. پهرين ڪونج، جا سندن راڻي هوندي آهي، تنهن منهن ڦيريو ته سڀئي اهڙيءَ ريت ڦري وينديون جيئن سنئين ٻاريءَ کي ڪوبه جوکو نه رسي، انهن پيو يا ئنبو آهي جڻ ته ڪو پلٽڻ جو پلٽو سکيل آهن ۽ ڪنهن وڏي سالار کين سکيا ڏني آهي. پر سُڌ اٿوَ ته اهو سالار ڪير آهي؟ اهو سالارن جو سالار ڏٽي سڳورو آهي، جنهن هن ۾ اها ٻڌي پيدا ڪئي آهي. شل نه ڪا ڪونج سانگ ۾ مري وجي ته

ڪٿي تين. پارڪر ۾ چڱي ڳاٽيتي ۾ تين. اتي ڪاني ڦينجهو ۽ چوڏو چينهو وڍڻ جي ڪاب سرڪار ڪنان جهل پل ڪانهي. رڳو هڪ وڻ روهيڙو آهي، جنهن جي وڍڻ ۽ ڪپڻ کي ڏوهہ ٺهرايو ويو آهي. ان جا ڪارڻ ٻہ آهن: هڪ تہ انهيءَ وڻ جو ڪاٺ تمام ڪمائتو آهي، ٻيو تہ اهو وڻ ٿر ۾ تمام ٿورو آهي ۽ ٿيون تہ اهو وڻ ٿر جي ڦلواڙي آهي. بسنت جي مند اچي تہ هن وڻ ۾ پن ڦٽي پون. جهڙيءَ ريت هتي بہ بهار ۾ وڻن ۾ ڦوٽهڙو ٿئي. اوهان کي سڌ آهي تہ سيني گاهن ۽ وڻن جا پن ساٿيءَ رنگ جا ٿيندا آهن، پر روهيڙي جا پن ٻن رنگن جا هوندا آهن: هڪڙا ڳاڙها گلابي ۽ ٻيا پيلا هيڊي رنگ جهڙا. جڏهن روهيڙا پنن سان ڇانئجي ويندا آهن تہ بس انهن کي ڏسيو وينو ڏسجي. مور ۽ ڍيلون تہ مست ٿي روهيڙن جي ٽارين تي ويهي ميائو ميائو جي ڏن ٻڌي ڏينديون آهن ۽ سندن ڇانوَ بہ اهڙي سک سانت واري هوندي آهي، جو روهيڙي هيٺان گندي پکيڙي سمهي پئو تہ جڻ ڀنگ جو نشو چڙهي ويو. پنن ۾ سڳنڌ ڪانہ ٿئين نہ تہ وڏا وڏا ماڻهو بہ هوند ڪڍي اچي روهيڙي هيٺ ويهي سک ماڻين ۽ انهن کي بنگلا ۽ ماڙيون وسري وڃن. روهيڙو هتي ورلو ڪو ڏسجي نہ تہ هتي جا ماڻهو هوند گهمائي وڃنس ۽ وڍي لاهہ بہ ڪڍي ڦٽا ڪنس ڇو جو هن جي ڪاٺي ڪمائتي آهي.

## 48- مور

جيئن جانورن ۾ هرڻ سهڻو آهي، تيئن پکين ۾ مور سان ڏنگ لڳو پيو آهي. ڇيها، ڦُمريون، بلبليون، پاپيها يعني پپيها، چتون، مينائون، ڪاٺ-ڪُٽا ۽ ٻيا ڪيترا پکي برابر سهڻا آهن، پر مور جو مٽ ڪونهي. ماڻهو ڪنهن پنهنجي پياري کي ڪڏهن بہ ڪونہ چوندا تہ منهنجا پاپيها يا منهنجا چتون يا منهنجا بربلا يا منهنجا ڇيها: پر وڏي پيار سان پنهنجي پياري سنگتيءَ کي يا وڏي ماڻهوءَ کي چوندا آهن تہ "حاضر منهنجا مور، اوهان جو حڪم اکين تي!" اوهان تہ ائين ئي ٻڌو هوندو تہ مور باغن ۾ رهن، پر ائين نہ آهي. ٿر جي

برپٽ ۾ جتني ڪوبہ ڦل ڦول ڪونہ ٿئي، اُتي مورن جا ولر ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جنهن مَڙهي ۾ لهہ تہ مور پيا ٻوليندا. وري ڍيلون تہ انهن کان بہ گهٽيون. جهوپائن ڳوٺڙن وارن گهرن جي ٻاهران. ٻنا ڊپ ڊاءَ جي ٻاهر چڙيل ڪچري ۾ ساڳيون ڪڪڙين وانگر پيرن سان ٻوهر ڦولهي، ان مان ٻاجهريءَ جا داڻا پيون ڪائينديون. ڍيل اهڙي سهڻي نہ ٿيندي آهي جهڙو مور. ساڳيءَ طرح ساهہ وارن جي ٻين قسمن ۾ بہ نر ماديءَ کان سهڻو ٿيندو آهي- جهڙوڪ ڪُڪُڙ، ڪُڪڙ کان، جهرڪ جهرڪيءَ کان، ڏاند ڳئون کان، اُٺ ڏاچيءَ کان، هرڻ هرڻيءَ کان ۽ اهڙيءَ ريت ٻيا. هڪ ڳالهہ آهي جو ماڻهن ۾ زالون چون تہ اسين سهڻيون ۽ مرد چون تہ اسين. زال ۽ مڙس جو پيار هوندو آهي تہ زال مڙس کي چوندي آهي تہ تون مون کان موچارو آهين ۽ مرد زال کي چوندو آهي تہ نہ، تون مون کان سونهن ۾ سرس آهين.

خير، مور جي ڳالهہ تي ڪيم. ڏسو تہ سندس ڪنپ ڪهڙا نہ سهڻا آهن. ڪهڙا ڪهڙا منجهن ڏٺيءَ سڳوري رنگ پريا آهن. ڳچي ڊگهي، چهنب وزنائتي، منهن ننڍڙو، ڳلن تي ٽڪيون. اهڙيءَ ريت پَرن تي بہ ٽڪيون. پر سڀ کان وڌ آهي سَندس ڊگهو پُڇ، جو سندس ڍيل ڍول سهڻو بنائي ٿو. اوهان ڪڏهن مور جو ناچ ڏٺو آهي. "سبحان الله!" جڏهن پُڇ کنديري، پُڇ جا کَنپ هڪ گولائيءَ ۾ مٿي ڪندو آهي تہ ڏنڊين آڱريون اڇي وينديون آهن. ماڻهو ڏسندي ڏسندي، بت بنجي ويندو آهي. ناچ ۾ نڪو ناچو پهچيس، نڪا ناچڻي. ائين پير ڪٽندو آهي ۽ جهمريون پائيندو آهي جو چنبو تہ مور اهڙو ناچ ڪنهن هوشيار ناچڻيءَ کان سکيو آهي ڇا؟ پر ناچڻي ڇاجي، اها تہ هن کي خدا کان ذات مليل آهي. اها ڳالهہ بہ ٻڌي هوندوَ تہ جڏهن پنهنجي ڊگهي ڳچي ورائي پاڻ کي ڏسندو آهي تہ پنهنجي ٽنگن تي ڏک ڪندو آهي، جي ڪاريون هونديون اٿس ۽ اهڙيون سهڻيون نہ هونديون اٿس، جهڙو ٻيو بُت.

ناچ ڪندي ڪندي، اکين مان ڳوڙها وهندا اٿس، جا ڍيل پنهنجي چُهنب

## 53- پيپُون

ٿر ۾ جڏهن ساوڻ جا وسڪارا ٿين ۽ هنڌ هنڌ گاهه ڦٽي پون ۽ سُڪن سلن ۽ ٻوٽن ۾ ساهه پوي، تڏهن ان کي سنڌ جو ڪشمير ڪوٺجي ته ڪوبه وڌاءُ ڪونه ٿيندو. ڏٽ ۽ گاهه سان گڏ ڪيئي جهنگلي ميوا ۽ ڀاڄيون پيدا ٿي پون: لُلر، مريڙو، ڪونڊير ۽ پيپون انهن مان ئي آهن. پيپون ته اهڙي شيءِ آهي، جو ان جو نالو ٻڌنديئي ترين جو وات پاڻي ٿيڻ لڳندو آهي. پيپون آهن ڇا؟ هڪڙيون ڦريون آهن، جي مُرٽن ۽ جهليُنُ جي پاڙن ۾ پيدا ٿي پونديون آهن. ٻن-ٽن انچن کان ڇهن انچن جيڏيون ڊگهيون سايون سايون ڦريون. ٿر جا ڏنار ميڙي گهرن ڏي کڻي ايندا آهن. اهي سواد ۾ ٿين ڪنڙيون، تن مان ڀاڄي به سٺي سوادي ٺهي ۽ ڪچيون به کائجن. ٿر جا ماڻهو ته چَر چَر ڪري سيرن جا سير کائي، وڏي اوڳرائي ڏئي ساهه پٽين. ڪي ٿر جا ماڻهو جي هتي وڏا وڏا ڪامورا هوندا آهن سي به ٿر ويندڙ کي منٿ ڪندا آهن ته ادا، موٽي اچين ته پيپون ضرور آڻج. مون به ٿر جو سير ڪندي ڏاڍيون پيپون کاڌيون. مزو ته منجهن واهه جو هو پر مون کي پاڻ ڪين پيون، اُلٽيون ۽ دل ڪچي ڪري وڌائون. پر ائين ڪونه چئبو ته رڳو مون هڪڙي کي پاڻ نه پيون ته سڀني سان اها ڳالهه لاڳو ٿي ٿئي. جنڌي اها شيءِ اُپجي ٿي اتي ماڻهن جو هن بابت جيڪو رايو هوندو، اهوئي سچو سڏبو. واهه پيپون واهه!

## 54- نِهائين

ڪڏهن ڪنير جي جاءِ تي وچي ڏسو ته اچرج وٺي ويندوَ. گول چڪُ، جو چيڪي مٽيءَ ۽ وارن جي ميلاپ سان ناهيو ويندو آهي، ان جو پورو وچ هڪ چئن-پنجن انچن جي ڪِير تي رکيو ويندو آهي ۽ پاسي جي هڪ هنڌان لٺ ڦيرائڻ لاءِ ننڍڙو سَچُ به نڪتل هوندو اٿس. چڪ جو پورو وچ لسو رکيو ويندو آهي جنهن تي ڪنير هڪ پنوڙو چيڪي مٽيءَ جو چاڙهي رکندو آهي ۽ پوءِ لٺ

ان سَچَ ۾ وجهي وني ڇڪ کي تکو ڦيرائيندو آهي. جڏهن ڇڪ پنهنجي پوري چڪر ۾ اچي ويندو آهي، تڏهن پنهنجا ٻئي هٿ ان مٽيءَ جي پنوڙي تي رکي، ڪَچا ٿانوَ جوڙيندو آهي. ڇا اوهين ڀانيو ٿا ته ٿانوَ ڇڪ تان ئي ناهي هيٺ لاٿا ويندا آهن. نه ته، پهريائين ڪنڀر رڳو ٿانون جهڙوڪ دلن، مٽن، دڪين، ڪنگرن ۽ ٻين ٿانون جا بوتا تيار ڪندو آهي. جڏهن بوتو نهيو ته ڪلهي تي جا ڏور رکيل هوندي اٿس، ان کي ان بوتي جي هيٺان ڏيندو ته ڦيري تي اهو بوتو ٻچيل مٽيءَ کان ڪپجي پوندو ۽ لاهيَ ڪٽي هيٺ رکندس. ائين ويندو بوتا نا هيندو. جڏهن هڪ مٽيءَ جو پنوڙو پورو ٿيو، ته ٻيو چاڙهيندو. ڇَڪ جو ڦيرو ڍرو ٿيو ته لٺ ڪٽي وري ڏاڍيان ڦيرائيندس. اهڙيءَ ريت ڪيئي بوتا جوڙي راس ڪندو. اهو ڪم لٿو ته ڇڪ ڇڏي هيٺ تي ويهندو ۽ جيڪي بوتا نهيا هوندا، تن کي واريءَ جي چِٽَ ڏيئي، اچي نپٽيءَ سان ونندو ۽ جيڪو ٿانءُ تيار ڪرڻو هوندس، سو اهڙي ته سُچيتيءَ سان ويهي نا هيندو، جو سندس هنر تي واهه واهه ڪرڻ کان سواءِ ٻي وات ڪانه سجهندي. پوءِ انهن ٿانون کي رکندو اُس تي، جڏهن اهي سُڪي ويندا ته نهائينءَ جو پُورُ تيار ڪيندو. جن ٿانون کي داءَ جي ڳاڙهي رنگ سان چٽڻو هوندس، تن تي سهٽا سهٽا چِٽ ڪڍندو ۽ چلڪ لاءِ واري چٽيندو. نهائينءَ جو پور پريو ته سڀ ڪَچا ٿانو آٽي هڪ هنڌ پيڙا ڪندو. نهائين ڪجهه مڙئي ٻيءَ ڏرتيءَ کان مٿيري دڙي تي هوندي آهي، ان کي ٻهاري سُهاري اچو اُجرو ڪري، ٿانو هڪٻئي سان هڪ سهٽي سٽاءَ سان ملائي رکندو ويندو. نهائين وارو پٽ جڏهن پرجي ويندو ۽ ڪابه جاءِ نه رهندي، تڏهن ان کي ٻڪرين جي ڦولهڙين جي ياڻ ۽ ٻي ياڻ، جهڙوڪ ڇيٽن سان پري انهن کي اهڙيءَ ريت ساتاري رکندو، جو ڪُنڀر جي ڪرت کي ڪُنڀر ئي ڄاڻي، ٻئي کي ڪهڙي سُرت. جڏهن ڪَچا ٿانوَ هڪ سهٽي سٽاءَ سان نمڪي بيهندا ۽ مٿن ياڻ ۽ ٻيو ٻارڻ پنجي ويندو، تڏهن ان کي چڻنبو نهائين. نهائينءَ کي ڪنڀر آوي به چوندا آهن. آويءَ کي ڍڪيو ويندو، جيئن ڪل ئي نه پوي ته ان دڙي ۾

اندر ڇا آهي. اهڙو تہ آويءَ کي بند ڪندو، جو هوا اندر نہ وڃي نہ تہ ٿانو پڪا ڳاڙها ٿيڻ بدران ڪارا ٿي پوندا ۽ ملهہ- ڇور ٿي پوندا آهن.

نهائينءَ کي بنهہ پوري ڇڏڻ کان اڳ ڪن ڪن هنڌن تان دلن يا دڪين جون پڳل گرٽيون هٽندو آهي تہ اتان اندر پيل باڻ کي باهہ ڏجي. باهہ ڏيڻ کان پوءِ دونهي دکي تہ اهي گرٽيون بہ ڪيڏي ڦٽيون ڪندو آهي، جيئن هوا اندر نہ وڃي ۽ نهائين اندران ئي اندر دکندي برندي ۽ جلندي رهي. ڏهاڙي نهائينءَ جي سنڀال وٺندو آهي تہ ڪٿان ڪا ٻاڦ تہ ٻاهر ڪانہ ٿي نڪري، متان ٿانوَ ڪارا ٿي پون ۽ ڪيو ڪمايو ڪُٽ ٿي وڃي. نيٺ اندر پيل باڻ ٻري ڇار ٿي ويندو ۽ ڪنڀر کي سُڌ پوندي تہ هاڻي جيترو تڙ گهربو هو، سو ٿانون کي ملي چڪو آهي ۽ پچي راس ٿيا آهن، پوءِ بہ ٿي ڏينهن ترسندو جيستائين آوي ٺري وڃي. پوءِ همراهہ ساڻ ڪري آوي کوليندو ۽ هوريان هوريان ٿانو الڳ الڳ ڪندو رکندو ويندو. شاهہ ڀٽائي نهائينءَ جو رنگ ڏسي بيت چيو آهي تہ:

نهائينءَ کان نينهن سِک منهنجا سپرين،
سڙي ســارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

ويچاري سهڻيءَ کي دوکو ڏئي ڪچي دلي بدران ڪچو دلو ڏنو ويو هو، جو درياءَ ۾ پُري پيو، ٻڏندي ويئي ۽ ساهڙ کي سڏ ڪرڻ لڳي. ان ڪهاڻيءَ تي ڪيترين ئي ڪافيون سگهڙن ڳايون آهن. ريڊئي تي بہ هڪ ڪافي ايندي آهي جا اوهان ٻڌي هوندي.

تنهن گهڙي تان گهوري آهيان، جنهن ميهر ملايو،
تنهن ڪنڀر تــان قربان ٿيان، جنــهن ڪچو پَچايو.

ڇا ڪنڀر جو ڪنن پورهيو، ڇا نڪر جو مُلهہ! پئسي ٿيلهي. تڪي ڏڪڻ، آني پاٺوڙو، ٻين آني دکي، دلو، ڪونرو ۽ چــئين آني مٽ. هاءِ هاءِ ڪيڏو نہ هاڃو!

هيڏا هاڃا ٿين، ٻري هن ڀنيور ۾!

آهن. ماڻهو ويچارا چار پئسا ڪمائڻ لاءِ، ٻيرن جا ڪنڊا جهلي، لاڪ تارين تان روڙيندا ويندا آهن ۽ اها گڏ ڪري وجي چڱي ملھ ۾ وڪڻن. اوهان ڪي تپيرس وننڊ تہ لاڪ مان نهي رنگ. رنگ بہ ڪهڙو؟ ڪپڙن کي رڱڻ وارو نہ، پر جنديءَ جي ڪم وارو. جنديءَ جو ڪم ڪندڙ وگھامل لاڪ ڳنهي اچن ۽ ان کي ڏکهين سوڙهين ڳوترين ۾ وجهي، پاسا بند ڪري پوءِ تاندن جي تَوَ تي تپائين تہ لاڪ رجي پوندي ۽ ڪپڙي کان ٻاهر ٻڙڪا ڏيئي نڪرندي. پوءِ اها ڪنهن رنبيءَ سان ڳوتريءَ تان ڪُرڙي لاهي، ڪنهن ٿانو ۾ رکندا ويندا. جڏهن سڀ رجي ويندي ۽ ڳوترين ۾ ڪک ۽ ڇوڏن جون ذريون وجي بچنديون، تڏهن ڳوتري اڇلي ڦٽي ڪندا ۽ وري اها ڪم ڪانہ ايندي. هاڻي لاڪ ۾ جيڪو بہ رنگ گڏبو، جيئن تہ ڳاڙهو، سائو، پيلو، نيلو ۽ ٻيا تہ اهو رنگ ٿهي پوندو. لاڪ ۾ رنگ ملائي ان کي وري تپائي، ان مان ڦريون ٺاهيندا آهن ۽ پوءِ جنديءَ تي ڪٽن جا پاوا، گلدستا، جڳ، رانديڪا، پينگها ۽ ٻيو سامان چاڙهي، انهن ڦرين سان ڪاٺ تي رنگ چاڙهين. جنديءَ جي هيٺان ڪجهہ تاندا رکندا رهن، جنهن جي تَوَ تي لاڪ رجندي وجي ۽ ڪاٺ تي چڙهندي وجي. ڪنهن سگهڙ مارئيءَ لاءِ چيو آهي تہ:

عمر هي بافتا بخمل ڪٿين سان مور مٽ نا هن،
نہ پائي پٽ پٽيهر لاڪ جـي لوئي لڄائينديس.

اهي بي مُلهيون شيون خدا تو ماڻهن جي لاءِ اُپائي ۽ ماڻهن ويچارن ڪي رڳو پورهيي جو ملھ تو ملي، ٻيو بس.

## 56- ڏنار ڪٿوري

ڏنار ڪٿوري بہ هڪ ٻوٽي آهي، جا پاڻمرادو جهنگن ۾ اُڀري. ٻيا سڳنڌ وارا ٻوٽا تہ وڏي سنڀال سان قلم هڻي پوکبا آهن، پر هيءَ ويچاري آهي ول، سا نڪا ڪا سنڀال گهري، نہ مٽس ڪا پورهيي جي گهرج پوي. ڪٿوري سنڌي ٻوليءَ جو نج اکر آهي نہ تہ خستوري بہ سڏبو اٿس. منجهس پنن سان گڏ

جا ٻول وري ٻيا هوندا آهن، جهڙوڪ ڪانوَ، مور، ڪونجون، سرٽيون ۽ ٻيا. ڪي شڪاري پکي هوندا آهن، جهڙوڪ باز ۽ شڪرا. ڪي رات جا پکي، جهڙوڪ چبرا، چمڙا، چَندول ۽ چڪور. ڪمڙن جي پچار ڪري ڪمڙن جي ڪجي. سڀ سائينءَ جي جوڙ آهي، سارا هه سڀ انهيءَ جوڙيندڙ ڪي جڳائي ٿي.

پاپيهو راڳيندڙ پکين مان آهي سندس آلاپ آءُ ته چوندس ته بلبل ۽ ڪوئل کان به ڪثر آهي. پکي ننڍڙو، ڪنپ به ڪي اهڙا رنگارنگي ۽ سهڻا ڪونه ٿن پر ٻولي اهڙي جيءُ لُبائيندڙ هوندي اٿس، جو ٻڌڻ سان ماڻهوءَ جا ڪن ٽڪبا ئي ڪين. پائيندو ته سدا پيو ڳائي. مولوي احمد ملاح پنهنجي ڪافين ۾ پاپيهَي جي گهڻي ساراهه ڪئي آهي. اوهينْ سندس ٻولي ٻڌندا ته سيني ڪان سوائي ۽ سرس ليکيندا.

## 60- ٽِنب ۽ ڏٽو

اهو ته اوهان سيني ٻڌو هوندو ته ادا فلاڻو اگهائيءَ کان پوءِ ٻنهه ڳري ٽنب جهڙو ٿي ويو آهي. ڪڏهن پڇيو اٿو ته اها ٽنب ڪهڙي شيءِ آهي، جنهن سان اڀري ماڻهوءَ جي پيٽ ڪئي ٿي وڃي. اڇو ته آءُ توهان کي کولي سُڻايان. ڀراڙيءَ ۾ ماڻهو ويچارا ساريون، ٻيو اَن يا گاهه پَنو ڳوڻ ۾ بند ڪري ڪٽي ويندا آهن. هنن وٽ سوتلي ۽ سوئو ڪونه هوندو آهي، جنهن سان ڳوڻ جو منهن بند ڪن. پوءِ اٽڪل ڪهڙ ڪن جو ننڍڙيون سنيهون ڪانيون چونڊي، ٻن-ٻن انچن جيڏا ٽڪر ڪري، ڳوڻ جا ٻيئي چپ ملائي، اهي ڪانيون ڳوڻ ۾ اهڙي طرح ٽُنبيندا آهن، جيئن وڏا توپا ڏجن. ان نموني ڳوڻ جو منهن بند ڪن ۽ چون ته ادا سوتلي ۽ سوئو نه آهي ته هرج ڪونهي، ٽِنبون هٿوس ته سوتليءَ کان به سوگهي ٿي وينديي. اهي ٽِنبون جيئن ته سنهڙيون ڪانيون هونديون آهن انڪري چوندا آهن ته فلاڻو ويچارو ڳري ٽنب ٿي ويو آهي.

وري اچو ڏٽي تي. چوڻ ۾ ايندو آهي ته فلاڻو فلاڻي وٽ پنڌ ڪري ڪري

ٿڪو آهي، اجا تہ رڳو ڪوڙا ڏٺا پيو ڏئي، ڪم تہ الاجي ڪڏهن ڪندو؟ اوهان سوچيو آهي تہ اهي ڏٺا ڇا آهن. اوهين چوندا تہ ڏٺا جو ارٿ آهي ڪوڙا دلاسا. ائين برابر آهي، پر ڏٽي جي پنيان بيو بہ ڪي لڪل آهي. اوهان ڪي سُڌ هجي تہ ڀهراڙيءَ جا ماڻهو مکڻ تپائي گيهہ ڪري، دٻن ۾ وجهي، شهرن ۾ وِڪري لاءِ ڪٽي ايندا آهن. دٻن ۾ گيهہ تہ وڌو ويو، هاڻي دٻي جو گول تنگ ڪيئن بند ڪجي، جو اهو اُٿ گهوڙي تي بنا هارجڻ ويرجڻ جي ڪڙئي يا خرزين ۾ وجهي ڪٽجي. اتي بہ ڀهراڙيءَ جي ماڻهن هڪڙي اٽڪل ڳولي ڪڍي آهي. ڇا ڪندا آهن، جو ڪپڙي جون ننڍيون ڳوٽريون سُبي، اهي دٻن جي تنگن ۾ اندر ڪٽي وجهندا ۽ مٿان ان ڪي ويڙها ڏيئي اَندي ڪُنجي. انهيءَ ڳوٽريءَ جا ڪنارا ٽُلها ڪندا، جي تنگ ڪان ٻاهر رهن. پوءِ جيڪي مٿي پسائي، ان ڳوٽريءَ ڪي پريندا تہ هيئان ان جي گولائي دٻي جي سوراخ ڪان پڪڙي تلهي ۽ ويڪري تي پوندي ۽ پوءِ مٿان منهن تائين مٿي اهڙيءَ طرح پريندس، جو 'ڏٽو' تي پوندو. اها ڳوٽري اهڙي تہ سوگهي تي پوندي، جو ريهہ ٽُٽي پوي پر ڏٽو نہ ٽٽي نہ شهر ۾ دٻو ڪٽي وجي ريهاٽيءَ جو ملهہ پرٽو پوي ۽ نہ بيا پنٽا پون. چوندا تہ بابا، دٻي ڪي ڏيو ڏٽو تہ ڪتي ٻلي ڪان سوگهو! گيهہ جو ڦُڙو بہ نہ وهندو. آهي بہ ائين، ڏٽو تيستائين لڳو رهندو، جيستائين ان ڪي ڪنهن ڪَپ يا ڇُريءَ سان مٿي کوٽي ٻاهر ڪڍجي. تيستائين ڏٽو آيو پيو هوندس ۽ ان تي سب ڪنهن جو پروسو هوندو. پر نيٺ ڪوڙ جو مثل ڪوڙا اهوئي ڪارڻ آهي، جو ڪوڙي دلاسي ڪي ڏٽي سان ڀيٽ ڪبي آهي. ڏٽو آهي گهڙيءَ ڪن جو اپاءُ، جيئن ڪوڙو دلاسو بہ ٿوري ويرم لاءِ هوندو آهي ۽ نيٺ پڌرو ٿيو پوي.

## 61- ٿَڦُو

هن ڪي ڪي ماڻهو اُونٿو بہ چون. اُنَ جي ڪپڙي جو ويري، ٿٽي ڪان وڌ بيو ڪو جيت ڪونهي. شل نہ اُوني ڪپڙن: ڪَتين، شالن، ڪمرين، بلانڪيٽن، ڪمبلن ۽ ڪوٽن ڪي لڳي. بس پوءِ تہ جنهن ڪي ورتائين، ان ڪي ٽُن

ڏينس تہ ڦڪرو اٿو يا پورو ٿي پوندو ۽ مٿون پرجي ويندو. پوءِ جپ اٿلائي اٿلائي نيٺ ڳڇي ڇڏينس. ٻوراڻيءَ جو اڪرڻي اهڙو آهي، جنهن مان اوهين سمجهي ويندا تہ هيءُ ڪنهن ٻوٽي جو ٻُور آهي، جنهن کي ڪنهن رتا سان جوڙي ٺاهي منائيءَ جهڙي وٽ جوڙي رکي اٿن.

هاڻي مان توهان کي ٻڌايان تہ اهو ڇا جو ٻور آهي؟ تہ ٻڌو: جتي جتي سمر گهٽي هوندي آهي اتي هيٺاهين پٽن تي سمر جو پاڻي گڏ ٿي ويندو آهي. ان پاڻيءَ جي آڌار تي هڪ گاهہ، جنهن کي پَنِ ڪوئيو ويندو آهي، سو گهاٽو گهاٽو اُپري پوندو آهي. اها پَنِ وڏي وڏي ٿئي ۽ ٻاجهريءَ جي سنگن وانگر اُن ۾ سنگ نڪرن، پر انهن سنگن ۾ داڻا ڪونہ ٿين، رڳو اڪ جي انبن ۾ جيئن هڪ نموني جي ڪپهہ ٿيندي آهي، اهڙي ڪپهہ ٿئي. اڪ جي ڪپهہ مان وهاڻا پرجن تہ ڏاڍا نرم ٿين. هن پن جي ڪپهہ مان بہ ڪي وهاڻا ڀرين، پر ٿوري گهٽين ڏينهن ان ۾ ٻانس ٿيو پوي.

پر ونو ڳالهہ جو ڳاٽو. انهن سنگن جي چوٽيءَ وٽان، وچان هڪ تيليءَ جهڙي سرائي اڌ-مني فوٽ جيڏي اُپري، جنهن تي ٻور چڙهي وڃي. اهو ٻور مٿان تہ ڀورو سڏڻ ۾ اچي، پر اندران پيلو هوندو آهي. ماڻهو ويچارا هٿن سان اهو ٻور روڙيندا گڏ ڪندا ويندا آهن. مٿن منهين ٻور ڪنو ڪري، پريون ٻڌي ڪٽي وجن ۽ ان کي پوري ڳوهي، پوءِ ڦڪرو ٿئي تہ ان جا وڏا ڳوڙها ۽ ننڍا مُنيا جوڙي راس ڪن پوءِ اچي شهرن ۾ وڪڻن، جنهن مان چڱو پئسو پڙ پوين. اڳي تہ ٻوراڻي خيرپور ۾ جام ٿيندي هئي، جو اتي سمر بہ گهٽي هئي پيو سنڌ ۾ جتي ڪٿي سمر وارين ڍنڍن ڍورن تي بہ جام ٿيندي هئي. اڄڪلهہ ٻوراڻي گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، نہ تہ شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اهڙو هٽ ڪونہ هوندو هو، جتي ٻوراڻي نہ ملي.

اهي آهن الله سائينءَ جون ڪرٽيون؛ جيئن وڻيس تيئن ڪري. ماڻهن لاءِ ڇا ڇا نہ اپايو اٿس، پوءِ بہ هي ٻانها سندس ٿورا نہ مڃين ۽ ان جي ڏسيل

اُباري پوءِ ڪل لاهي، سندن ڳپ ويهي چَس سان کائجي ته ماٺهو کائڻ مان ٿڪجي ٿي ڪين.

ڪُمَ به اهڙي ئي سلوڻي شيءِ آهي. منجهن خس خس وانگر داڻا ٿين، جن کي ناپو چئبو آهي، جيڪو ڇانورن سان رڌي کائبو آهي، ته پلاءُ جو سواد ڏيندو آهي. پر جي ڪُمن جي ڪل لاهي ڪٽي وات ۾ وجهه ته واهه واهه! ڪهڙي ڳالهه ڪجي. کائڻ وارو چوندو ته ٻيلي اجا آڻ ۽ آڻ. لوڙهه ڏوئي گپ ڪيئي، اُباري ٻوڙ ۾ ڪٽي وجهبا آهن ته اهي وٽندا آهن، جو پاڻ ته ڪڪڙ جا آنا اُباري رڌا اٿن.

هاڻي ويچار ڪريو ۽ چئو ته ڏٺيءَ جي ڏنل پلاين مان ڪهڙين جي ناڪار ڪري ڪهڙين جي ڪندا. هن پلي جا ڪيترا پال مڃيون ۽ ٿورا ڳايون.

گهٽا ورهيه ٿيا ته ڪنهن سگهڙ سمن جي صاحبيءَ ۾ چيو هو ته:

هاڪ وهندو هاڪڙو پجندي ٻنڌ اروڙ،

بهه مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندي سوڪڙي.

# 65- تلور ۽ گوڙامٽو

تلور ۽ گوڙامٽو به حلال پکي آهن ۽ ٻيئي هڪ ئي ٻُڻ جا آهن. نيٺ پکي آهن، سو مٽي اڏامن، پر ايترو گهٽو ڪين اڏامن، جيترو سرٽيون اڏامن. رڳو مور وانگر ٿورو اڏامي وري ويهي رهن. هيءَ پکي به تترن وانگر ڏرتيءَ کي ڇهنب سان ڪيڙي، اڏوهي ۽ ٻيا ننڍا ننڍا جيت کائين. ڏرتيءَ تي ڏاڍو تکو ڊوڙي سگهن. ڪنهن به ماڻهو کي ايندو ڏسن ته اهڙي ڊوڙ پائين، جو ڪير ٿو رسين؟ هيءَ پکي به پڌر جا پکي آهن ۽ شڪاري هنن جي پوئيان به بندوقون کڻيو، هنن کي ڳوليندا وتندا آهن. جنهن جُوءِ ۾ تلورن جو ڏس پئين ته اتي پهچنا. تلور جا ڪنپ ڪارسرا ٿين ۽ پيٽ به ڪارسرو ٿئيس. پر گوڙامٽي جو پيٽ اڇو ٿئي ۽ ڪنپ پورا ناسي ٿين. ڳچيون ٻنهي جون ڊگهيون ٿين ۽ پير هڪجهڙا. گوڙامٽو

لامارو هٽي ڪسي وجهي ۽ ماڻهو منهن پلڪڙو ڪري بيـنـو ڏ سي، سُڏ تڏهن پويس، جڏهن اهڙو ڪم تي وجيس جڻ ڪهيريءَ ڪان پولڙو ڇڏائي ويو. سرٽيون شهر ۾ بہ ڪوڙ آهن. سنجهي جي ٽاڻي تہ گهڻو مٿي اُڏامنديون ڏسڻ ۾ اچن. اهي شهرن ڪان ڪين ڊڄن ۽ نہ ماڻهن جو پوءُ ٿيئين. پر باز، شڪرو ۽ بانشو جهنگلي پکي آهن. شهرن ڪان ڊڄن، جهنگن ۾ شينهن جي ڏيکائي ڏين. شهرن ۾ وڏا ماڻهو، جي شڪار جا ڪوڏيا هوندا آهن، سي انهن کي پالين ۽ شڪار جو ڏانءُ سيکارين. ڪيترا ڏينهن جيستائين نولا هوندا آهن، تيستائين هنن جون اکيون بڌي ڇڏين ۽ رات جو انهن کي اوجاڳا ڪرائين. هٿن جي پنيءَ تي انهن کي ويهارين تہ جهنگ کي پلجي وڃن ۽ ماڻهن سان هري مري وڃن. ڪيترا ڏينهن تہ اهي تيسي ۾ ڪاڏو بہ ڪونہ کائين، پر نيٺ تہ "بک بڇڙو تول، دانا ديوانا ڪري." هٿراڌو گوشت ڇلي انهن کي کارائين، نہ تہ هي پکي پنهنجي هٿان شڪار وني نہ کائيندا آهن، پر پنهنجو شڪار پاڻ ڪري پوءِ ٽانءِ ۾ پرجي ويهي کائين. باز سرڻ ڪان بہ وڏا ٿين، شڪرا ان ڪان ننڍا ۽ بانشا تهان ئي لانيرا ٿين.

هي شڪاري پکي جڏهن هري مري وڃن تہ شڪاري مڙس هنن کي شڪار لاءِ ٻاهر جهنگ ۾ ڪٽي وڃن. هٿن تي چمڙي وڌيءَ جي رسي چيلهہ ۾ وجهي، پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌنس. پهريائين جڏهن شڪار تي هيرائينس تہ تتر، ٻاٽيهڙن جا بوتا ٺاهي، باز جون اکيون کولي ڇڏين، پوءِ بوتا وني مٿي اڇلين ۽ باز کي هڪل ڪن تہ "اهو ٿو وڃئي تتر! پوءِ باز، بانشو يا شڪرو بہ اهڙي تہ وني لُوهہ ڏئي اُڏامندو، جو هڪڙي ئي جهڙپ سان انهيءَ بوتي کي چنبن ۾ پڪڙي، موٽي شڪاريءَ وٽ آڻي اڳيان جهليندو، جو ڪانئس ڇڏائي پاڻ وٽ رکندو. اهڙيءَ ريت جڏهن شڪار جو ڍنگ اچي ويندس تہ پوءِ سچن پچن جيئرن پکين پنيان ٻچيندس: پوءِ تہ ويرم ئي ڪانہ ڪندو. اهو بازن جو شڪار ڏسڻ وٽان آهي. ماڻهو ڪيڏو نہ سياڻو آهي پنهنجي سمجهہ ۽ سياڻپ سان

ڪيئن نہ جهنگ جا پکي ۽ مرون بہ پاليو ڇڏي، جي سندس هڪل جا پابند هوندا آهن.

اوهان ڪي ٻڌي تيرس وني ويندي تہ اهي شڪاري پکي، هزارين ربين ۾ وڪامن ٿا ۽ ڏاڍا مُلهائتا هوندا آهن. انهن جو پالڻ بہ سچ پچ تہ 'مکڻ جي سيخ' پچائڻي آهي. چنبن ۾ ڏاڍي سگهہ ٿئين، چهنبون وريل ۽ نوڪ واريون هونديون اٿن، هنان پکيءَ کي پکڙيو، هُتان چنبن ۾ جهلي چهنب سان چيري ڦاڙي کائي ويندس، ماس کائي کنپ ڪٽي هيٺ ڦٽا ڪندا.

شڪار جا ڪوڏيا انهن پکين جي سنيال جهڙي ونن، تهڙي پُٽن جيَ بہ نہ ونن ۽ مٿن ساهہ پساهہ ڏين. بس چوندا آهن تہ "شوق جو مُلهہ ئي ڪونهي." ڪي ماڻهو پاڻ پيا بک مرندا، پر هنن پکين کي پيا چُورما ڪارائيندا. جڏهن شڪار ڪري ڏيندن، تڏهن پاڻ بہ تنتر، ٻاتيهڙ ۽ ٻيا حلال پکي سيخ تي چاڙهي پا تري، انهن جو گوشت کائي پيٽ پريندا، جنهن مان ڪين اهڙو چشڪو اچي جو لک خرچجن تہ بہ پلئہ نہ پوي.

## 67- چانهہ

مٿي چانهہ جو اکر پڙهي اوهان جو وات پاڻي ٿيو هوندو تہ ڪو چانهہ جي ڪوپ جي ڳالهہ هوندي ۽ چانهہ پيئڻ جي ڳالهہ ٻولهہ هوندي، پر ائين نہ آهي. چانهہ هڪ سهڻو پکيڙو اٿوَ. ڪبر ڪانُ ٿورو ننڍو ۽ ٽيتهار کان ڪجهہ وڏو پکي. سندس کنپ آسماني رنگ جا ۽ مٿن نيري گهاٽي رنگ جا چٽا چٽا هوندا آهن. سهڻا پکي تہ طوطو، مور، ڪان-ڪنو ۽ بلبل بہ آهي. پر هن جي سونهن ۾ بہ ڪا گهٽتائي ڪانهي. ٻولي بہ مٺي اٿس. لڳ ڀڳ مينا جهڙي. ڪوئل ۽ ٽيتهار تہ راڳيندڙ پکين جي ڪٽنب ۾ ڳڻجن ٿا، پر چانهہ ائين نہ آهي. ٻولي وڻندڙ اٿس تہ بہ راڳيندڙ پکي ڪين سڏينس. سندس کنپ يا پَر تہ پاڻنجي تہ وينا ڏسجن. هٿ اچي تہ هٿ لائي ڏسبس تہ کنپ نرم جهڙا ريشم يا پَٽ. دل ئي نہ چوندي تہ ڪو هٿ مٿان لاهجيس. اهوئي هڪ پکي آهي، جنهن جو نالو

پيئڻ واريءَ چانهه جهڙو ساڳيو آهي. هن جو ڪاڏو پيئتو به ميوو آهي. ٻڪ ۾ اَن جا داڻا ڪٿا به ڪائي. چانهه پڪي گهڻو ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڏسبو آهي. هين پڪين جهڙوڪ ڪانوَن، جهرڪين ۽ ٻوڙيءَ ڪان گهٽ ٿئي. جهرڪيون ۽ ڪانوَ ته گهرو پکي ڪونجن ته به ٿي سگهي ٿو، پر چانهه ويچاري گهرن ۾ پير ڪونه رکي. ماڻهن ڪان ڏاڍو ڊڄي، ان ڪري وڻن جي گهاٽن جهڳٽن ۾ ويهي، جتي هوءَ پنهنجو بچاءُ سمجهي. جڏهن اسان کي پيئڻ واري چانهه ڏاڍو وڻندي آهي ته پوءِ هيءَ ان جي نالي پاياڻي ڇو نه وڻندي. اوهين جڏهن ڪنهن ڇڙيا - گهر ۾ گهمڻ وڃو ته اُتي هيءُ پکي ڏسي سگهندا، اتي هِري مِري ويا آهن. چانهه جا ٻچا ڏسندؤ ته هيڪاري مٿن وڏيڪ پيار ايندوَ. بس الله جي جوڙ آهي. ويچار ڪري ڏسبو ته سندس جوڙ ڏاڍي سهڻي ۽ سٺي آهي. پاڻ ڏٺي سڳورو سهڻو آهي ته سندس جوڙ وري ڪا ڪوجهي هونديٰ به ڇا؟ نه نه!

## 68- پُسي، ڏونرا ۽ پَڪا

ڪِرڙن جا وڻ ته اوهان ڏٺا هوندا، اهي اهڙا وڏا ڪين ٿين. جهڙيون نمون، سرهيل، ٻير يا انب. هي وڻ ننڍا ٿين ۽ جهنگلن ۾ پاڻمرادو اُپرن. جڏهن ٻُورجن تڏهن پهريائين منجهن ڦُلڙيون ڦٽن، جي پهرين سايون ۽ پوءِ گلابي رنگ جون ٿينديون آهن. اسين انهن کي پُسي ڪونيون. پُسيءَ جي هڪ لُڙي پَتي وات ۾ وجهي ڏند ڏينسَ ته مِني رس جو سواد ايندو، پر پُسي ڪچي ڪين ڪائبي آهي. اها پُسي گڏ ڪري ڪٽي اچجي گهر، کُني ۾ وجهي ٺهڪندڙ پاڻيءَ ۾ اُبارجي ته رنگ ليمائي ٿي ويندس. رڌ جي وجهڻ کان پوءِ گرم پاڻي هاري، پُسي ڪري، ڪنهن ٿالهيءَ ۾ رکبي آهي پوءِ لوڻ مرچ ٻُرڪي ڪائبي ته هن جي مزي جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان! اڳي مَهتا هوندا هئا سي پُسي رڌي کُني ۾ وجهي، وڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏيندا وتندا هئا ته "رڌي پُسي مني" ۽ ٻار پئسي - ٽَڪي جي وني ڏاڍي چاهه مان ڪائيندا هئا. هاڻي اهڙا هوڪا ڪين ٻڌجن؛ پر ٻهراڙين ۾ اجا به ماڻهو مُند جو ميوو سمجهي رڌي ڪائيندا اٿس.

جي پلاين کان وانجهيل اُهي بہ نا هن. ڏٽي سڳوري جا پال سيني تي هڪ جيترا آهن. وڏا ماٺهو نرم هنڌن تي سمهن تہ بہ پاسا پيا اُتلائيندا ۽ ننڍ ئي ڪا نہ ايندن، ٿوري ڪڙڪي تي ڇرڪ پيا پرينداِ، پر ٻهراڙيءَ جا سانگي ڪنڊن مٿان سمهي پوندا تہ بہ ڪونگهرا پيا هڻندا. شاهوڪارن کي مال مليدا کائڻ ڪري بک ٿوري لڳي، ان ڪري ڪاڏي مان سواد ڪونہ اچين. ڇو تہ پورهيو ڪن ئي ڪونہ، پوءِ بک ڇڱي ڇو لڳين جتي ۽ جيڪو انهن کي رکي سُکيءَ ماني4 مان ساءُ اچي، سو سُکين ستابن کي سيرن، حلون، مالپڙن، پراٺن ۽ بوڙن پُلائن مان بہ ڪين اچي. غريبن لاءِ سنڌڙي، بيگڻ ڦلي، آپوسي ۽ ٻين انبن جي جنسن کان اهي پڪا ۽ پيروُن، ليار ۽ گولاڙا، ليسوڙا ۽ گيدوڙا ميوا آهن. پوءِ چونہ چئو الله اڪبر! تہ الله سائين وڏو آهي.

## 69- ڳجھ

ڳجھہ اوهان ڏٺي تہ هوندي، پر جي ڪنهن نہ ڏٺي آهي تہ ٻڌو سُڌ سماچار: ڳجھہ هڪ پکي آهي، سرڻ کان ڇوٽي، ٻت ۾ ڳوري هوندي آهي. اُڏامڻ جي ڪري تہ مس مس پَٽ تان پاڻ ڪٽي سگهي ۽ پَرَ هٽي هٽي ڏاڍو ڏکيائيءَ سان مٿي ٿئي. ڳجي ذري گهٽ فوٽ ڪن ٿئيس. اهڙو بڇڙو ۽ بڇان ڏيارينڌڙ پکي ٻيو ڌٽيءَ سڳوري اُپايو ئي ڪونہ هوندو! ڳجھون رڳو اُتي ڏسبيون، جتي ڊونڊ پيل هوندو. ڪو گڏھہ، گهوڙو، ڊور ڍڳو، ٻڪري نڪري مئي ۽ انبين ئي ڪنهن ڊير تي پيل ڏنائون تہ اجهي ڳجھون آيون. سُڌ بہ الاجي ڪيئن ٿي پوين. سونگهڻ جي سگهہ بہ ڪا تکي ڏاڍي تي ٿئين. ڪوهن تان ڪَل پونديئن تہ هنڏس تہ مئل ڊونڊ آهي. اکيون بہ اهڙيون تکيون اٿن، جو اُڏامندي اُڏامندي، مٿان ئي ڏسي وٺنديون تہ اِجهو هُو ڊونڊ. پاڻ ۾ ٻڌي بہ ڏاڍي اٿن. ويرم ۾ ولر ڳجهن جا اچي مڙندا. ماٺهو هڪٻئي کي ڪڏهن ڪڏهن چوندا آهن تہ "تون بہ ڪو ڳجھہ آهين، ڊونڊ ۽ ڪِنَ تي آيو تو رهين!" بس ڳجهون ڊونڊ تي لٿيون نہ آهن تہ پنهنجي ڊگهي ڳچيءَ ۽ وڏين چهنبن سان اچي

ڊونڊ کي وٺنديون. ان جي پيٽ ۾ ڳچي اندر وجهي، ڇهنبن سان چڪ چڪان ۽ پٽ پٽان لائي ڏينديون. سمورو ماس ڪل سوڌو پٽي ڪائي ڇڏينديون. هڏن تان بہ ماس ڪوري ڇڏيندس. ڳجهون ايندينون آهن تہ ڇُهڙا سَرها پيا ڏسبا آهن، ڇو تہ هنن جو ڪم آهي هڏا ميڙي ڪٽي وڃڻ. ويچارا هڏا وجي وڪٽندا آهن، جن مان ڇگو اپرا سو ٿئين. هڏن مان وري ڏاڍيون ملهائتيون شيون ٺهن: هڏن کي ڪَلن ۾ اچو اُجرو ڪري، انهن مان ڦٽيون، چاڪن ۽ ڪالين جا ڳن، بٽڻ ۽ ٻيو بہ الاجي ڇا ڇا ٺاهين.

سچ پچ ڳجهہ آهي سا ڏاڍي ڪني، پر نہ هجي تہ ڊونڊ ڪيترا ڏينهن پيو رهي ان مان جيوڙا نڪرن، جي ماڻهن جي ڇگيلائيءَ کي جوکو رسائين. ماڻهو اتان نڪ جهلي لنگهن ۽ آسپاس جا گهر ساهہ بہ سولوڪٽي نہ سگهن. ڳجهون اهو اهنج دور ڪريو ڇڏين.

ڇوڪرن کي بہ لڳي مزو سو سروٽا، ڏنڊا، پٿر، پتر جيڪي هٿ آين، سو ڳجهن ويچارين کي هٽڻ جي وارو وار لائي ڏيندا، پر انهن جو ڪوبہ ڳجهن کي ڊپ ڪونہ ٿئي. سروٽو لڳن تہ چڻ "سانَ تي بکهي ويني." هوَ پنهنجي چڪ چڪان ۾ پوريون هونديون آهن. جڏهن ڊونڊ ڪائي ڊڄ ڪن، تڏهن پاٺي اُڏامي ٻيو ڪو هنڌ تاڙين، جتي ڊونڊ هجي. هيءَ سڀ ڏٺيءَ سگوري جي سياڻپ ۽ ڏاهپ آهي. ماڻهوءَ جي بچاءِ لاءِ هي هڙ شيون اُپايون اٿس. ان ڪري ماڻهوءَ کي سندس ٿورا ڳائڻ کپن!

## 70- سانباهو

سانباهو بہ ذري گهٽ ڳجهہ جهڙو ڪنو پکي آهي. سانباهي کي "گونهہ خور" بہ ڪوٺين. ڪي گونهہ خورا ڇا ڪي پورا ۽ ڪي ڪارا بہ ٿين. سندن ڇهنب ڊگهي ۽ وربل ٿئي. هنن جو ڪم ٻاليشاهين جهڙو آهي. ٻاليشاهي يا ڀنگي ويچارا ماڻهن جا ڪاڪوس ميڙي سڀ ميلو ۽ گونهہ وجي ڊير تي ڦٽو ڪن، جتي سُڪي پاڻ تي پوي. ماڻهوءَ جو ميلو چوندا آهن تہ پلي

رڳو خدا جي ڪرم ۾ رکون، ڪنهن به شيءِ کان ڊڄ ڊپ نه ڪريون ۽ نه ان جو سراپ وٺون. نه ته اهڙي گت ٿيندي، جو چوندا آهن ته "سَپُ نه ماري سَپَ جو سراپ ماريَ."

# 75- لـُڏڙو

سرٽا ۽ جيت ڌرتيءَ ۾ اندر آهن، پکي هوا ۾ اڏامن، پيا لکين ساهه وارا، مڇيون ۽ ٻيا جَرَ جا جناور پاڻيءَ ۾ گذارين. مڇين جو ته ڪو ڇيهه ئي ڪونهي. پر وڏيون وڏيون بلائون جهڙوڪ سيسار، مانگر مڇ، واڳون، ٻُلهڻيون ۽ ٻيون آفتون پاڻيءَ جا پاتشاهه آهن. لُڌڙو ويچارو انهن جي پيٽ ۾ پاڻيءَ جو هڪ ننڍو جناور آهي، جو ڏاڍو وٺندڙ ۽ سهڻو هوندو آهي. هن جو پاڻيءَ ۾ لسوٽي لسو ترڻ ڏاڍو پيارو لڳندو آهي. هن جي ڪل ڏاڍي مُلهائتي ٿيندي آهي. هندن جا رِشي، مُني ۽ ڀڳت پنهنجي تپشائن لاءِ هن جي کل ڪم آڻين ۽ ان تي ويهي جوڳ پچائين.

اوهان لُڌڙو نه ڏٺو هجي ته چڙيا-گهرن ۾ وڃو ۽ ڪن چشمن تي ويهي ڏسو، جن ۾ لُڌڙا هتراڌو آٽي وجهي ڇڏيندا آهن، ته ماڻهو انهن جو درش ڪن. ماڻهو انهن چشمن تي شيون وٺي ويندا آهن، جي لڌڙن کي اڇلي ڏيندا آهن. بس لڌڙا به ويٺا واجهائيندا آهن. شيءِ پاڻيءَ ۾ ڪِري ته مڙي ويندا ۽ اهي شيون جهٽي، اهڙيءَ ريت کائيندا آهن، جو ڏاڍو مزو پيو ايندو آهي. پاڻيءَ ۾ اهڙيون ته رانديون ڪندا آهن، جو ڇا چئجي!

ڇوڪرا جڏهن پاڻيءَ ۾ ترڻ سکندا آهن ۽ ٽڪا تارون ٿيندا آهن ۽ لڌڙن وانگر ٽٻيون هڻي ڏاهيءَ راند ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪندا رهندا آهن ته اسين چوندا آهيون ته ادا، هي ڇوڪرا ته پاڻيءَ جا لڌڙا آهن. لڌڙو نالو ڏيڻ سان ڪنهن کي به چڙ ڪانه وٺي، پاڻ سَرها ٿين.

پاڻيءَ جي جانورن ۾ سچ پچ لڌڙو ئي هڪ ساهه وارو آهي جو ڏاڍو

وٽندو آهي. پانئبو آهي تہ وينو ڏسجيس ۽ ڏسي ڏسي، خدا جو نالو پيو ياد ايندو آهي ۽ وات مان سبحان الله جا ٻول پيا نڪرندا آهن. ان ۾ شڪ ني ڪونهي تہ سڀ سارا هہ انهيءَ سائينءَ ڪي جڳائي، جنهن سيني ڪي اُپايو ۽ پاليو آهي.

## 76- پاڻيءَ جا پکي

پاڻيءَ جا پکي گهڻو ڪري ڏينن تي ڏسڻ ۾ ايندا آهنِ. اهي پاڻيءَ تي ڏاڍا سهڻيءَ ريت تَرندا رهندا آهن: سندن جياپو ننڍڙين مڇين تي هوندو آهي. هڪڙا پکي تہ هوا ۾ اُڏامندا آهن، پر هي پکي پاڻيءَ ۾ رهن ۽ تَرن. هوا وارا پکي پاڻيءَ ۾ تري ڪين سگهن، هيٺ لهن تہ ٻڏي پون. ان جو ڪارڻ اهو آهي، جو ڏٺيءَ سڳوري پاڻيءَ جي پکين جي پيرن جون آڱريون پاڻ ۾ چمڙيءَ سان ملائي ڇڏيون آهن. پيو تہ انهن جي کنبن ۾ سٽپ آهي، ان ڪري پاڻي ڪين پُسائي ڪونہ سگهي. سندن ڪاڏو بہ پاڻيءَ ۾ رئي مالڪ سائينءَ موجود ڪري ڇڏيو آهي. جيئن هوا جي پکين جا ڪيترائي نمونا آهن، تيئن پاڻيءَ جي پکين جا بہ ڳچ جيترا ٻڻ آهن. هوا جا پکي سڀ حلال نہ آهن، پر پاڻيءَ جا پکي سڀ حلال آهن.

هنجهہ، آڙيون، بدڪون، نيرڳيون ۽ ٻيا پانت پانت جا پکي کائڻ جي ڪم اچن ٿا. ڪي ڏينن جا وڏا پکي جهڙوڪ پيڻ، ٻگا يا ٻگها ۽ ڪَنگ بہ آهن، پر اهي ڪير ڪونہ کائي. اهي اڇي رنگ جا هوندا آهنَ، پر بدڪون جدا جدا رنگن جون ٿين. آڙيون گهڻو ڪري ڪاريون ۽ نيريون چٽڪمريون هونديون آهن. اهي پکي ڇا ڪاڻ تہ مڇيون کائين ٿا، ان ڪري سندن گوشت ۾ ڪجهہ ڪک ٿيندي آهي. سٽپ بہ منجهن گهڻو هوندو آهي، جو ڏٺيءَ سڳوري پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ سندن بت تي چربي يا وَهُہ چاڙهي ڇڏي آهي، ان ڪري سندن ٻوڙ يا پلاءُ ناهبو تہ گيهہ وجهڻ جي گهرج ڪانہ پوندي. بس جو پکي حلال ٿيو تہ ان تي ماڻهو آيا رهيا. ڪيترا شڪاري سياري جي مند ۾ جڏهن

پرڏيهي پکي به ڊنڊن تي جام اچي گڏ ٿين ته شڪاري ماڻهو، جي گهڻو ڪري وڏا ماڻهو هوندا آهن، سي اجهي ته بندوقون کڻي ڊنڊن تي پهتا. ٻيڙين ۾ چڙهي پوندا، ڊنڊ جي هڪڙي پاسي کان سنڌن ماڻهو پکين کي تاهيندا ته هو پچندا ٻئي پاسي، ته توبچي هنن کي بندوق جي گولين جا وسڪارا لائي ڏيندا. پکي ويچارا ڦٿجي ڪرندا پاڻيءَ ۾. هي يار ٻيڙيون هاڪاري، جهليندا، سيڙ وجهندا ٻيڙيءَ ۾ هٽندا ويندن. ائين به-چار ڪلاڪ شڪار ڪري ٻيڙين جون گوديون کڻي پريندا ۽ پنهنجي گهرن ڏانهن جيپون پري کڻي ايندا. پوءِ يارن ۽ سنگتين کي سوکڙيءَ طور ورهائي وندي ڏيندا. ته سنڌن نالو نڪري. بس چيو اٿن ته "مروان موت، ملوکان شڪار!"

ويچارن پار هيڙين مهاڻن جو گذر به انهن پکين تي آهي. اهي وري چارين، ڪُڙهين ۽ ٻين اتڪلن سان اهي پکي جيئرا ڦاسائي، شهرن ۾ وڪڻندا آهن. ماڻهو هيج منجهان اهي ڳنهي پنهنجو ڳنڍڻ ڪندا آهن. ڊنڊ جي پکين، گهڻو ڪري بدڪن ۽ نيرڳن جو پلاءُ ڪائي ڏسندا ته ڪڪڙ، تتر ۽ تلور به وسري وينديو- ڳوشت ڳاڙهو ٿئين. پر گهڻي سٽي سبب گرهه ڪٽبو، ته هٿن جون آڱريون گيهه تي وينديون. آڙيون اهڙيون مزيدار ڪين ٿين، جهڙيون بدڪون، نيرڳيون ۽ انهن جا ٻيا نمونا.

اوهان کي ڪل آهي، ته جانورن ۾ رڳو هاٿي آهي، جنهن کي وڏي سونڍ ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت ڊنڊ جي پکين ۾ به هڪ پکي آهي، جو ٻگهن جهڙو آهي؛ مگر وڏي ڳاڙهي سونڍ هوندي اٿس، جا وات کان هيٺ لڙڪندي پئي اٿس. جَر ۾ ڪا مڇي يا ڪُرڙي ڏٺائين ته سُونڍ ۾ کڻي سڄي جي سڄي ڳڙڪائي ويندو. ڏسو ته ڇا ڇا رنگ آهن ڏٺيءَ سڳوري جا! اڃا به انهيءَ ٻاجهاري سائينءَ کي ياد نه ڪريون ۽ نه ساراهيون ته پوءِ ڪيڏي نه انسان جي اڻ وڙائتي ڳالهه چئبي!

## 77- ٻـر جون بلائون

نانگن ۽ بلائن جي ته اوهان کي سُڌ آهي ۽ اوهان اهي جيت ڏٺا به آهن.

جوڳي ماڻهو ڪارين ۾ وجهي، نانگ آڻيندا آهن ۽ مُرلي وڄائي، انهن کي نچائيندا آهن. مُرليءَ تي نانگ ڦڻ ڪڍي اُڀو ٿي ويندو آهي، ۽ لُڏندو لَمندو آهي. ان کي ڏسي ڏاڍو مزو پيو ايندو آهي. اوهان کي اها به سُڌ آهي ته هي بَلائون سڀ زهري آهن ۽ ماڻهوءَ جون ويري آهن. پر ماڻهو پنهنجي سياڻپ سان انهن کي مُرليءَ جي مٺي آواز تي ريجهي ريبي، پنهنجي وس ۾ آڻي ٿو ڇڏي. شل نه ڪو نانگ يا بلا ماڻهوءَ کي چڪ پائي ته پوءِ جيئڻ آهي پاڳن تي. ماڻهوءَ کي زهر سبباڻ نڪ ۾ وات مان رت وهڻ لڳندو ۽ ساري بُت جو رت وهه ٿي ويندس. جيڪڏهن ڪا دوا يا سُتي مهل سر ملي ويئي ۽ ڏٽيءَ پاران ڇمار هونديس ته بچندو، نه ته موت جي پڪ آهي. ٻهراڙين ۾ جتي اهڙيون دوائون ڪونه آهن، اتي وري ڪي مانڊا يا جهاڙا جهاڙون پڙهندا آهن ۽ جهاڙ پوري لڳي ته بچاءُ ٿي ويندو آهي. ٿر ۾ جتي بلائن جي جُوءِ آهي، اتي ته ويچارا ماڻهو زهر وڃائڻ لاءِ، نانگ بلا جي ڪاڏل کي مال جو، جهڙوڪ مينهن جو پيشاب هڪيو تڪيو ملي ويو ته پياري ڇڏيندا آهن ۽ ان ڪري زهر، ڪَڪيل کي گهٽو نه وڻندو آهي ۽ چڱو بچاءُ ٿيندو اٿس.

نانگن ۽ بلائن جا به ڪيترائي ٻڻ آهن. نانگن ۾ هڪڙا ڪارا اصيل نانگ، ٻيا گُدا نانگ. تيان ڪپر نانگ ۽ بلائن ۾ وڏي ۾ وڏي بلا ڪوراڙ ٿيندي آهي، جا ڦوڪ ڏيندي آهي ته سارو جهنگ ٻُري ويندو آهي. ٻي هڪ بلا آهي، جنهن کي گهوڙيل بلا چوندا آهن جا گهوڙيسوار کي ٽپ ڏيئي ڏک هڻي ڪڍندي آهي. هڪ بلا لُنڊي، جا ننڍي ٿئي ۽ پيچ ڪونه ٿنيس. اها ڏاڍي ڊپ واري بلا آهي ۽ زهر به تکو اٿس. شل نه ڪنهن کي ڪائي ته بچڻ الا هي. ماڻهو ڪنهن کي پاراتو ڏيندا آهن ته چوندا آهن "شل ڪو لُنڊيءَ تي پير پوئي!" پيون به ڪيتريون ئي بلائون آهن، پر سيني ۾ هاڪاري پينڻ يا ڦُوڪني بلا ٿَرَ جي آهي. هيءَ بلا ٻِر کان ٻاهر ڪانه نڪري. رڳو جڏهن سخت گرمِيون ٿين ۽ اندر واريءَ جي گرمي لڳيس، تڏهن ڇتي ٿي پوندي آهي، پوءِ وني ٻِر کان ٻاهر

وستار ڪرڻ لاءِ وڏيون بنديون ڪپن. پر اسان جي درياءَ شاهه سنڌونديءَ ۾ به اڪيچار مڇيون ٿين ٿيون، جي اسين سنڌ جا ماڻهو وڏي چاهه چَس سان کائيندا آهيون. سڀني ۾ سٺيون مڇيون، جي اسان سنڌ وارن کي وڻن ٿيون، سي آهن: پهريون نمبر پلا ۽ ٻيو نمبر ڪُرڙا يا ڏنيرو. مڇيون ٻوڙ ڪري رڌ جن به، پچائي به کائجن، تري به کائجن ۽ انهن جو پلاءُ به رڌي کائجي ٿو.

ٻيا نمونا ته ڪيترائي آهن، جن مان ڪن جا نالا ڏجن ٿا: پوپري مڇي، ڏاهي مڇي، سُرمائي مڇي، موراڪي مڇي، پاپليٽ مڇي ۽ ٻيون. ان کان سواءِ جَرڪا، ڪگا، گندڻ، مُڪرَ، گانگٽ ۽ ٻيون مڇيون به گهٽيون ٿين. گانگٽ جن کي جهينگا به چئبو آهي، ڏاڍا سَوادي هوندا آهن. گانگٽن کي چون ٿي دريائي ڪُڪڙ. گهٽو ڪري سڀني مڇين تي ڇلر هوندا آهن، جي لاهي اُجريون ڪري پوءِ رڌبيون آهن. رگو ڪگي ۽ جَرڪي تي ڇلر ڪونه ٿئي. ساڳي نموني پاپليٽ تي به ڇلر ڪونه هوندو آهي. پَلن ۾، جي آنيون هونديون آهن، سي ته سون تي سهاڳو آهن: کائي کائي ڪين ڍاپبو. ڪن وڏين مَڇين ۾ به منڍي ڪانڊ ۾ سڻي ٿئي، پر پَلي جي آنيءَ کان پوءِ بس آهي. مڇيءَ جي مُنڍي ڪن بيمارين ۾ به ڪارائتي آهي.

ائين برابر آهي ته گوشت به سُڪائي سگهبو آهي ۽ پوءِ جڏهن دل چوي ته رڌي کائجي. اهڙيءَ ريت مڇيون به سڪائبيون آهن. انهن کي چڱيءَ ريت لوڻي پوءِ سڪائبو آهي. هڪ-ٻن ڏينهن جو لوڻيل مڇين کي مِنڌ-لوڻي مڇي چئبو آهي. ۽ سڪل مڇيءَ کي ڪاري مڇي چئبو آهي. پلا ته هزارن جي منهن سڪائبا آهن. اهڙيءَ ريت جهينگا به. انهن جو واپار به ڏاڍو ٿو هلي ۽ ڪئي ڪئي ولايتن موڪلبا آهن ته چڱو پئسو ڪمائبو آهي. هاڻي ته سائنسي نموني اهي مڇيون به گوشت وانگر دٻن ۾ بند ڪري وڪٽبيون آهن ۽ ڏيسارو موڪلبيون آهن ته تازي جون تازيون هونديون آهن. اسان جا سنڌي پَلا، مٺي درياءَ سنڌ جا وڏيڪ لذيذ هوندا آهن. سمنڊ جا پَلا به ٿين، جن کي گوادري پَلا سڏجي ۽ مٺي انهن کي دوئم به ڪوٺين. تازي شيءِ نيٺ به تازي آهي، پر سڪل جهينگا به مزي ۾ گهٽ ڪين آهن.

انهن جي ڪٽڻ يعني ڳنن مان چڳيءَ پر ڏؤ ڪن. ايندي ويندي، هلندي چلندي، وينني يا ليٽي، ڳنو ڏندن سان چليندا ويندا ۽ چوپيندا مني رس پيو، باقي چويا اُچليندا ويندا، تان جو اهڙو ڍؤ ڪندا، جو وڏيون وڏيون اوڳرايون ايندن. تڏهن ڳنن جي جند منجهانئن ڇٽندي. اڃي جوئر جي ڪانن ۾ ڪو ياڳين منو ڳنو نڪري. گهڻو ڪري سڀ ڪانا ڪانگڙ ٿين، باقي ڳارهڙيءَ جا ڳنا سڀ جا سڀ منا جهڙا پتاشا. ڳنن جو هڪ الڳ نمونو ٿيندو آهي، جنهن کي ڪماندڙي چئبو آهي. جوئرن جو اُن ۾ ڪم اچي، پر ڪماندڙيءَ جو اُن ڪونه ٿئي، سنگ مال کي کارائبا آهن ۽ ڳنا ماڻهو کائين. جنهن کي اسين ڪماند چئون ٿا، ان کي اردو ٻوليءَ ۾ "گنا" چون. اسين ان اکر ۾ "گ" ڏيون ۽ هو "گ" ڏين. ڪماند ٿلهو ٿئي ۽ رس جام ٿنيس. ان مان ڳڙ ۽ کنڊ به ٺهي. ڪماندڙي معنيٰ ننيڙو ڪماند. منو آهي، ان ڪري ڪيس اهو نالو ڏنو اٿن. ڪماندڙي جوئر وانگر ڏار ڪانه پوکجي. وونئڻن جي پوک ۾ اُن جو ٻج ڇٽين. اها ڪماندڙي پنهنجن ٻارن ٻچن ۽ يارن سنگتين لاءِ پوکين، جن کي ڪماندڙيءَ جي ڪانن جا پن سوئي ڳڏا ٻڌي، سوڪڙيءَ وانگي گهر موڪلي ڏين. ڪماند کي شهرن ۾ چلي ڳنترا ڪري، چانديءَ جي پني (ورق) لائي، ڳنڊيري ڪري وڪڻن ۽ چڱا پئسا ڪمائين. پر اسان جي ڳارهڙي جوئر ۽ ڪماندڙيءَ جا ڳنا جتي ڪٿي ڪونه وڪامن، پر ننڍين ڳوٺن ۾ ڪماندڙيءَ جا ڳنا به وڪامندا آهن. اڳي ته هڪ ڳنو پنسي پنسي ملندو هو، هيننر ته ٻن آنن ۾ به نٿو ملي، پر ته به هارين ويچارن کي پورهيي جيترو لاڀ مس پڙ ٿو پوي. چو ته ڏڪار ڏاڍو آهي، سڀ شيون عرش سان ٿيون ڳالهيون ڪن، هرڪا شيءِ ڏهوڻي ويهوڻي ٿي ويئي آهي، بلڪ اڃا به وڌيڪ. ماڻهو ويچارا وڃن سوڪيڏا نهن وڃن! ڪماندڙي ان ڪري به وڌيڪ سني آهي، جو ڳنا ڪوئنرا ٿينس، ٻار ٻچو سولائيءَ سان چلي چٻاڙي چوپي کائي. ڪماند ڏاڍو آهي، جن ٻارن سنها سنها ڳنن جو مزو نه ورتو هجي، سي ڪماندڙي هٿ ڪري کائي امين ٿين ۽ ڏسن ته ٻاجهاري سائينءَ ڇا ڇا ماڻهن جي سواد وٺڻ لاءِ اُپايو آهي. پوءِ ان وڙائتي واليءَ جا ڳڻ ڳائين!

۾ هلندو اچي ۽ جيستائين هيءَ پراڻي ۽ پرٿوي آهي، تيستائين هلندو رهندو. جس آهي ان ڀھرئين ماٿھوءَ کي، جنھن سوچ هلائي هيءُ رستو ڳولھيو، جيڪو انسان پنھنجي مٽي جي ڪوپڙيءَ کان ڪم وٺي، ٻين لاءِ فائدو ۽ بچاءَ ڳولي ٿو، تہ اھا سندس وڏي بندگي چئبي!

## 85- سارين جون بيماريون

ڪجھہ وقت اڳي جڏهن هتي هندو هئا، تڏهن هڪڙو وڏو هندو آفيسر منھنجي بابا سائين سان اچي مليو ۽ چانورن جي هڪ جنس ڪٽي آئي بابا کي ڏيکاريائين ۽ چيائين تہ هي چانور ڏسو تہ ڪھڙا نہ سٺا آهن. آءٌ هي ٻيجي لاءِ اوهان کي ڏيڻ لاءِ ڪٽي آيو آهيان. آئيندي هي چانور پوکجو. بابا ڪلي ڏنو ۽ چيائينس تہ سائين، چانور ڪونہ پوکبا آهن. انهن جون ساريون پوکبيون آهن. چانور ڦُٽندائي ڪونہ پر ساريون ڦُٽنديون. تڏهن ويچارو ڪجھہ ڦڪو بہ ٿيو، ڇو جو هو تعليم کاتي جو آفيسر هو. خير جڏهن سارين جي پوک ڪبي آهي تہ ڀھريائين ٿوريون ٻاريون نا هي، انهن ۾ ٻيجو پوکبو آهي. پوءِ جڏهن سلا ٿين تہ انهن کي سڏين ڪَڪَر. سلا فوٽ-مُني جا ٿيا تہ اهي هٿن سان ڏاڍيءَ سنڀال سان پاڙن سوڌا پٽي ڪڍبا آهن ۽ انهن جون ننڍيون ننڍيون موڙيون ٻڌي رکبيون. پوءِ انهن ڪڪرن جون موڙيون ڪٽي، جنھن زمين ۾ ساريون پوکڻيون هونديون، انهن ۾ رُونبو ڪبو آهي. رونبو چئبو آهي انهن سلن کي زمين ۾ رنبيندو وڃڻ کي. اهو سڄو ڪم جنھن ريت ڪبو آهي، ان جي ڪھاوت ڊگهي ٿي ويندي، ان ڪري آءٌ ڪونہ ٿو لکان. منھنجي ڳالھہ جو مول متو آهي، سارين جون بيماريون سٽائڻ. هن سون جھڙيءَ سھٽي ۽ ملھائتي پوک کي ڪيترين ئي ڏکيائن جو منھن ڏسڻو پوندو آهي ۽ ڪيترين ئي بيمارين وڪوڙي ويندڙيون آهن: هڪ بيماري ٿيندي آهي گڏر جي جنھن ۾ سارين جا سلا وڌي ويندا ۽ اوسر نہ ڪائيندا. گڏر هڪ نموني جو ڪيڙو هوندو آهي، جو سلي جي ڪانيءَ ۾ پيدا ٿيندو آهي، جو اندران ئي اندران ڪاني پيو چٽ ڪندو، ان کي

اُسرڻ نہ ڏيندو ۽ نيٺ سلو سُڪي ويندو.

ٻي بيماري هوندي آهي رُوئو. اهو بہ هڪ ڪيڙو ٿيندو آهي، جو سارين جي سَلن کي پاڙن کان جهلي ۽ پاڙون نستيون ڪريو ڇڏي، سي پوءِ ڌرتيءَ مان پاڻي ڇهي ڪين سگهن ۽ سلا سڪيو وڃن.

ٽيون ٿيندو آهي مَهلو. هي هڪڙا ڪارا سنها جيت هوندا آهن، جي سلن جي پنن ۾ نرماد کي وڪوڙي وجن ۽ سلا ساوڪ بدلائي ڪارا ٿي وڃن. مهلو ميون لاءِ بہ وڏو هاڃو آهي. انبن کي جي وننڊو آهي تہ بس، وڻن جا وڻ انبن کان آجا ڪري ڇڏي. ننڍيون انبڙيون نہ زور پرين ۽ نہ وڌن. جنهن سال مهلي جي بيماريءَ زور ورتو، ان سال اسين انبن کان سڪيا سين: ڇو تہ مال لهندو گهٽ، انب ٿيندا مهانگا ۽ ويچارا غريب انبن مان ڍؤ ڪرڻ کان رهجي ويندا. انبن جي گهٽتائيءَ سببان مدو بہ ٿورو هلندا ۽ سواد ۾ بہ مزو ڪونہ هوندن، جو مَهلي جا ماريل هوندا. اهو نياڳو مهلو بہ سارين جي ستياناس ڪريو ڇڏي.

پر سڀ کان وڏي آفت آهي، ڪوئي جي بيماري. ڪوئي جي بيماري ٻي ڪانہ ٿي. هڪ نموني جا جيئرا جاڳندا، جهنگلي ڪوئا پيدا ٿي پوندا آهن. هنن جي هاڃي کان بچاءَ جو رستو ڏکيو تہ بہ حيلا وَس تہ گهٽائي ڪندا آهن. ساريون بيهنديون بہ پاڻيءَ ۾ آهن، پر هي نياڳا ڪوئا، پاڻيءَ ۾ بہ تريو وڃو پهچن. هٽ بہ ڪين اچين، نہ ڪي ڪائين نہ ڪي پيئن، رڳو وڃن ڇيهو. بس سارين جي سَلي ۾ چڪ وجهي ڏندن سان ڪرتي ڪيرائي رکندس. ائين ايڪڙن جا ايڪڙ پوک هرپرو ڊاهيو رکن، نہ ڏني نہ ورتي. هاڻي تہ پوک جي ڪاتي وارن انهن لاءِ بہ دوائون ڪڍيون آهن، جي انهن جي ٻرن ۾ وجهبيون آهن، تہ هڪدم هڃارا مري ويندا آهن ۽ پوک جو بچاءُ ٿي پوندو آهي. سوڳالهہ ٿي ڪيم تہ گڏر، روئو، ڪوئو ۽ مهلي جهڙيون بيماريون سارين جي لاءِ نسورو آزار آهن. خدا انهن کان بچائي ۽ پوکيءَ راهيءَ جي ڏٺين جو خير ڪري.

# 86- پيهُون

پيهون هڪ نموني جا ٻُڪل چانور هوندا آهن، پر هنن جو مزو ئي انوکو آهي. پيهون ٻه ويچارا پوڳڙي ئي ٺاهيندا آهن. هالا، مٽياريون، نصرپور ۽ ٺٽي جي جهونن شهرن ۾ وجو ته اوهان کي پيهون نهنديون ڏسڻ ۾ اينديون. پوڳڙي ويچارا چانورن جي سٺيءَ جنس جون ساريون پُسائي، پوءِ انهن کي باهه تي رکيل ٺئيءَ ۾ سيڪيندا آهن، هٿن ۾ هڪ پوتو هوندو اٿن، جنهن سان پيا اُٿلائيندا پٿلائيندا آهن ته سڙي نه وڃن. پوريءَ پَر سيڪ اچي ويندن، تڏهن اهي واڏائيءَ سان ڪڍي، پر سان رکيل اُکَر ۾ وجهندا ۽ پيو هڪ همراهه، جو تيار بيٺو هوندو آهي، سو مُهرو پير سان هيٺ دبي هلائيندو آهي ۽ ساريون چڙبيون ۽ ڪُٽبيون وينديون آهن. چانور چپٽڙا ٿي ويندا آهن ۽ سارين جا تُهه لهي ويندا آهن. پوءِ اهي اُکر مان ڪڍي، تڏي تي ڇڏيون وينديون آهن: اهو ڪم هلندو رهندو آهي. پوڳڙيءَ جو هنر ان وقت ڏسڻ وٽان هوندو آهي: هڪ هٿ سان ٺئيءَ ۾ ساريون پيو اُٿلائيندو ته ٻئي هٿ سان اُکر ۾ انهن کي پيو هيٺ مٿي ڪندو. ان نموني مٽن جا مڻ ساريون سيڪجي، ڪُٽجي پيهن جي شڪل وٺنديون آهن. جڏهن اهو سڄو ڪم لهي ويندو آهي، تڏهن پوڳڙي سُپ يا ڇڄ ڪٽي اچي، پيهن کي ڇنڊڻ لڳندو ته تُهه يا ڪَتَرَ جدا ٿي ويندا ۽ پيهون جدا. جي اڇيون اڇيون ڪلنديون پيون آهن. پوءِ انهن جو وکرو ٿئي. ماٺهو چاهه چس سان وٺي گهر وڃن. وڏن وڏن ڏڻن، جهڙوڪ: عيدن- براتن تي اهي رڌجن، منجهن ججهو گيهه ۽ کنڊ وجهي تيار ڪجن. انهن رڌل پيهن کي چنگالي ٻه چئبو آهي. مارئيءَ ويچاري چيو آهي ته:

مکڻ ماکيون منيون مصريون، چنگايون چا شنيون حلوا،
وجهي ٻن ۾ وجي ذٽ پاڻ ڏوتيين ساڻ ڪائينديس.

پيهن جي چنگالي چني ڪٽي بس ڪريو. حلوا، سيرا، چا شنيون هن جو مٽ ڪين ٿين. وهانئن، عيدن ۽ ختمن تي گهڻو ڪري پيهون رڌبيون آهن.

مهمان سڀ ٻوڙ پلاءُ کان وڌيڪ پيهن کي وڃڻندا آهن. پر اهو سڀ هنر ويچاري پوڳڙيءَ جو آهي، جو سڀ وکٽي ڪري پيئسا. پاڻ ڪائي ڪونہ. ڪڏهن ڪو اهڙو ياڳ تئيس، نہ تہ بس! چوندا آهن تہ ”ڪنير جي گهر نڪر سجو ڪونہ ليي.“

## 87- ڪٽ

اناج جي پوک کي پکي پکڻ کان بچائڻ لاءِ پوک جي مکيہ هنڌن تي پيها اڏبا آهن، جن تي هاري ويچارو پرڀات کان ويندي، سانجهيءَ تائين ويهي جهار هڪليندو آهي. جهار ۾: جهرڪيون، ڳيرا، ٻوڙيءَ ۽ ٻيا پکي اچي وجن ٿا. اهي سڀ سنگن تي ويهي، پنهنجين چهنبين سان داڻا ڪڍي کائيندا آهن ۽ سنگن جي هٽي ستياناس ڪري ڇڏيندا آهن. انهن کي تڙي ڪيڻ لاءِ هاريءَ وٽ ٻہ هٿيار هوندا آهن: هڪ ڪانياٽي ۽ ٻي ڪٽ. هاري ڪانياٽيءَ سان جهار کي هڪلڻ لاءِ متيءَ جا گليلا يا ڳوڙها ٺاهي سگهائي، ڊگ ڪريٰ پيهي تي رکيو وينو هوندو آهي. پري کان جڏهن ڏسندو تہ جهار اڏامندي اچي ۽ اچي هن کي هُنَ هنڌ تي لٿي آهي تہ هڪدم اُٿندو ۽ اتي ڪانياٽيءَ ۾ ڳوڙهو وجهندو. ڪانياٽي ڦيرائي ڦيرائي وني جو ڳوڙهو ڇڏيندو تہ ائين ويندو، جيئن بندوق جي گولي! جهار جي سمت ڏسي، ان پاسي ڳوڙهو اڇليندو، جو اچي جهار جي وچ ۾ ڪرندو ۽ ڪنهن ڪاني سان لڳي کڙڪو جو ڪندو تہ جهار ڀڄي ويندي. ويچاري هاريءَ کي ڏسبو تہ سارو ڏهاڙو انهيءَ ڪرت سان هوندو ۽ وهيا ۽ ڪبرون پيو هڪليندو. ٻيا پکي تہ ڳوڙهي لڳڻ سان ڀڄي ويندا، پر ٻوڙي، جي ننڍڙا پکي آهن ۽ جيهو پاڻ گهٽو ڪن، سي نياڳا ڏاڍو ڏکيا ڀڄندا آهن. هاري ويچارو ڪانياٽي ڦيرائيندي، ”وهيو وهيو“ ۽ ”ٻوڙي ٻوڙي“ بہ پيو ڏاڍيان واڪو ڪري چوندو آهي. وهيو بہ ڏکيو پکي آهي. طوطا، جن کي اسين چتون ۽ منو بہ چئون، ان کي هاري ٻلو سڏيندا آهن. باغن ۾ ميون جي وڻن تان انهن کي گليل سان هڪلبو آهي ۽ ٻنين ۾ ڪانياٽيءَ سان. ٻيا پکي تہ ڪانياٽيءَ سان

هٿائي سگهجن ٿا، پر ٻوڙي، جنهن کي اهو نالو ئي ان ڪري مليو آهي ته هي پڪي ٻوڙا هوندا آهن، مورڳو ٻڌندائي ڪونه آهن. انهن لاءِ وري اهو رستو ڳولي ڪڍيو اٿن، جو هاري ويچارا هڪڙي ڪِٽ ٺاهيندا آهن، جا مُٺ وٽان ٿلهي ۽ پوءِ ويندي آهي سنهي ٿيندي، تان جو پوڇڙ وٽ سنهي ڏور جهڙو ٿيندس. اهو پوڇڙ هاري سجاوتي جي سُٽ مان ٺاهيندا آهن. سجاوتي جو ٻوٽو به سڻيءَ جي ٻوٽي وانگيان هوندو آهي، جنهن ۾ گهنگهرو ٿيندا آهن. جي ڇڻ ڇڻ ڪندا آهن ۽ ٻار انهن سان رانديون ڪندا آهن. سجاوتي جي سُٽَ ۾ اها چڱائي آهي، جو ان مان ٺاهيل پوڇڙ ڏاڍو نڪاءُ ڪندو آهي، جڻ توب ٻُري وئي. ڪِٽ کي ڦيرائي به ڪو جوانمرد هاري سگهندو آهي. جڏهن ڦيرائي ڦيرائي، ان جي پوڇڙ کي نڪاءُ ڪيائين، تڏهن مس وڃي ٻوڙي ٻڌندي، ٿهندي ۽ ڀڄي ويندي، نه ته ڀيو ٿيو پلو.

ڪانياٺي اسان جي، سادي سُٽَ مان ٺهندي آهي: وچ ۾ ڳوڙهي وجهڻ لاءِ وڏي چمچي وانگر گهُٻ ٺهيل هوندو اٿس. پر ڪِٽ ۾ ڪو گهٻ ڪونه ٿئي. ڪا ٻار جو ٿلهو رسو ۽ پڇاڙيءَ ۾ سجاوتي جو پوڇڙ. نڪاءُ جو ڪرائي ته سارو جهنگ ٻُري وڃي ۽ ڇوڏاري ان جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي. ماٺهن جي لاءِ به ڪيئي آفتون پيدا ڪيون اٿس، وري ماٺهوءَ کي به انهن سان جنگ جوٽڻ لاءِ ڏاهپ ۽ سياڻپ ڏني اٿس، ته جيئن هر هڪ آفت جو پنهنجي ڏاهپ سان ٻلو ڪري ۽ پنهنجو بچاءُ ڪري. اهائي ڳالهه آهي، جنهن ماٺهوءَ کي ٻين ساهه وارن کان اُتم بنايُو آهي. ٻيا ساهه وارا جتي نه پڄندا، اتي لاچار ٿي پوندا، پر ماٺهو انهن جو ڪونه ڪو گس ڪڍي وجهندا. ماٺهوءَ کي "اشرف المخلوقات" به اِن ڪري ئي سڏيو ويو آهي.

## 88- ڇاپُرو ٻير

اوهان ڇاپروُ ٻير ڪاڏا ته هونداٺي هوندا. ننڍڙا ننڍڙا ٽڪا ڳاڙها ٻير، منا به ڏاڍا، پر منجهن گودو گهڻ ٿئي. سنڌي ٻير ۽ صوفي ٻير وڏا به ٿين ۽ ڳر وارا

ٽپي بہ پوندو، پر هنن ڪنڌن مان ڪٿي تو لنگهہ مليس. رڳو ٻا هہ، ٽِسا لوڙهي ڪي نہ لڳي، پيو بچاءَ لاءِ ههڙيون پتيون نہ محلن ۾ ڏسبيون نہ ماڙين ۾. ٻار تہ هنن ٻيرن تي چريا هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪکڙا بہ ڳهي ويندا ، جڏهن پُٺيءَ تي ويندا آهن تہ ٻيرن جا ڪکڙا ۽ ڪلون گونهہ ۾ پيون نڪرنديون اٿن. پر ٻيرن جو مزو ڪٿي ٿا ڇڏين. وري بہ چوندا ائين ئي تہ يار، هلو ڪالهوٽي هنڌ تي ٻيرين مان ٻير گڏ ڪري اچون. ڀمراڙين ۾ تہ پنسن سان ٻيرن ڳنهڻ جي ڳالهہ ئي نٿي اُٿي!

## 89- ڪميري

بروچن جون ذاتيون بہ انيڪ آهن، جي ڳڻي ڪيترين ڳڻبيون. انهن ۾ ڪي اُتم ڪي گهٽ ليکيا وڃن. ڪميري بہ بروچن مان هڪ اُتم ذات آهي. پر هنن ويچارن جو ڪم نيچ سمجهيو ويندو آهي. هو رڇ ۽ ٻولڙا پاليندا آهن، انهن تي جو ڳ پچائي مس مس انهن کي هيرائيندا آهن. جڏهن هري مري وڃن، تڏهن ڪميرين ويچارن جو گذر انهن تي هوندو آهي. رڇن کي ٻوٿاڙو چاڙهي، رڇن ۽ ٻولڙن کي رَسيءَ سان شهرن ۾ وٺي ايندا آهن، پوءِ ڍولڪي وڄائي انهن کي ناچ ڪرائين. ڪميرن کي هڪ لَٺ ساڻ هوندي آهي، جنهن جي اشاري سان رڇن کي ناچ ڪرائيندا آهن. رڇ سڄو اُبو ٿي ماٿوءَ وانگر ٻن پيرن تي اُٿي بيهندو آهي ۽ سيني رؤنشائين ۽ ڏسندڙن کي سلام ڪندو آهي. پيرن ۾ گهنگهرو يا گهنگهريا ٻڌل هوندا اٿس ۽ اهڙو تہ سٺو ناچ ڪندو آهي، جو ناچو بہ گهر مَرن. ڪميري فقير کي ان جي بدلي ملي ڇا؟ رؤنشي ڪوڏيا مس ڪو. پئسو پئسو ڏيندس.

وري ٻولڙي کي پانت پانت جا ڪيل ڪرائيندو آهي. جهڙوڪ ٻولڙي ۽ ٻولڙيءَ جي شادي ڪرائيندو آهي. ٻولڙيءَ کي پڙي پارائي پوتي ڍڪائي ويهاريندو آهي ۽ ٻولڙو بہ سينگارجي ويهندو آهي، جو شاديءَ کان ناڪار ڪندو آهي تہ ڪيس پرچائڻ جا وس ڪندو آهي. اهي سڀ گفتا ڪميريءَ کي

راڳ ۾ ياد هوندا آهن، جي ڍولڪي به وڄائيندو ويندو آهي ۽ سر سان چوندو به ويندو آهي. چوندو آهي ته:

پرچي پوڙي پرچي پوَ،

ڪلومل جا چاچا پرچي پوَ.

بس اينتري چوڻ تي پولڙو ڏند ڪڍي ڪلندو آهي، پولڙي ڪيس پاڪڙ پائي چنبڙي ويندي آهي ۽ بيئي اُٿي جهمر هڻندا آهن. بس ڳالهه ڪرڻ ۽ ٻڌڻ کان ڏسڻ وڏيڪ آهي. هيءُ تماشو آهي ئي ڏسڻ سان. ڪهيري ويچارا گهٽي ڳليءَ رڇ ۽ پولڙا نچائيندا، ڍولڪي وڄائيندا پيٽ گذر ڪندا رهندا آهن. ڪڏهن ڏسؤن ته رستي تي، ڪڏهن پاڙي پاڙي ۾ اهو کيل ڪندا ڏسبا آهن. اچرج وننڊو آهي ته هنن مِرُن کي ڪيئن تا پالين ۽ پنهنجي وَس ۾ آڻين. ماڻهوءَ کي ڏٺيءَ سڳوري ڏاڍو ڏاهو ڪيو آهي. جيئن جوڳي نانگ ٻلائن کي، تيئن ڪهيري رڇن ۽ پولڙن کي پنهنجي چئي ۾ هلائيندا آهن. هاٿي ڪيڏو نه وڏو جانور آهي ۽ شينهن ڪهڙو نه زورائتو آهي، پر ماڻهوءَ اڳيان سڀ ڪنڌ جهڪائين ٿا. ويچار ته ڪريو ڪهيري ويچارا ڇا ڪمائيندا هوندا، ڇا پاڻ کائيندا هوندا ۽ ڇا هن ساهه وارن جو پيٽ پاليندا هوندا! پر خدا سائينءَ هنن جو گذران ائين بنايو آهي. شل ويچارا پورهيت ۽ مسڪين خوش هجن!

## 90- گهوباٽو

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "اٽو، ڇي، گهوباٽو." هن مان پتو پوي ٿو ته "چوان هڪڙي ته ڪري ٻي." نٽو سُٽي نٽو سمجهي. هاٿي اٽو ته نهيو، سڀ سمجهن ٿا، پر گهوباٽو ڇا آهي، سو اوهان کي ٻڌايان ٿو.

ٻهراڙين جا غريب ماڻهو پنهنجي بچاءَ لاءِ جيڪي هٿيار رکندا آهن، سي آهن لٺيون، لوڙهون، لڪڻ، تلهڙون، ڏنڊا، ڏنڊيون، سونٽا، سونٽيون، پَڇرَ ڇاڙيون، ٻُنڊيون ۽ ڏوڳريون. انهن سيني هٿيارن کان گهوباٽي جو هٿيار، پري مار ڪندڙ آهي. انهن ويچارن کي نڪي هجن ليسن بندوقن، رائيفلن،

## 93- پنجيري

پنجيريءَ جو نالو اوهان نہ ٻڌو هجي، تہ اچو تہ ٻڌايانوَ. گهڻا ماڻهو ان کي چُوري بہ ڪوٺيندا آهن. پر چُوري ڪُٽيءَ کي بہ چئبو آهي، پنجيري هڪ نجي شيءِ آهي، جا سڪيا سڻا با ماڻهو سياري جي مند ۾ پنهنجن ٻارن جي سگهہ (طاقت) لاءِ ناهي، برنيون ڀري رکندا آهن تہ ڀل سنجهہ صبح پيا کائين.

پنجيري ناهڻ لاءِ ڇا ڪندا آهن، جو ڀريائين ڏاٽا جنڊ تي ڏري، انهن جو مغز ڪڍندا آهن. اهو مغز ڳائي مکڻ يا گيهہ ۾ پُچي، ان ۾ پيا مغز بہ گڏيندا آهن جهڙوڪ: پستا، بادام، ڪاري ڊاک، ڪشمش. اهي ڪل پنج مغز ٿيا، ان ڪري هن چُوريءَ کي چون ٿي پنجيري.

پنجيري ملي تہ ڇا جون معجونون ڇاجا ڪُشتا، ڇاجا خميرا ۽ ڇاجو سچن موتين جا خاڪا. سؤ منائين کان هيءَ هڪ ٿي منائي زور آهي. منجهس زور ۽ ٻل، سَگهہ ۽ چڱيلائيءَ (صحت) جا اڻ ميا گنج آهن.

سيارو اچي تہ ٻيون سڀ شيون جهڙوڪ: حلوا، ميسوپاڪ ڦِٽا ڪري رڳو پنجيري کائو. حلوا ۽ ٻيون مٺايون اوهان کي ڪنگهہ ڪنديون، پر پنجيري ننهن کان چوٽيءَ تائين ٻَلُ ۽ سگهہ آهي. پر سيڪا شيءِ کائبي وري بہ وت سارو. گهڻي شيءِ کهڙي بہ سني هجي، پر جيءَ کي جوکي جو ڊپ آهي. متان پنجيريءَ جو مزو ڏسي، سيرن جا سيڻ نہ کائي وجو؟ ائين برابر آهي تہ "جيڪي ڪري گيهہ، سو نہ ڪري ماءُ نہ ڪري پي!" سُکو ميوو جو منجهس پوي ٿو، سو بہ کائبو تہ ڊاپبوئي ڪين، پر هيچ چڱي ڪين آهي. منهنجو چوڻ اهو اٿوَ، وڌيڪ پاڻ جاڻو!

## 94- ٽونٽا

تاريخ پندرهين- مهيني شعبان تي مسلمان عيد برات ملهائيندا آهن، ان ڏينهن ان تي آتشبازي دارون ٻاري ڪئي ويندي آهي. جيئن هندو ڏياريءَ تي دارون ٻاري آتشبازي ڪندا آهن، تيئن مسلمان بہ ڪندا آهن، جيتوڻيڪ مذهب

يا ڌرم ان جي موڪل نٿو ڏئي، پر هي هڪ اجايو رواج پئجي ويو آهي. آتشبازي شادين وهانئن جي ڏينهن تي به دارون ٻاري ڪئي ويندي آهي ۽ هزارين رپيا سُڃ ڪيا ويندا آهن. آتشبازيءَ جون پيون شيون جهڙوڪ: ڦٽاڪا، مهتابيون، نيلوفريون، جرقل، سرايون، وڇون، چرخيون ۽ ٻيون ڪيتريون تماشي جهڙيون شيون ٺاهي، سازيون ويندي آهن، پر هڪ شيءِ جنهن کي ٺونٺا ٿو سڏجي، سي رڳو هالا ۽ نصرپور ۾ ٺاهيا ويندا آهن. اهي ڏاڍا ڇيهي وارا هوندا آهن.

هالا جا ڪاريگر جيڪي ٺونٺا ٺاهيندا آهن، اهي ڇا ڪندا آهن، جو گوگڙ يعني گندرف ۽ شورو ڪُٽي ڇاڻي ميدي جهڙو ڪري، ان ۾ اڪن جا اگر به ڪُٽي وجهي هڪڙو ٻورو ٺاهيندا آهن. پوءِ تلهي ڪاڳر جي چٽن انچن وارن پوڙن ۾، جي پڻ هو پاڻ تيار ڪندا آهن، اهو پائوڊر لوهه جي سيخن سان گُڏي پريندا آهن، جيئن نيلوفريون پرجن. پوءِ انهن مان هڪ ٻن ٺونٺن کي سازي آزمائيندا آهن. آزمائڻ کان پوءِ ٺونٺا سوَن جي منهن پري، انهن کي بند ڪندا آهن. ائين ڪرڻ کان پوءِ گوشت جا وڪا وٺي ايندا آهن، ۽ ٺونٺن تي انهن جي جهلي چاڙهيندا آهن. پوءِ انهن کي سڪايو ويندو آهي. جڏهن سڪي ويندا آهن، تڏهن ٺونٺا تيار سمجهبا، جي چڱو ملهه ڪمائيندا آهن. آتشبازيءَ جا ڪوڏيا اهي وٺي، عيد برات تي سازڻ لاءِ رکندا آهن.

عيد آئي ته هڪ وڏي ميدان تي تماشو ڏسندڙن جا انبوهه مڙي ويندا. وچ ميدان تي ٺونٺي جو جهليءَ لڳل منهن کولي، ٽانڊي تي رکندا ۽ ٺونٺو ويرم ئي ڪانه ڪندو. شوشاٽ ڪري ٻري پوندو. پوءِ ته ان کي ڪٺي ميدان تي ڇڏيندا. ٺونٺو ڦيريائين ٿورو ڌرتيءَ تي ٽپڪندو ۽ ٽپڪي، وٺي چوطرف اُڏامندو. ماڻهن جي انبوهه ۾ ٺاهه پئجي ويندو ۽ هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندا، ڇو ته متان ٺونٺو لڳي ۽ هٽي سازي نه رکي. ٺونٽي جو ٽپڪڻ ۽ اُڏامڻ هڪ وڻندڙ تماشو به آهي، پر ڊپ وارو به.

جھُلَ جي مٿان رکبو آهي پاکڙو. پاکڙي تي وري رَليون ۽ سَوَڙ پکيڙبي آهي تہ گا شو نرم ٿئي. انهن سيپني شين کي ڦاٽڻ ٽُٽڻ کان بچائڻ لاءِ گا شي جي مٿان نَتَ وجهبي آهي، جنهن کي عربيءَ ۾ "نطعہ" لکندا آهن، نَتَ چمڙي جي نهيل هوندي آهي ۽ کُنڊيءَ سان مٿس پرت پريو ويندو آهي. نَتَ پٺجي ويئي تہ چوڏاري کَشٽو بَڌو ويندو آهي تہ گا شو اُکلي نہ پوي. بس پوءِ بہ خانا پاکڙي جا نهي پوندا آهن. پاکڙي جي اڳئين خاني جي مهڙ ۾ گا شو اهڙيءَ ريت ٻڌندا آهن، جو پرٺي تي گُڏي نهي پوندي آهي. جت گهٽو کري اڳين خاني ۾ ويهندو آهي ۽ سوار پوئين خاني ۾. بس اُٺ، جو گوڏا پجيو وينو هوندو آهي، سو جڏهن اُٿندو تہ جت ان جون مهارون جهليندو. جي اُٺ جي نڪ ۾ پيل ناڪيلين ۾ ٻڌل هونديون آهن. اُٺ جون مهارون ڪشيائين تہ اُٺ هندوري وانگر اُٿي هلندو. جن اُٺ جي سواري ڪئي هوندي، تن کي پليءَ پت سُڌ هوندي تہ اُٺ جي سواري ڇا ٿيندي آهي. ڪي شاهوڪار ماڻهو پنهنجن اُٺن جي سينگار لاءِ گوهر يا چانديءَ جا تانيٽ (تعويذ) جنوئي بہ ساز جي زيورن وانگي ٻڌندا آهن، جي ڇم ڇم ڪندا هلندا آهن. لاڏو اُنن کي وري گوڏن وٽ گهنگهر يا وٽ ٻڌندا آهن. منهن تي ڪوڏن جا موڙ، ڳچيءَ ۾ سُهليون ۽ ڳانيون، مَدُوءَ تي تُريارا، ٽؤنر جهابا ۽ جهُوڙا پيا لڙڪندا اٿن؛ جن جو آواز پريان ئي ٻڌڻ ۾ پيو ايندو آهي. انهن جا سات هڪ ڊگهي قطار ۾ هلندي، اهڙو تہ مزو ڪندا آهن، جن جي ڳالهہ ڪهڙي ڪجي!

منهنجو چوڻ هو، جهُل ۽ نَت جو ستار ڪرڻ. جهُل، تر جون مايون رنگين ڪپڙي تي ٽُڪن سان پريندريون ۽ سبينديون آهن- جيئن رليءَ جو مٿيون تهہ ناهيندو ويندو آهي. جس هجي انهن سگهڙ ماين جي هٿ کي، جي سئيءَ سان اهي هنر ڏيکارين ٿيون. جهُل کي چوڌاري گهير هوندي آهي ۽ وچ ۾ اُٺ جي ٿُوهي لاءِ خال ڇڏيل هوندو آهي. نت وري تر ۾ ميگهواڙ ڪاريگر ناهيندا آهن. انهن جي هنر جي ڪهڙي واکاڻ ڪجي. نتون ٻاڪري ڪل مان

ڏٿيءَ سگهوري جي ذات ۾ جوڙ آهي، جو ڪارونجهر ٽڪر مان پڪو پٿر به نڪري ته ڪچو پٿر پوڪر به نڪري ۾ ٽڪر جي وچ وچ ۾ ڪٿي ڪٿي واريءَ جون پٿون به هونديون آهن. ڪن ڪن هنڌان ماربل (سنگ مرمر) جي ٻه-ٽي انچ ليڪ به هوندي آهي، جا ٽڪر جي پاڙ ڪان وني، مٿي چوٽيءَ تائين هلي ويندي آهي. ان کي ڏسي ماڻهوءَ کي تپرس پيو ونندو، ڪيس ڏٿيءَ سگهوري جي سهڻي سناءَ ۾ جوڙ جو پتو پوندو ته جتي پٿر، اُتي واري! ٻيئي شيون هڪ هنڌ ملن! وري پٿر جي وچان چشما به جوڙيا اٿس، جن مان ٽڏڙو ٽڏڙو، منڙو منڙو پاڻي به سمي نِڪري. 'انچليا سر ۾ ساردڙي' جا چشما آهن ننڍا، پر ڏيک ويک ۾ ڏاڍا پيارا لڳندا آهن. جيڪڏهن اوهان کي خدا جي جوڙ جو درشن ڪرڻو هجي ته وڃي ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر گهمي ڏسو، چو ته اڪين سان ڏسڻ، ٻڌڻ ڪان هزارين گهمرا وڏيڪ آهي. ڏسڻ دل تي چٽ تي بيهي ٿو ۽ ڪڏهن به نٿو وسري.

## 97- ميٽ

ميٽ ته هڪڙي، گهر گهر جي شيءِ آهي، سا اوهان مان هرهڪ ڏٺي هوندي، توڙي اڄڪلهه ان مان گهڻ ڪم ورتو وڃي ٿو. حيدرآباد جي گنجي ٽَڪر ۾ خيرپور جي ٽڪرين ۾ ميٽ جون کاڻيون هونديون آهن، جن مان ٻين ذاتن وانگر ميٽ به ڪوٽي ڪڍبو آهي. ان مان چڱو موچارو پئسو به ڪمائي سگهجي ٿو.

هينئر وهنجڻ لاءِ جتي ڪٿي ڏس ته سُرهو صابڻ ڪم آندو وڃي ٿو، پر اڳي وهنجڻ لاءِ ميٽ کان وڏيڪ ٻي ڪا به شيءِ سٺي ڪانه هئي. ماڻهو چيا ڪندا هئا، ميٽ جو وڏو وٽو يا ڪٽورو مَلي، ان ۾ ٿورو تيل ملائي، ساري بدن کي ميٽ سان مليندا يا مهٽيندا هئا. ان ڪري سڄي ٻُت جي مَرُ ۾ مٽي، وارن مان سيڪا ميرائي، ميٽ مهِٽڻ سان اگهجي اُجري ٿي ويندي هئي ۾ بدن چمڪڻ لڳندو هو. خرچ به ڪو پئسو ڪن مس ٿيندو هو ۾ اُجرائي به صابڻ جي

پيٽ ۾ ڏهہ گهمرا وڏيڪ ٿيندي هئي. هڪڙي فارسيءَ جي وڏي ڪويءَ، جنهن جو نالو "سعدي" سڳورو هو، ان پنهنجو هڪ ڪتاب "گلستان سعدي"، شروع ئي اُن بيت سان ڪيو آهي، جنهن جو ارٿ هيءَ آهي:

1- هڪ ڏينهن مون کي پنهنجي پرينءَ جي هٿان مان سُرهو ميٽ تَڙَ تي مليو.

2- مون ميٽ کان پڇيو تہ تون ميٽ آهين يا ڪو عنبر يا مشڪ آهين، جو تنهنجي سُرهاڻ ڪري آءُ مگن ٿي ويو آهيان؟

3- ميٽ وراڻي ڏني تہ آءُ آهيان تہ اهائي ساڳي سستي مِٽي، پر ڪجهہ وقت گل جهڙي پرينءَ سان گڏ گذاريو اٿم.

4- انهيءَ سُنڱيءَ سان گڏ ويهڻ ڪري مون ۾ اهو گڻ ٿيو آهي، نہ تہ آهيان ساڳي ميٽ جي مِٽي، جنهن جو هونءَ ڪوبہ مُلهہ ڪونهي! (هن جو اصلي بيت هيٺ بہ ڏجي ٿو).

ميٽ جو رنگ هلڪو پيلو هوندو آهي، پر ان تان پاڻ هڪ رنگ کي وڏيڪ نالو مليو آهي. اسين ميٽ جهڙي رنگ کي ميٽائون رنگ چئون. ميٽ تان رنگ کي نالو مليو آهي، نہ رنگ تان ميٽ کي.

اوهان کي جيڪڏهن منهنجي چوڻ جي سچائي ڏسڻي هجي تہ ميٽ تيل سان وهنجي ڏسو تہ سُڌ پَويوَ. ميٽ تيل سان بدن مهٽڻ کان پو جا بت کي سڪ سانت ايندي آهي، سا ڪيترا بہ دنيا جا حمام خانا (باٿ روم) يا غسل خانا پيتيو، پر هڙو آنند ماڳهين نہ ملي سگهندو. جهولي جي جهٽ لڳڻ کان پڻ ميٽ ۾ بصر جي ڪاتر ملائي وهنجبو آهي تہ جهولي جو اثر لهي ويندو آهي:

گلي خوشبوءِ در حمام روزي
رسيد از دست محبوبي بدستم
بدو گفتم کہ مشکي يا عنبري؟
کہ از بوءِ دلاويز تو مستم

بگفتا من گلي نا چيز بودم
وليکن مدت با گُل نشستم
ڪمال او در من اثر ڪرد
وگر هُما خاڪم ڪه هستم

چا ميت جهڙي هلڪي شيءِ، چا ان جو ٿار، جو اسان جو بدن ئي ٺري ٻڱ ٿيو پوي. خدا جي جن وٿن کي اسين تڇ ٿا ڀانيون، انهن ۾ لکين لاڀ سمايل آهن.

## 98- ڪسوٽي

سون کي پرکڻ لاءِ بي ڪا بہ اهڙي شيءِ پروسي جهڙي نا هي، جهڙي ڪسوٽي. ماڻهو جنهن تنهن ڳالهہ ۾ چوندا آهن تہ مون فلاڻي سنگتيءَ کي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڏٺو آهي تہ هو سچو نڪتو آهي. ڪڏهن ائين بہ چوندا آهن تہ يار، آءٌ تنهنجي پرکڻ لاءِ ڪسوٽي آهيان، تون مون کان ڪٿي ٿو لڪي سگهين؟ وري ڪڏهن ڪنهن نڳ کي ڪو نڳي ڪندي پڪڙيندو آهي تہ چوندا آهن تہ "نڳ نڳ جي ذات. فلاڻي جي اڳيان آٿيوس تہ هڪدم پرکي ورتي. هو نڳن جي ڪسوٽي آهي." هن مان اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي تہ ڪسوٽي هڪ اهڙو اوزار آهي، جنهن سون ۾ نڳي يا کوٽ يا مَٽ هوندو تہ اوڏيءَ مهل پرکجي پوندو. چوندا آهن: "سون پرکجي ڪسوٽي، روپ پرکجي باهہ- ماڻهو پرکجي تڏهن جڏهن بہ اکر ڳالهائي."

ڪسوٽي نيٺ آهي ڇا؟ هڪڙو ننڍڙو ڪارو پٿر هوندو آهي، جو سون جي شرافن (صرافن) وٽ هڪيو تڪيو رکيل هوندو آهي. ڪو بہ ماڻهو سون جو ڳهہ ڳنو يا منڊي مَٽيو وڪڻ لاءِ سراف وٽ کڻي ويو تہ هو ان کان اها وٺي، ڪسوٽيءَ تي کڻي گهڪا ڏيندس تہ پلي سون ۾ مَني سون جي سُڌُ پئجي ويندي انهيءَ سارو ملهہ ڏيندو. جي مورڳو کوڙو ڳهہ پتل يا مَٽ بہ هوندو، تہ اچا ڪارا پڌرا ٿي پوندا ۽ نڳ کي کڻي ڳڇيءَ کان جهليندو.

ڏسو تہ آهي ڇا، رڳو هڪڙو پٽر جو ٽڪر، پر منجهانئس ڪيڏا نہ ڪاريچ ٿا سرن. اهو پٽر نہ هجي تہ سون جي سچ ڪوڙ جي پرک ئي نہ پوي ۽ ماٺهو ويچارا لوبين ۽ نوڳين ڪان ٺڳجي ۽ ڦرجي وڃن. پر سراف منٽ ڪري وننڊس ۽ ٻڌائيندو تہ آهي سون، پر مَنو آهي. يا مورڳو سون ئي نہ آهي، يا چانديءَ تي سونو پاڻي چڙهيل آهي يا پِتل آهي يا ڪو ٻيو ڌاتو سون جي رنگ جهڙو آهي. هر ساديءَ شيءِ ۾ ڏٺيءَ سڳوري ڪانہ ڪا ڏاهپ ۽ اتاهہ سياڻپ رکي آهي، جنهنڪري ڪَرو ڪوتو پڌرو ٿيو پوي.

# 99- پڙلاءُ يا هوبہو

هڪڙي راجڪمار جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هو هڪ پيري گهوڙي تي چڙهي شڪار لاءِ نڪتو ۽ هلندي هلندي، هڪ ماٿريءَ ۾ اچي پهتو. ٻيا سندس نوڪر چاڪر پٺتي رهجي ويا. اتي هن هڪ هرڻ ڏٺو ۽ پنهنجي ساٿين مان هڪ کي ڏاڍيان سڏ ڪيائين. پاڻ چيائين تہ "اوپمر سنگ!" تہ ورندي مليس "اوپمر سنگ" . وري چيائين تہ "ڪٿان پيو ڳالهائين؟" تہ وراڻي موٽي مليس تہ "ڪٿان پيو ڳالهائين." وري چيائين تہ "سگهو مون وٽ پهچ!" تہ موٽ ۾ اهوئي پڙاڏو آيو "سگهو مون وٽ پهچ." راجڪمار کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ۽ چيائين "ٻُڌي ڇڏ مان توکي ترار مان ڪڍندس!" تہ ورنديءَ ۾ وري بہ ساڳيو جواب مليس. ڏاڍيءَ تپرس ۾ پنجي ويو ۽ ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. اينتري ۾ هڪڙو سندس ساٿي بہ اچي پهتو. ان ڪان ڪاوڙ مان پڇيائين "پمر سنگ ڪٿي؟" تہ سندس ساٿي جواب ڏئي ڏي تہ ان ڪان اڳ ساڳيو آواز آيو تہ "پمر سنگ ڪٿي؟" راجمڪار ڪاوڙ ڪان ذري گهٽ چريو ٿي چڪو هو ۽ ساٿيءَ ڪان پڇيائين تہ "هيءَ ڪير آهي؛ جو موٽائي ساڳيا اکر چوي ٿو ۽ مون سان چِٽر ڪري ٿو؟ ساٿيءَ اِن تي ڪيس کِلي ٻڌايو تہ راجڪمار! "هيءَ پڙلاءُ آهي. جيڪو اوهان آواز ڪيو ٿا، اهو ساڳيو ماٿريءَ جي چوڌاري، جبڪي ٽڪريون آهن، تن سان لڳي، موٽي ٿو اچي، ڇو تہ پهاڙ هڻ ڪري آواز

ڪي پرتي وڃڻ جي جڳهہ نٿي ملي ۽ موٽي اسان وٽ پهچي ٿو." اتي راڄڪمار جا ڏند چپن سان لڳي ويا ۽ وري وري آواز ڪرڻ لڳو ۽ ڏنائين تہ برابر منهنجو ساڳيو آواز موٽي پيو اچي. ايتري ويرم ۾ پمرسنگ ۽ ٻيا بہ اچي سهڙيا. راڄڪمار ڦڪائيءَ ڪان ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيو. جڏهن ٻڌايائونس تہ اهو پڙاڏو، پڙلاءُ يا هوبهو آهي. ان کي انگريزيءَ ۾ "ايڪو" چيو وڃي ٿو.

پارو جيڪڏهن اوهان پڙلاءُ ڪڏهن نہ ٻُڌو هجي تہ ڪڏهن پهاڙ تي چڪر هڻڻ واسطي نڪري وڃو ۽ آواز ڪري، موٽ ۾ پنهنجو ساڳيو آواز ٻُڌو، ڏسو تہ پوءِ اوهان کي ڪيڏو نہ مزو ٿو اچي. پڙلاءُ جو چرچو بہ عجب جهڙو آهي ۽ اهو ڪيئن ٿو ٿئي. ان لاءِ اوهان پنهنجي سائنس ماستر کان وڌيڪ سمجهاڻي وٺي سگهو ٿا.

## 100- پتڻ

جيئن سامونڊي جهازن جي بيهڻ واري جاءِ کي سامونڊي بندر يا "سي پورٽ" ڪونبو آهي، تيئن هوائي جهازن جي بندر کي هوائي اڏو يا "ايئرپورٽ" سڏبو آهي. وري جتي ريل گاڏي بيهندي آهي ۽ ماڻهو لاهيندي چاڙهيندي آهي، ان کي اسٽيشن يا ٽيشڻ چوندا آهن. اهڙيءَ ريت درياءَ پار ڪرڻ لاءِ، جتي پليون نہ هونديون آهن، تہ ٻيڙيءَ تي چڙهي هڪ پاسي کان ٻئي ڪناري تي وڃبو آهي. اهڙين جاين کي، جتي ماڻهن جي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙيون بيٺل هونديون آهن، تن کي 'پتڻ' چئبو آهي. پتڻ جي ٻيڙين تي ماڻهن کان سواءِ گڏهہ، گهوڙا، اُٺ ۽ ٻيو مال بہ چاڙهي پار ڪبو آهي. اوهان کي اها سڌ تہ اڳيئي آهي، تہ اُن پاڻيءَ کان ڊڄندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ڏاڍو ڏکيو پير وجهندو آهي، تنهنڪري پتڻ جي ٻيڙيءَ تي پير رکڻ ۾ ڪيٻائيندو آهي ۽ ڏاڍو ڏکيائيءَ سان چڙهندو آهي. هڪڙو ماڻهو سندس مهار وٺي ٻيڙيءَ تي چڙهي ڇڪيندس ۽ ٻيو پنيان ڏنڊا هڻندس، تڏهن مس مس وڃي ان کي ٻيڙيءَ تي چاڙهيندا. ٻيڙيءَ تي چڙهڻ مهل ڏاڍيون گوڙون ڪندو آهي، رڱندو آهي ۽ مار

ڪائيندو آهي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ پهاڪو نهي ويو آهي تہ "اڙي سڌري وڃ، نہ تہ اهڙي مار ڪائيندين، جهڙي اُن ڪائي پتڻ تي!"

پتڻ جي ٻيڙي پاتڻي هلائيندا آهن. ماڻهن جو پُور پريو تہ الله جو آسرو ڪري ٻيڙيءَ جا پڳهہ ڇوڙيندا ۽ ڏاڍيءَ سنيال سان لوهہ جي ناتاري، جا ڪناري تي ٻيڙي جهلڻ لاءِ ڪتل هوندي آهي، سا پَٽَ مان ڪڍي، ونجهن سان ٻيڙي هلائي درياءَ جي وچ سير مان تاري اچي پار ڪندا آهن. هينئر بہ اسان جي درياءَ جي آرپار ڳوٺن ۽ شهرن ڪي پاڻ ۾ ڳنڍين ٿا. پاتڻي ويچاري جي ايڏي پورهيي جو قل ڇا ٿو مليس؟ آڌيو يا رپيو هرڪو ماڻهو ٿو ڏني. سپني سوارين ۾ ڏکي سواري پتڻ جي، پر مزدوري گهٽ آهي. ان جي بدران ريلن ۽ جهازن ۾ ڳاتي يڳا ياڙا، جي غريب ماڻهو پري ئي ڪين ٿا سگهن ۽ جي ويچارا ڪٿي وڃن تہ جانورن تي سواري ڪن يا پنڌ ڪري پهچن.

پتڻ جي ٻيڙي، جڏهن الله جي آسري ڇُٽندي آهي، تڏهن ان جو ڏيک ويک ڏسڻ وٽان هوندو آهي. ڪيترا ماڻهو ڪئميرائون ڪٺي ايندا آهن ۽ پتڻ جي ٻيڙيءَ جا، هلڻ مهل فوٽا ڪڍندا آهن. وچ سير تي جڏهن ٻيڙي ايندي آهي، اهو ٺاٺو ڏاڍو ڊپ وارو هوندو آهي، جو درياءَ جي سير ۾ پاڻيءَ جي تڪَ ڏاڍي هوندي آهي، جنهن ۾ ڳريون ڳريون وٽون بہ لڙهيو وڃن. پر جَسُ هجي ناکئن کي، جي دل جهلي ٻيڙيون هاڪارين ٿا. انهيءَ ڪري تہ مهاڻن کي ملاح يا اميرالبحر ڪوٺيو ويندو آهي.

## 101- وهائي

اوهان کي اها تہ سڌ آهي تہ ننيڙو ابهم ٻچڙو، اسان وڏن وانگي سپنا ڪونہ ڏسي، سپنا تہ ڏسون اسين وڏا، جيڪي ڏينهن جو ڪم ڪريون يا ٻڌون سُٺون يا جيڪي يادگيريون هونديون اٿئون، اهي سپنن ۾ ڏسندا آهيون. ڪي سپنا بيمارين ڪري بہ ٿيندا آهن: ۽ جي ڪاڏو پيٽ ۾ نہ ڳريو تہ پيٽ تي جيڪو بوجو ٿيندو آهي، ان ڪري بہ سپنا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر ننيڙن ٻارن کي تنجٽن

۾ يا ٻي سمجھيءَ جي ڄمار ۾ ڪاٻہ سُڌ ڪانہ هوندي آهي، سي سپنا ڪونہ ڏسن. ان هوندي بہ اوهان ڏٺو هوندو تہ ڪڏهن ڪڏهن ننڍڙو ٻار ننڊ ۾ کلندو آهي ۽ اسان کي ائين ڏسي مزو پيو ايندو آهي. ٻار جي انهيءَ کل کي چوندا آهن تہ ”هن کي وهائي ٿي کلائي.“ انهيءَ کلڻ کي وهائيءَ جي کل چوندا آهن. جڏهن ڪو وڏو ماڻهو وڏيون وڏيون اڻ ٿيڻيون ڳالهيون ڪندو آهي يا آسرا رکندو آهي تہ ان کي بہ چوندا آهن تہ ”ميان، اجايا پھہ نہ پچاءِ، خوش پيو ٿين، سو وهائيءَ کلايو اٿئي ڇا؟“ وهائي کي وِيائي يعني جنم وٺڻ بہ چئجي.

وهائي کلائي تہ الاجي ڪيئن ٿي، پر ڪي ڌرمي ماڻهو چوندا آهن تہ: ٻار جو آتما پوتر ٿئي ٿو، هو جمڻ کان اڳ روحن جي دنيا جا نظارا ڏسي کلندو آهي. سچي پچي جاڻ ڏٺيءَ سگوري کي آهي. وڏيڪ هن ڏسَ ۾ وڏا وڏا ڊاڪٽر ۽ ويج ٻڌائي سگھندا تہ وهائيءَ جو ڪم ڪيئن ٿو ٿئي يا وري وڏا ڌرمي منش ان لاءِ ڪجھہ چئي سگھندا. آءٌ هن لاءِ وڌيڪ ڪجھہ بہ نہ چوندس. اوهان وڏا ٿي پڇا ڪري 'وهائيءَ' تي ڪو وڏو ليک لکجو تہ اوهان جو بہ جَسُ ڳائجي.

*

# سنڌي ادبي بورڊ پاران
# ٻاراڻي ادب تي ڇپايل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| شيطان جي ناني | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| وامق عذرا | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ڀائي وائي ڀائي وزو | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| لٻا خان درزي ۽ خليفو کهنگ | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| پٽيل اکيون ۽ پوريل اکيون | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| شهزادي قدم برگ | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| عجيب طلسم | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ٽي ديو يا راڪاس | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| نيلو پکي | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ٻه جاڙا ڀائر | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| شهزادي محبوب جي آکاڻي | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| رستم | مرزا قليچ بيگ | 12/= |
| ڇهه ڇهه پئسا ٻه ٻه پايون | ڪشنچند بيوس / مرتب نصير مرزا | 30/= |
| واندڪائي جي وندر | مخدوم محمد صالح ڀٽي هالائي | 25/= |
| گرم جون آکاڻيون | خانصاحب مريد علي | 50/= |
| ٻارن لاءِ آکاڻيون | مراد علي مرزا | 25/= |
| ايسپ جون آکاڻيون | ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي | 45/= |
| مهڪار (ٻارن لاءِ شاعري | خليل ”عارف“ سومرو | 30/= |
| سائنس بخشي سونهن | غلام محمد غازي | 30/= |

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـڙِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهه ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بهِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بهِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهه ٽاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نه وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ٻاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)